
امداد حُسيني
ڪِرڙي جهڙو پَلُ
سنڌي ادبي بورڊ

# ڪرڙي جهڙو پَلُ

## امداد حسيني

چپائيندڙ
**سنڌي ادبي بورڊ – ڄامشورو**
2012ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

لُڙڪ هجي ته رکي چِڏيان، ٽِشو پيپر منجهه،
مُٺ ۾ ڪنءَ پڪڙي سگهان، ڪِرڙي جهڙو پَلُ!

# ”سحر“ جي نالي

لوڪان نحو صــرف، مــون مطالع سپرين،
سوئي پڙهيو ســو پڙهان، سوئي سو حرف.

(شاهه ڪريم رحه )

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪرٽي جهڙو پَلُ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ناميار‍ي شاعر **امداد حسينيءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. قمر شهباز لکي ٿو:

”امداد بنيادي طور رومانوي شاعر آهي. هن جي لفظ لفظ، سٽ سٽ، بند بند مان رومانيت جو هڳاءُ پيو اچي. سندس لهجو ٿڌو، ڍِيمو، ڇهندڙ ۽ سڌو (Direct) آهي. ائين جيئن ڄڻ ڪو ڳراٽڙي پائي پيو ڳالهائي. ڪن ۾ هوريان هوريان سُريلي سُس پس پيو ڪري. سندس وار سنواري، تڪي نهاري، پنهنجي مخصوص مُرڪ جي گهراين ۾ لڙڪ لڪائي، من ئي من ۾، ڪڏهن پنبڻن کي، ڪڏهن پيشانيءَ کي، ڪڏهن ڪاڏيءَ جي جرڪندڙ تِر کي، پنهنجن وارا‌سيل تتل چپن سان پيو چمي. شاعري اها، جيڪا ذهن کي تہ ڌوڏي، دهڪائي، لوڙهي، ولوڙي ڇڏي، پر سچ پڇو تہ شاعري اها جيڪا خيال کي زندگي ڏئي، سونهن سوڀيا ۽ چنچلتا بخشي، نرم جسم ۽ گرم ساهن سان سينگاري، ائين اچي آڏو بيهاري، جو خود خلقڻهار ڪويءَ کان چرڪ نڪري وڃي.“

هي ڪتاب **سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو** پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين امداد حسينيءَ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ڇپائيندڙ پاران

سائين امداد حسيني پنهنجي مان ۽ مرتبي جي لحاظ کان اسان سڀني لاءِ گهڻو قابلِ عزت آهي. هن پنهنجي سموري زندگي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. پاڻ گذريل پنجاهه پنجونجاهه سالن کان سنڌ جي مختلف علمي ۽ ادبي ادارن، جهڙوڪ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، شاهه لطيف چيئر ۽ سنڌي ادبي بورڊ سان مختلف حيثيتن ۾ واڳيل رهيو آهي ۽ انهن سمورن ادارن لاءِ هن وس ۽ وِت آهر علمي، ادبي، تحقيقي، تنقيدي ۽ تخليقي ڪم پئي ڪيو آهي. هو ساڳئي وقت ڪهاڻيڪار به آهي ته نقاد به، هن تحقيقي مقالا به لکيا آهن، جيڪي مختلف ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ پيش به ڪيا ويا ته ڪتابن ۽ رسالن ۾ ڇپيا به. هن مختلف رسالن ۽ اخبارن لاءِ ريگيولر ڪالم به لکيا آهن، ته ريڊيو لاءِ گيتن سان گڏوگڏ فيچر، گيت، ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ سيريل به لکيا آهن، ته ساڳيءَ وقت هن ٽي.وي لاءِ به گيت، ڊراما ۽ سيريل لکيا آهن. پر هن جي بنيادي سڃاڻپ هڪ شاعر جي آهي.
سائين امداد حسيني سنڌي ٻوليءَ جو هڪ نامور شاعر آهي. جنهن پنهنجي ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ جي ابتدا ڪئي هئي. سٺ جي ڏهاڪي ۾ هن جي جاندار ۽ اعليٰ ۽ ارفع شاعري جيڪا صحيح معنيٰ ۾ جديد فڪر سان ٽمٽار هئي، تنهن هن کي صفِ اول جي شاعرن ۾ آڻي بيهاريو. تڏهن کان وٺي پاڻ سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ پنهنجي پوري قد ۽ مد سان بيٺل آهي.
هيءُ ڪتاب امداد حسينيءَ جي شاعراڻي زندگيءَ ۾ هڪ نئون سنگِ ميل ثابت ٿيندو. "ڪِرڻي جهرو پَلُ" اُن وقت جي انتظاميہ سائين امداد حسينيءَ کان اهو مجموعو گهرائي ورتو هو، ۽ اڄ کان ٽي سال پهرين اهو مجموعو ڪمپوز ٿي چڪو هو ان جا ٻه پروف به پڙهجي چڪا هئا، پر پوءِ ان کي ترسايو! "ڇيئي: ان کي روڪيو ويو هو. پر زنده شاعريءَ کي" پنهنجن پڙهندڙن/ٻڌندڙن تائين پهچڻ کان ڪير به ترسائي نٿو سگهي، ۽ "ڪِرڻي جهڙو پَلُ" کي مُٺ ۾ بند نٿو ڪري سگهجي. سو، انهيءَ آزاد ۽ روشن پل کي اوهان تائين پهچائڻ جو ڪريڊٽ شايد اسان کي ئي ملڻو هو.
سائين امداد حسينيءَ جي انتهائي سنجيدي، ميچوئر ۽ جيءُ جهنجهوڙيندڙ نظمن، مرصع غزلن ۽ رسيلن گيتن سان سينگاريل هي مجموعو "ڪِرڻي جهڙو پَلُ" شاعر کي اسان پاران سندس سالگره جو تحفو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنا ڪتاب اوهان پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ جناب مخدوم جميل الزمان چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جن جي خاص هدايتن تحت شاعريءَ جو هي حسين گُلدستو ڇپائيءَ پڌرو ڪري رهيا آهيون. اسين اُميد ڪريون ٿا تہ اوهين هن ڪتاب کي پڙهندؤ بہ ۽ دوستن کي تحفي طور ڏيندؤ بہ. ائين ئي هڪ شاعر کي پنهنجي محبتن جو نذرانو پيش ڪري سگهجي ٿو. ڪتاب وٺو، پڙهو ۽ پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪريو- اسان کي توڙي شاعر کي!

**الهڏنوو گهيو**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ
01 ربع الثاني 1433هہ
بمطابق 24- فيبروري 2012ع

ڊاڪٽر الياس عشقي

# ٻه اکر

منهنجي حالت اهڙي ڪانهي جو ڪا وڏي تقرير ڪري سگهان، پر بيمار هئڻ جي باوجود اچي حاضر ٿيو آهيان، جو تقريب اهڙي آهي، اهڙي دوست جي آهي، اهڙي ڪتاب جي آهي، جو ماڻهو رهي نه سگهيو. ڳالهه اها آهي ته ڏهه سال ٿيا جو آءٌ بيمار آهيان ۽ گهر ۾ قيد آهيان. ڏهه ڏينهن ٿيا جو مون کي خيال آيو ته گهڻا ڏينهن ٿيا آهن جو مان ڪتابن جي دڪان تي نه ويو آهيان، سو مان ڪوشش ڪري ڪتابن جي دڪان تي ويندس، ڏيءَ کي چيم جيڪا مون کي وٺي وئي. سنڌي ڪتابن جي اسٽال تي ويس ته ڏٺم ته امداد حسينيءَ جو ڪتاب "هوا جي سامهون" رکيو آهي، اکين ۾ نور اچي ويو. ڏاڍي خوشي ٿي، ڇو جو امداد جو پهريون ڪتاب "امداد آهه رول" جڏهن ڇپيو ته مون کي نه مليو. مون رسالن ۾ پڙهي پڙهي امداد حسينيءَ جو ڪلام ڏٺو، پر ڪتاب ۾ ڇپيل امداد جي ڪلام ڏسڻ کان محروم رهيس- سو، اهو ڪتاب (هوا جي سامهون) وٺي گهر آيس ۽ سوچيم ته پڙهندس رات جو- پر اهو پلجي ويس ته مان پڙهي نٿو سگهان! ڇو جو اڄڪلهه مون تي بيماريءَ جو جيڪو حملو ٿيو آهي، ان ۾ نڪو لکي ٿو سگهان، نڪو پڙهي ٿو سگهان! بهرحال، مون سوچيو ته مان ٿورو ٺيڪ ٿيان ته ڪتاب جو مهورت مان ڪندس.

ٻه ٽي ڏينهن ٿيا جو مون کي دعوتنامو مليو ته مهورت ٿي رهيو آهي ۽ مون سوچيو ته ضرور ويندس. امداد کي ٽيليفون ڪري چيم ته مان ضرور ايندس- ۽ ٿورو ڳالهائيندس به.

مون کي فخر آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي ٽي جديد شاعر آهن- اياز، تنوير ۽ امداد ٽنهي سان منهنجي دوستي رهي آهي. ٽنهي سان گهڻي ويجهڙائي رهي آهي. پر انهن ٻن جو مان احترام ڪندو آهيان. پر امداد سان مان محبت ڪندو آهيان.

امداد منهنجي خيال ۾، ڪي ماڻهو ٿي سگهي ٿو ته مون سان اتفاق نه ڪن، پر اهو منهنجو خيال آهي ۽ پڪ آهي مون کي، انهيءَ چوڻ ۾ ڪا هٻڪ ڪانهي ته امداد سنڌي شاعريءَ جو پهريون ۽ آخري جديد شاعر آهي. اياز وڏو شاعر آهي. تنوير دوست شاعر آهي- وڏو شاعر آهي؛ پر انهن ٻنهي شاعرن کي مان جديد شاعر نٿو سمجهان. اهي روايتي شاعريءَ جا تمام وڏا شاعر آهن. هنن جو ڪوبه مَٽُ ڪونهي. هنن جو نالو سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ لکبو- پر مان جيڪا ڳالهه ڪريان ٿو ته امداد جديد شاعر آهي، سا رڳو انڪري نه ته مون کي امداد سان محبت آهي.

امداد جڏهن شاعري ڪئي ته مون ڏاڍي غور سان هن جو ڪلام پڙهيو. انهيءَ ۾ مون اهڙي ڳالهه ڏٺي، جيڪا ڪنهن به سنڌي شاعر ۾، نه هتي پاڪستان ۾ ۽ نه هندستان ۾، ڪنهن وٽ ڏٺي هئي. مان انهيءَ جي ثابتي اوهان جي سامهون پيش ڪندس. انشاء الله- امداد شايد پلجي ويو آهي. اوهين هتي وينا آهيو، اوهان سڀن به شايد امداد جي اُها شاعري وساري ڇڏي آهي- پر مان امداد کي ياد ڏياريندس ته تون انهيءَ امداد جو، انهيءَ نوجوان امداد جو، جنهن جو مان ذڪر ڪريان ٿو- تون ٿورو پاڻ سوچ ته اهو ڪهڙو زمانو هو، جڏهن تو "حملو" جهڙو نظم لکيو هو. اڄ مان چئي سگهان ٿو ته سنڌي شاعريءَ ۾ نه اڳي ڪو اهڙو نظم هو، نه اڄ آهي- مان چو ٿو چوان ته اهو آهي جديد نظم؟ اهو مان اوهان کي ٻڌائيندس.

امداد حسينيءَ جو اهو زمانو هو جڏهن هن شروعات ڪئي. پوءِ وري ون يونٽ جو سلسلو هليو. اسان جي سڄي شاعريءَ جو رخ بدلجي ويو. وقت جي تقاضا هئي- نيڪ آهي- هڪڙي movement هلي ٿي. نئشنل موومينٽ هلي ٿي. نيڪ آهي، وقت جي ضرورت هئي.

جيترا به اسان جا ليڊر صاحبان آهن، سياسي صاحب آهن، انهن ڪجهه نه ڪيو. اها جيڪا جنگ هئي، اها رائٽرس، ليڪڪن ۽ شاعرن اها جنگ لڙي- ۽ اُن کي ڪٽيو. اهو زمانو هليو ويو، پر اڄ تائين اهو سلسلو هلي رهيو آهي. اهي موومينٽس ان لاءِ هلن ٿيون، جڏهن پنهنجي وجود کي خطرو محسوس ڪندا آهن- ته پنهنجي وجود کي قائم رکڻ لاءِ تحريڪون هلائيندا آهن. هلو، نيڪ آ، ترقي پسند تحريڪ آهي- اها به سنڌي ادب جي ۽ اردو ادب جي به، برصغير جي، ننڍي ڪنڊ جون جيتريون به ٻوليون آهن، انهن جي ادب جي وڏي تحريڪ هئي؛ پر تحريڪ ۾ هڪ خوبي هوندي آهي، جيڪا ان جي طاقت به هوندي آهي ته ان جي ڪمزوري به هوندي آهي ته اها "محدود" ڪري ٿي. اُها پنهنجي اغراض ۽ مقاصد تائين محدود هوندي آهي- پر جڏهن اُها پنهنجو مقصد حاصل ڪري ونندي آهي ته اُن جي اها طاقت ختم ٿيندي آهي ۽ نعريبازي شروع ٿيندي آهي- ۽ نعريبازيءَ تي ختم ٿيندي آهي.

امداد جو اهو جيڪو زمانو هو، جنهن جو مان ذڪر ٿو ڪريان، انٽرنئشنل ٿنڪنگ (International thinking) جو - بين الاقوامي سطح جي ٿنڪنگ (Thinking) جو زمانو هو، جيڪو ان کان اڳي به ڪونه هو، ان کان پوءِ به اُها ڳالهه شروع نه ٿي آهي- ته امداد کي مان وري چوندس ته پنهنجي انهيءَ زماني کي تون وري ياد ڪر! انهيءَ امداد کي پنهنجي تصور ۾ آڻ، ته هو ڇا ڇا چاهيندو هو- ڪهڙا هن جا خيال هئا ۽ هن ڇا لکڻ ٿي چاهيو! مان سمجهان ٿو ته اهو ڪتاب جيڪو مان پڙهي نه سگهيس ۽ انشاء الله جڏهن مان نيڪ ٿيندس ته ضرور پڙهندس ۽ لکندس به- ته انهيءَ

جو خيال ڪر. مهرباني ڪري پنهنجو اهو لاڙو، جيڪو محدود نہ هو، جنهن ۾ انٽرنئشنل ٿنڪنگ هئي، بين الاقواميت هئي، آفاقيت هئي، انهيءَ سلسلي کي وري شروع ڪر. مون کي پڪ آهي تہ هن نئين مجموعي (هوا جي سامُهون) ۾ اهڙو ڪلام ضرور هوندو، جنهن ۾ اُهو جيڪو نوجوان امداد آهي، اُن جا خيالات ضرور هوندا- مان اوهان جو وڌيڪ وقت نہ وٺندس- نہ ئي مون ۾ طاقت آهي. مان جيڪو سنڌي شاعريءَ جو ترجمو ڪيو هو اردوء ۾- پنجويهن ٽيهن شاعرن جو- ان ڪتاب (1) ۾ مون ان نظم "حملو" جو ترجمو ڪيو هو، اصل ڪتاب تہ مون کي نہ مليو، پر مان اهو اردو ترجمو اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪندس- انهيءَ عرضداشت سان تہ جيڪو نظم اردو ترجمي ۾ اچي ايترو forceful ٿي سگهي ٿو، اهو نظم سنڌيءَ ۾ ڪهڙو هوندو! مان اهو ٿو چوان تہ هي انٽرنئشنل نظم آهي- بين الاقوامي خيالات آهن هن ۾ ۽ هي محدود ڪونهي- ۽ اصل امداد اهوئي آهي، جيڪو اهڙا نظم لکي ٿو:

شب کے شبخون میں اک تیرہ شبی کا خنجر
دہر کے سینۂ بیدار میں حسب معمول
وار بھرپور تھا، پیوست ہوا قبضے تک
رو کے خاموش ہوئی گنبز مسجد میں اذاں
میوزیم میں کہیں اوندھی گری گوتم کی شبیہ
نے شکستہ ہوئی، نوحے تھے نہ نغمے باقی
جام زہراب کا یونان کے دانا نے پیا
ایک ماں گرجے کے دروازے کے آگے آکر
کوڑے میں ڈال گئی اپنے گناہوں کا حساب!
شہر کے لاش کو ڈھانپا تھا سیہ چادر نے
روح انسان پہ چھائی ہوئی تاریکی قبر
ہر طرف پھرنے لگے درد کے تنہائی کے دیو
شہر کی گلیوں کو سنسان سمجھ کر آئے
کتنے ویرانی و خاموشی کے چور اور ڈاکو
سرد اور تیز ہوا دیتی ہے در پہ دستک

کوئی انساں ہو تو ہو شہر کے ماتم میں شریک
یا کوئی چیخ کہ ہو جشن جہنم میں شریک
ٹوٹتا تھا در و دیوار پہ چپ کا جادو
اپنے ہی گوشت کو خود نوچتے پاگل کتے
بیوہ چورنگی پہ استادہ تھا اندھا سگنل

## ڪو لکي سگهي ٿو اهڙيون سٽون؟

چاپ قدموں کی نہ جانے تھی کہاں سوئی ہوئی
جانے دم توڑ گئے چوڑیوں کے راگ کہاں
کتنے سینوں میں کہاں بجھ گئیں دل کی شمعیں
چشمے آنکھوں کے خدا جانے کہاں خشک ہوئے
نہ کہیں حسن و حقیقت، نہ کہیں سوز نہ ساز
ہار سنگھار چتاؤں میں جلے راکھ ہوئے
اور خدا جانے کہاں گم ہوئے اس شہر کے لوگ
کس جگہ تھم گئے رقاصہ کے مدہوش قدم
مضطرب رقص کہاں، جاگتے سوتے پھنتے
کب سسکتے ہوئے کسی قید میں خاموش ہوئے
جاگتے رنگ کہاں سوگئے، کس سے پوچھیں
ہوا خوشبو کا جگر چاک کہاں، کون بتائے

شاہراہوں پہ کہیں سڑتی گٹر کی بدبو
ایسا دوزخ کا اندھیرا ہے کہ دم گھٹتا ہے
چشم ساقی میں خدا جانے کہاں اشک بھر آئے
کس نے ایسے میں خدا جانے کہاں جام اُلٹا

رات جلاد تھی پیتی ہی رہی جام شراب
رات قاتل بھی تھی، مردود بھی تھی، قہر بھی تھی
رات ظالم بھی تھی، صیاد بھی تھی، زہر بھی تھی
رونے والا، نہ کوئی اشک بہانے والا
تھا کوئی شہر کی میت نہ اٹھانے والا

## ڪو لکي سگهي ٿو؟

غسل اس لاش کی میت کو اب آکر دے کون
کون اس لاش پہ اب ڈالے غلاف کعبہ
کون اس لاش کو سنگھار کرے پیار کرے
کون اس لاش کی پیشانی کو روکر چومے
کون اس لاش کا دیدار کرے آخری بار
سرد رخسار سے کون اس کے ہٹائے زلفیں
کون اس لاش پہ اب ڈالے گلوں کی چادر
کون اس کی سر بالیں پہ چلائے لوبان
کون ہو مرثیہ خواں، کون کرے غم اس کا
آخری سجدہ تعظیم بجا لائے کون!

ہوگا اس شہر کا بھی ہمدم و ہمراز کوئی
ہوگا اس شہر کا بھی مونس و مساز کوئی
کوئی اس شہر کا دلبر کوئی ہوگا محبوب
کچھ تو اس شہر کا حسن اس کی جوانی ہوگی
کچھ تو اس شہر کے عاشق کی نشانی ہوگی

ہوگا اس شہر کے بچے کا تبسم کوئی

**ڏسو ڪيئن تو لکي:**

ہوگا اس شہر کے بچے کا تبسم کوئی
ہوگا اس شہر کی لوری کا ترنم کوئی

سرد اور تیز ہوا دیتی ہے در پر دستک
کوئی ہے بھی کہ ہو اس شہر کے ماتم میں شریک
چیخ ہی کوئی سہی جشن جہنم میں شریک

در زنداں ہو آہستہ سے دا آخرکار
زرد مہتاب اٹھا، تاروں کی زنجیر کٹی
ہوئے افلاک کے پھر دار و رسن آویزاں
پھر کہیں یادوں کے تابوت میں اُترا ہے ذہن

دل کے بغداد کو تاتاریوں نے لوٹ لیا
مانگ میں سندھ کے خطرے سے مچی چیخ و پکار
مست آنکھوں کی جمیلا کا تبسم تھا نہ اشک
خون میں سرخ تھا سینے کا مقدس کانگو
ہیروشیما میں ہوئے ایٹمی دجال آباد
آرزؤں کی ثریا کا مقدر تھا طلاق
بخت کا شوخ کینڈی ہوا گولی کا شکار
تاج محلوں کے کنول روئے سویروں کے لیے

ہر گنہگار محبت کا ہے انجام یہی
ہر طرفدار صداقت پہ یہی تہمت ہے
ہر وفادار محبت پہ ہے الزام یہی۔

ڏسو جيڪو ڪلام ترجمي ۾ اڃي پنهنجو اهڙو فورس برقرار رکي سگهي ٿو. مان چوان ٿو تہ هي اهڙو نظم آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري، ڪهڙي بہ هنڌ، ڪهڙي بہ فورم تي، ڪهڙي بہ زبان جي شاعرن آڏو ان کي پيش ڪجي تہ هرڪو ان جي درد کي محسوس ڪندو. اهائي ان نظم جي عظمت آهي- اهو آهي امداد حسيني.

دل تہ چئي ٿي تہ اڃا بہ گھڻو ڪجھ چئي ماڻهو- پر همٿ بہ ڪانهي ۽ وقت بہ ڪونهي. انهيءَ ڪري مان امداد جي توجھ ان موضوع ڏانهن ڇڪايان ٿو- ۽ وري بہ چوندس تہ هن جو اصل ميدان، هن جو اصل فڪر، هن جو اصل لاڙو بين الاقواميت ئي آهي. انڪري مان هڪ ڀيرو وري بہ چوان ٿو تہ امداد حسيني سنڌي ٻوليءَ جو اڄ تائين هڪڙوئي جديد شاعر آهي- ۽ مان نٿو سمجهان- بلڪ مان تہ چوان ٿو تہ امداد حسيني ڀھريون ۽ آخري جديد شاعر آهي سنڌيءَ جو.

مون اوهان صاحبن جو گهڻو وقت ورتو- معاف ڪندا- ۽ مان ٿورائتو آهيان تہ مون کي موقعو ڏنو ويو تہ منهنجا جيڪي خيالات آهن، سي مان اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان- شڪريو. مان اوهان جو ٿورائتو آهيان جو اوهان ڏاڍي توجھ سان مون کي ٻڌو.

---

[1] موج موج مهران

قمر شهباز

# سِٽ چڻ هٿ ـ لڪير

امداد حسيني بلڪل ائين آهي جيئن هڪ شاعر کي هئڻ گهرجي. سندس هر ادا ۾ شاعري آهي. سندس حليو، لهجو توڙي رويو جڳ کان ڌار، مختلف ۽ الڳ ٿلڳ آهي. تمام گهٽ ڳالهائڻو اسان جو هيءُ دوست پرئي ميلي ۾ به اڪيلو اڪيلو لڳندو آهي ۽ پنهنجي تنهائيءَ ۾ به سوين ميلا ساڻ ڪٽي سيلانين جيان سفر ڪندو رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته بلڪل معصوم ٻار لڳندو اٿم. مٿس پيار به ائين ئي ايندو آهي جيئن ڪنهن ابهم جي پهرينءَ هُونگر تي اوچتوئي اوچتو پلتجي اچي. ويني ويني بي ساخته ٽهڪ اهڙو ڏيندو جو لڳندو ته سوين ٽانگڙ ٽڙي پيا. نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾. پنهنجيءَ ڌن ۾ مست، گفتگو ۾ نهنائي، نماڻائي، عاجزي ۽ سادگي. پرائي پچار کان ڪوهين ڏور، ڪنهن دل آزاري ڪيس به ڪٽي ته هلڪو مسڪرائي ماٺ ٿي ويندو. مرڪ جو اهو موهيندڙ هٿيار هن وٽ هر مرض جو علاج آهي. پيار، پنهنجائپ، پسندي، ناپسندي، ڪاوڙ، حجاب توڙي لاجوابيءَ جو اظهار لفظن ۾ گهٽ، مرڪ سان وڌيڪ ڪندو آهي. "رول" جو الزام ته هن پاڻ تي پاڻ ئي هنيو آهي، ورنه ذاتي زندگيءَ ۾ گهر کان به قدم ٻاهر رکڻ لاءِ به ڪيس سحر جي اک جي اشاري جي ضرورت پوندي آهي. ذهني هم آهنگي هن جوڙي کي منفرد بنائي ڇڏيو آهي. هڪ کان سواءِ ٻئي جو تصور ئي ناممڪن ٿي پيو آهي. علم ۽ ادب جي دنيا ۾ ڪي ٿورا اهڙا خوشنصيب هوندا جيڪي رنڊٽي تي گهٽ، ادبي صنفن تي وڌيڪ ڳالهائيندا هوندا. سندن انهن ئي ادبي لاڙن ٻنهي جي سوچ توڙي لکڻين ۾ هڪ وڻندڙ maturity پيدا ڪري ڇڏي آهي.

امداد شاعراڻي ماحول ۾ اک کولي، ٽڪڙائي شاعر ته هونئن ئي مشهور آهن، پر امداد کي ته شاعري مورڳو ورثي ۾ ملي. ظاهر آهي مٿس ماحول جو گهرو اثر پيو. روايتي غزل جو ميدان هن به جهاڳيو، پر سنڌ ۾ هلندڙ تحريڪن ڪيس روايتن جا ٻنڌڻ ٽوڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ هُن پنهنجي لاءِ هڪ نئين، نرالي ۽ انوکي راهه جو انتخاب ڪيو. منهنجي خيال ۾ امداد جي انا ڪيس هميشه ٻين کان ڌار ۽ مختلف ٿيڻ تي مجبور ڪيو. هن قومي شاعري به ڪئي ۽ اجا تائين ڪئي نه ڪئي سندس لفظن جي اندروني تهن ۾ سنڌ جي درد جي پيڙا جو پڙلاءُ پيو گونجي، پر هن جي عقيدت ۽ محبت جو انداز عامياڻو ناهي.

۽ نہ وري هن جي شاعريءَ جي هيئيت (Form) گسيل ڦِٽل گسَ جهڙي محسوس ٿيندي. هن پنهنجون راهون، پنهنجون واهون پاڻ جوڙيون آهن. تجربا ڪرڻ هن جي فطرت ۾ شامل آهي ۽ اهي تجربا ڪيس سندس همعصر شاعرن ۾ منفرد حيثيت ڏين ٿا.
امداد بنيادي طور رومانوي شاعر آهي. هن جي لفظ لفظ، سٽ سٽ، بند بند مان رومانيت جو هڳاءُ پيو اچي. سندس لهجو ٽڙو، ڌِيمو، ڇهندڙ ۽ سڌو (Direct)آهي. ائين جيئن ڇڻ کو ڳراٽڙي پائي پيو ڳالهائي. ڪن ۾ هوريان هوريان سُريلي سُس پس پيو ڪري. سندس وار سنواري، تڪي نهاري، پنهنجي مخصوص مُرڪ جي گهراين ۾ لڙڪ لڪائي، من ئي من ۾، ڪڏهن پنبڻن کي، ڪڏهن پيشانيءَ کي، ڪڏهن ڪاڏيءَ جي جرڪندڙ تِر کي، پنهنجن واراسيل تتل چپن سان پيو چمي شاعري اها، جيڪا ذهن کي تہ ڌوڏي، دهڪائي، لوڙهي، ولوڙي ڇڏي، پر سچ پڇو تہ شاعري اها جيڪا خيال کي زندگي ڏئي، سونهن سوڀيا ۽ چنچلتا بخشي، نرم جسم ۽ گرم ساهن سان سينگاري، ائين اچي آڏو بيهاري، جو خود خلقڻهار ڪويءَ کان ڇرڪ نڪري وڃي. اهڙي شاعري فقط امداد ئي ڪري سگهي ٿو:

آرسيءَ ۾ جو ڏنائين خود کي
تہ اهو پاڻ چيائين خود کي:
"پاڻ اڳ ۾ بہ مليا آهيون ڪٿي
پر ڪٿي سو تہ نٿو ياد اچي!"

هن وٽ تمام سولن لفظن ۾ گهاٽي ۽ گهري ڳالهہ ڪرڻ جي جادوگري بہ آهي. نہ لفاظيءَ جا ڪوٽ ٿو اڏي، نہ مومل جي ماڙيءَ ۾ ناتر واريون گوهيون ۽ نہ وري تجريدي تشبيهن جا اجايا سجايا اولڙا، بس، ائين ئي سيڪجهہ چيو ڏئي جيئن ڪو سادو سُودو ماڻهو پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪندو آهي. سادگيءَ سان، سچائيءَ سان، پنهنجائيءَ سان:

جي تون چاهين
رات بہ توسان رَسَ ۾ آهي
چنڊ بہ تنهنجي گس ۾ آهي
سيڪجهہ تنهنجي وس ۾ آهي
جي تون چاهين!؟

رومانيت امداد جي نس نس ۾ سمايل آهي. اها سندس فطرت جو حصو آهي جنهن کان هو ڪنهن پر بہ پاند ڇڏائي نٿو سگهي:

چنڊ جهومر ڪري تارن سان سجايان توکي،
اڄ تہ اڄ رات جو توساڻ ملايان توکي،
جهانءِ جهرٽي جي ٻڏئي ڏينهن لنگهي ويا آهن،
اڄ تہ ڪوڙو سچو روئي بہ ڪلايان توکي!

روايتي غزل کان آزاد نظم جي تجرباتي انوکين گهٽتن تائين جو سفر امداد لاءِ فقط Form جي تبديليءَ تائين محدود ناهي. ان ڊگهيءَ مسافريءَ دوران هن جي شاعري سندس ذهن جي مختلف ڪيفيتن جي عڪاس پڻ آهي. لفظن، تشبيهن، علامتن توڙي اشارن ۽ رَوَين ۾ پڻ مرحلي وار بدلاءُ ايندو رهيو آهي. موضوعن جي تبديلي تہ هر حال ۾ اٽل هئي. امداد جهڙي حساس ۽ ترقي پسند ليکڪ لاءِ ملڪ ۾، خاص طور سنڌ ۾ ٿيندڙ سياسي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي واقعن کان منهن موڙڻ ڪنهن بہ طور ممڪن نہ هو. ون يونٽ جي تحريڪ دوران هو بلڪل نوجوان شاعر جي حيثيت سان ادبي محاذ ۾ داخل ٿيو. ظاهر آهي تہ هُو ان دور جي ڪڙاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو هوندو، هيءُ اهو زمانو هو جڏهن سنڌي نوجوان هڪ ئي وقت ٻن جدا جدا محاذن تي وڙهي رهيا هئا. هڪ، سرڪار ۽ ٻيو پنهنجا غدار ۽ ٽڪي ٽڪي تي وڪامندڙ سياسي رهنما:

صدين کان پوءِ
اسيمبليءَ ۾
پوتار بہ آخر ڳالهايون
پهريون پيرو
هڪ ڪدڙي کي پُٽ ڄائو
سورج اولهہ کان اُڀريو
آڏيءَ آڏي پيچ پني
مادي ڪڪڙ ٻانگ ڏني!

هنن ئي ڏينهن ۾ امداد "روح رهاڻ" رسالي جي ڪَورَ تي هر مهيني هڪ شعر لکي حالتن مطابق پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو. پندرنهن سال لاڳيتي هلندڙ هيءُ جنگ سنڌي اديبن پنهنجي قلم سان لڙي. هڪ طرف حڪمرانن ۽ سندن چاڙتن جا ڪٽڪ هئا ۽ ٻئي طرف خالي هٿين ۽ ننڍڙن ليکڪن جون لکٽيون هيون. ان سموريءَ ويڙهاند کان پوءِ جڏهن ون يونٽ جا زنجير ٽُٽا تہ ملڪ بہ اڌ ٿي ويو. سنڌ هڪ دفعو وري صدمي کان ٻي

حال ٿي وئي. پُٽي صاحب جي اچڻ کان پوءِ اميد هئي ته اسان جي دردن جو درمان ٿيندو، پر جلدئي هڪ دفعو ٻيهر ضياءُالحق جو مارشل لا سنڌي قوم لاءِ مايوسين جو پيغام کڻي آيو. اها مايوسي، بي يقيني ۽ پريشاني اڄ به موجود آهي. سنڌ دشمن قوتون اڳ کان وڌيڪ اڳريون ٿي چڪيون آهن. اهڙين حالتن ۾ سنڌ جا سچا شيدائي هڪ پل لاءِ به مزاحمتي ادب کان وانجها ويهن، سا اڻ ٿيڻي آهي. امداد ان سموري عرصي ۾ وڏيءَ همت سان ڌرتيءَ جو قرض چڪايو:

ڌرتيءَ کي مان ڪِنءَ ڇڏيان، ڌرتي منهنجي مگَّ،
هيءَ ته منهنجي لڄَ آ، هن سان ست ئي سگ.

هن جو سنڌي قوم لاءِ ڏنل پيغام هاڻي دائمي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي، جو ته هاڻي پڪ ٿي وئي آهي ته اسان جي جدوجهد سالن نه بلڪ صدين تائين قائم رهندي. بقا جي جنگ ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل نه ٿيندو آهي. ڏينهن نه ڳڻبا آهن. وقت نه ڏسبو آهي، غيرت جا ماڻ ماپبا آهن. لاشن جا انبار ڪتبا آهن. سوريءَ جا سَنڪا ڳڻبا آهن:

هڪ سِر آهي، سَوَ ته ناهن،
سوريءَ سيج سجائي رکجو.
پير پٿون ۽ پٽ پٽرائون،
ويتر وکَ وڌائي رکجو.
گهگهه اونداهي، تيز هوائون،
دل جو ديپ جلائي رکجو.

امداد جي مزاحمتي شاعريءَ کيس هميشه جوان رکيو آهي. هُو هر دور جي نوجوان باغين جو سورمو آهي. ڪلهه به، ۽ اڄ به، هر نئين پيڙهيءَ جي جذبن جو عڪاس امداد ئي رهيو آهي. امداد کي ڪنهن اوچي سنگهاسڻ تي ويهارڻ بدران سنڌ جي هر ويڙهاڪ نسل کيس پاڻ سان گڏ رکيو آهي. جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. پنهنجو سمجهيو آهي. پاڻ مان سمجهيو آهي. تڏهن ته امداد پنهنجي ڌرتيءَ، ماڻهن ۽ مارن جي دل جي دانهن کي پنهنجيءَ جيءَ مان جهونگارڻ لاءِ آتو آهي:

تند ٻُري ٿي ڪجهه ته گهري ٿي
تند ٻُري ٿي ڪنڌ گهري ٿي
سپ کان سٽيو سَنڌ گهري ٿي

ڏيل- ڏيي جي لات مڱي تي
ٻيروءَ ٻاڙها ٻات مڱي تي.

اهو بہ رومانس آهي، وطن سان محبت، ديس جو درد ۽ ڏيهہ تي ڌاڙيءَ خلاف احتجاج. اهو بہ رومانس آهي. سنڌ جي سَنڌ سَنڌ ۾ پريل زهر تي تڙپي اُٿڻ. ڏُولهن جي پيرن ۾ پيل زنجيرن تي ماتم ڪرڻ، سندن ريٽي رت سان رڱيل ڌرتيءَ تي سجدو ڪرڻ، اهو بہ رومانس آهي. سنڌ جي چپي چپي کي محبوب جي انگ انگ جيان چاهڻ، پوڄڻ ۽ پرپائڻ، اُن جي خوشيءَ تي مُرڪي ڏيڻ ۽ اُن جي غم تي ڳوڙها ڳاڙڻ، اُن جي دشمن تي وري وري وار ڪرڻ ۽ سڄڻ جي هر ادا کي پيار ڪرڻ، اهو بہ رومانس آهي. اسان تہ رومانس کي فقط هڪ رنگ، هڪ ڍنگ، هڪ انگ ۾ ئي ڏٺو آهي، پر هن جا تہ ڪئي روپ سروپ آهن، ڪئي اولڙا ۽ ڪئي زاويا، ڪئي چهرا، ڪئي شڪليون، ڪئي شبيهون آهن. مٽيءَ جي مهڪ کان ويندي چانڊوڪين جي ڇهڪ تائين، سنڌوءَ جي وَهڪ کان ويندي ٿاڙوءَ جي ٿهڪ تائين، سينواريل سيني کان ويندي سرسبز فصل تائين، پاٽيءَ جي پائڻ کان ويندي وڇڙيلن جي وصل تائين، رومانس ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

وهہ ڪٿوريءَ ڪنان شال وِترو وهي
لهر تنهنجي مڙوئي هجي لال شال
واءُ توتي سدائين سٺائو وري
۽ مهاٽن مٿان مهر سائين ڪري
هر مهاٽي ڏيا جو ڏيو ٿي ٻري
سڙهہ ساڃا ڪري شال ٻيڙي تري
۽ سندن ٻارڙا ڪوجهڙا ڪارڙا
شال لڏڙن جيان تڙڳندا ئي رهن...

ان ئي رومانس ۾ هو پنهنجي ذاتي پيڙا کي بہ وساريو ڇڏي. اها هن جي مجبوري آهي، لاچاري آهي، بي وسي آهي. ڌرتيءَ جا متوالا دل جي دنيا تياڳي ڇڏيندا آهن. امداد جي محبتن جا ڪئي مدار آهن، پر هن جي اوليت وري بہ پنهنجيءَ مٽيءَ ۽ پنهنجن ماڻهن لاءِ آهي. سندن مرجهايل چهرن کي ڏسي هُو لڙڪ لاڙي ٿو ويهي. سندن جهريل جهوپن کي پسي هو وياڪل ٿي ٿو وڃي. سندن غربت سندس دل دکائي ٿي ڇڏي:

مون کي معاف ڪجانءِ مسافر
جي مان توکان

مانيءَ ڏانيءَ
پاٽيءَ چاٽيءَ
جو نہ پڇان!
منهنجي ڦاٿل ساٿل جهوليءَ ۾
ماني ناهي
ڏاني آهي
منهنجي سِيرُون سِيرُون ٻُڪ ۾
پاٽي ناهي
چاٽي آهي
مان پاڻ بکيو ۽ پياسو آهيان!
مون کي معاف ڪجانءِ مسافر
جي مان توکان......

ڌرتيءَ سان ڪمٽمينٽ لاءِ نہ نعرن جي ضرورت آهي نہ هوڪارن جي ۽ نہ وري للڪارن جي. نهائينءَ جو نينهن آهي، مانو ٽيٽو ناهي. جن سان جند جڙي وئي، سي تہ هنئين ۾ هُرندا ئي رهندا. پيار جا پيچ آهن، ڪَتيءَ بنان ڪينءَ ڪٽبا؟ امداد تہ فينڪس (Phoenix) پکيءَ جيان آهي جيڪو پنهنجي هڪ طرفي پيار ۾ سُريلا گيت ڳائيندو هوائن ۽ فضائن ۾ اوچو اڏرندو رهندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي ئي اندر جي اساٽ ۾ جلي خاڪ ٿي ويندو آهي ۽ ڌرتيءَ تي ڇٽيل پنهنجي ئي خاڪ مان ٻيهر جنم وٺندو آهي:

ٿي چڪي ٿي چڪي ٿي چڪي ٿي چڪي
جا بہ ٿيڻي هئي ماجرا ٿي چڪي
هر ستم ٿي چڪو، هر جفا ٿي چڪي
هر ڏيي جي مخالف هوا ٿي چڪي
ابتدا ڪا ڪريون، انتها ٿي چڪي!

امداد پيارو شاعر تہ آهي ئي، پيارو انسان بہ آهي. هن جي سانتيڪي سيني ۾ ڪيترا طوفان لڪل آهن، انهن جو ڪاتو تڏهن لڳائي سگهبو جڏهن ڪاڳر تي اُتاريل سندس من جي ياونائن جو مطالعو ڪبو. هو ڪجهہ چوي نہ چوي، ڪُڇي نہ پڇي، گهري نہ گهري، هُو اسان جي گهرج آهي. اسان جي سوچ جو سنديسو آهي. اسان جي اندر جو آواز آهي. اسان جي احتجاج جو انداز آهي. هيءُ ڪتاب، "ڪِرڻي جهڙو پَلُ" جنهن ۾ سندس

شاعريءَ جا املهہ ماڻڪ جرڪن ٿا ۽ رابيل مهڪن ٿا، سو هاڻي سندس نہ رهيو آهي- اسان سيني جو آهي، ڇو تہ امداد بہ اسان جو پنهنجو ئي تہ آهي.

مون ڪان جيڪڏهن ڪو هڪ سٽ ۾ امداد جون وصفون پڇي تہ جيڪر هئن چوان: "گهڻو لکڻ، ٿڪو لکڻ، سنو لکڻ".

لِکڻ لَکڻ سين جن بدلائي، ماڻهن جي تقدير،
ڪيڏي سڪ سين سِٽَ لکيائون، جهڙي هٿَ لڪير!

# پَلُ، وقت، سمئہ

ڪڏهن دل ٿيندي آهي تہ زندگيءَ جي وهڪري ۾ گهاگهائي گهڙي پئجي:

ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهِڙن جي

ڪڏهن وري اُهائي دل سيڪجهہ ڇڏي ڏيڻ، تياڳڻ چاهيندي آهي.
سيڪجهہ! (جيئن ڪنهن ڏاهيءَ ڏس بہ ڏنو هوم)، ها، سيڪجهہ-
سواءِ ڪَوِتا جي، ها، ڪَوِتا جي- جيڪا مون سان آهي.
سدائين ڪان، ازل ڪان- نہ پر ازل ڪان بہ اڳي- ۽ ابد تائين.
بلڪ ابد ڪان پوءِ بہ گڏ هوندي مون سان!

ازل ابد هڪ وِڪَ آهي، ڪنهن بہ ڪويءَ جي لاءِ!

مون تہ هر پل ڪوتا- لڙيءَ ۾ پُوئڻ گهريو آهي:

لڙڪ هجي تہ رکي ڇڏيان، ٽِشو پيپر منجهہ
مُٺ ۾ ڪنءَ پڪڙي سگهان، ڪِرٽي جهڙو پَلُ!

پر اهو ڪِرٽي جهڙو پَل- وقت جو اهڃاڻ، سمئہ جو پرتيڪ-
مُٺ ۾ پڪڙي سگهجي ٿو؟ نہ!
پر ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ پل/ وقت/ سمئہ- اهو ڪِرٽو صرف ۽ صرف شاعريءَ/
ڪَوِتا ۾، جيڪڏهن اُها شاعري/ڪَوِتا آهي تہ، پڪڙي سگهجي ٿو.

**امداد حسيني**
5.9.2007
ڄام شورو، سنڌ

# او منهنجا رَبَ!

جڏهن تيز هوائون پئي لڳيون
تڏهن منهنجي من ۾ ڪوبہ نہ هو
سواءِ تنهنجي
او منهنجا رَبَ!
۽ مون
ڪيڏيءَ نہ سِڪَ اُڪير مان
ڪيڏي نہ ڏيان ۽ گيان سان
تنهنجي لاءِ
نظم پئي لکيو
جڻ
اُهو منهنجو
پهريون نظم هجي
جڻ
اُهو منهنجو
آخري نظم هجي!

## آءٌ اوهان جي آهِيان!

پانڌي چئج وجي، آءٌ اوهان جي آهِيان!

عمر ڪئي جا آچ هئي، مون سان هَڏ نہ مجي-
پانڌي چئج وجي،
آءٌ اوهان جي آهِيان!

ڪوٽ ڪڙا زنجيريون، ايڏيس بند پيجي-
پانڌي چئج وجي،
آءٌ اوهان جي آهِيان!

مارُن ڪارڻ مون سِسِي، سوريءَ ڏانهن سَجي،
پانڌي چئج وجي،
آءٌ اوهان جي آهِيان!

# ڪرڪوواڪووَسُ!

ڏرتيءَ کي مان ڪنءَ ڇڏيان، ڏرتي منهنجي مَگّ،
هيءَ تہ منهنجي لَجَ آ، هن سان ست ئي سَگّ.

ماڻ منجهان تئي ڪينڪي، ڪر ڪو واڪو وَسُ،
راڙو ڪر رانپاڙ ڪو، ڪور ماڻ جو ڪَسُ.

جنءَ رات نري تنءَ باھ ٻري، جاڳي جڳ مڳ جوت،
پري پري ڏي مڏ او موڪي، اوت اجا ڪجھ اوت.

ٻيلا ٻوڙي ويندو آهي، موج پريو مهراڻ،
مُنڌ وئي مهراڻ ٻہ ٻوڙي، ڄاڻي چا اڄاڻ.

منهنجي مارُل، منهنجي ٻاگهل، مومل منهنجي سنڌڙي،
توکي پيٽ ڏيڻ چاهيان ٿو، جندڙي سگهڻي جندڙي.

ڪن ۾ ڳالھ ٻڌائڻ جهڙي، آهي چاهي چَو،
سورج ايري آيو آهي، هاڻي چاجو پَو!

# سپنا ٿي ويا سَچُ

تنھنجا منھنجا
منھنجا تنھنجا
سپنا ٿي ويا سَچُ سمورا
ٿي ويا پورا گيت اڌورا
تارن وانگر سُرَ ڇڙي پيا
مُکڙين وانگر ٽھڪ ٽڙي پيا
ڇُلڪي پيو آ چنڊ جو ساغر
اُٿلي پيو آ سڪ جو ساگر

تنھنجا منھنجا
منھنجا تنھنجا
سپنا ٿي ويا سَچُ سمورا
ٿي ويا پورا گيت اڌورا

سينڌ ستارن سان جھرڪائي
جندڙي ٿي اڄ جھومي ڳائي
لنونءَ لنونءَ ۾ ڪا لھر لُڇي ٿي
مون کان تنھنجا پارَ پُڇي ٿي

تنھنجا منھنجا
منھنجا تنھنجا
سپنا ٿي ويا سَچُ سمورا
ٿي ويا پورا گيت اڌورا

# وِڪَ وڌائي رکجو!

اک ۾ لڙڪ لڪائي رکجو،
مُک تي مُرڪ سجائي رکجو.
سُورن کي سَرچائي رکجو،
پُورن کي پرچائي رکجو.
پير پِٽون ۽ پَٽ پٽرائون،
ويتر وِڪَ وڌائي رکجو.
گهُگهُ اونداهي، تيز هوائون،
دل جو ديپ جلائي رکجو.
هڪ سِر آهي، سَوَ تہ ناهن،
سوريءَ سيج سجائي رکجو.
رات بہ ڪٽندي، باک بہ ڦٽندي،
اکڙين کي جاڳائي رکجو.
ماٺو لُوڻَ لپُون ڙي سائين،
دل جا زخم ڇُپائي رکجو.
ڪندا ڪندا موڙ متي تي،
مکڙين کي مهڪائي رکجو.
لڙڪ سمورا روئي ڇڏجو،
هڪڙي بُوند بچائي رکجو.

# ليڪ

سوير اَوير تہ تي ويندي آ، آهيون سنڌي پاڻُ
پر هي جيڪو ماڻهو آهي، آهي جڻ تہ سُياڻُ

زندانن مان زنجيرن مان، آزاديءَ اهِجاڻُ
ليڪ جنهن جو ڪرتوبہ آهي، ڌرتيءَ نِو نرماڻُ
جنهن جا نيڻ سدائين آلا، پياسي ڪاڻِ نياڻُ

جنهن جي پاڙ اَٿهيئي ويندي، اونهي ڌرتيءَ منجهہ
نيل ڪمل جنءَ نرمل نرمل، پڪين ۾ جنءَ هنجهہ

پاتالن کان گهرو گهرو، اوچو کان آڪاس
سنڌي ٻوليءَ منجهہ لکي پيو، پني تي اتهاس

هن جا مارو ڏکيا بکيا، هن جو جيءُ اُداس
پاڻ ٻہ ٻاري جوت جياري، ٽاري رات اُماس

ٻتيهہ لَکٽا پُٽَ جٽيا جنهن، چٽيهہ لکٽي سنڌ
پُٽَ سَپُٽَ، چِڏي جن اَرپي، ارهي سَرهي جند

لِکڻ لَکڻ سين جن بدلائي، ماڻهن جي تقديرَ
ڪيڏي سِڪ سين سِٽَ لکيائون، جهڙي هٿ- لڪيرَ

* "لاٽ" پاران ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان ملهايل شام ۾ پڙهيل.

# ڪوئي گيت سُڻائي!

ڪوئي گيت ٻڌائي
تنهنجو نہ سهي
منهنجو نہ سهي
ڪنهن جو بہ سهي
ڪوئي گيت سُڻائي!

ڪيسين تائين چَپ چُپ رهندا، ٻول چئو ٻولائي
هر سُر سونو سِڪو آهي سِڪن ڪي ڇڻڪائي
ڪوئي گيت سُڻائي!
اُلجهيل اُلجهيل مَنُ آهي، مَنَ! اُلجهيل ڪي سُلجهائي،
اونداهيءَ جي خاموشيءَ ۾، سُر جو ديپ جلائي
ڪوئي گيت سُڻائي!
ڪوبہ ملهائي يا نہ ملهائي، راڳي تون تہ ملهائي
اڻتيڻيءَ ڪي ٽيڻي ڪر تون، وِجهہ تون وقت ورائي
ڪوئي گيت سُڻائي!
اُلا اُلا آلاپن سان، تن من آڳ لڳائي
شيشو سناتي جو شيشو، پٿر تي اُڇلائي
ڪوئي گيت سُڻائي!
ڪنڌ ڪلهن تي بار لڳي ٿو، ٻيجل تند ٻُرائي
مُک تي مَڙهہ جي ماٺ مڙهيل ڇو، ڳائي ڳائي ڳائي

ڪوئي گيت سُڻائي
تنهنجو نہ سهي
منهنجو نہ سهي
ڪنهن جو بہ سهي
ڪوئي گيت ٻڌائي!

# رات

رڳو سگريٽ ڦوڪڻ سان ئي تہ رات ڪانہ گذرندي!
هُن کي سُڌ هئي اها
پوءِ بہ هُو ائين ڪندو رهيو هو
سڄي رات
دُکندو رهيو هو- هُو بہ سگريٽ جيان
ڪوڙ پيرا سوچيو هئائين
تہ ڇڏي ڏيندو
سگريٽ ڇڪڻ
۽ سگريٽ جيان دُکڻ!
پر رات
اچي ئي ويندي هئي هر شام کان پوءِ!
۽ ڪٽي ايندي هئي پاڻ ساڻ
اُهوئي جاڳڻ ۽ جلڻ!
چوڌار
اُٽي ڇڏيندي هئي دونهين جو جارُ!

## شهر: زهر لهجا!

شهر: زهر لهجا، نقاب هر چهري تي پاتل،
ڳوٺ: گهٽيون واقف، ماڻهو ڄاتل، ڏيک سڃاتل.

اُتي ڪاڏل ڪپڙي وانگي ٽُنَ ٽُنَ سڀ تنُ،
پڳل آنهري من، ٽڪرا ڇهرا ڄاتل اڻڄاتل.

آءٌ نہ پِٽَ ڏٽي، نہ ڪپل وستوُ جو شهزادو،
ڪنور رشتن جون زنجيرون پيرن ۾ پاتل.

ڪُليل گهٽيءَ ۾، بند درين دروازن جي آڏو،
ڦٽل چپن تي ڳيت اُهيئي ڳاتل اڻ ڳاتل.

ڦُلٽا ڄِيَ، ڄراٽيل ڄيرو، سِر تي سورج چٽ،
ڇُلٽن پيرن هيٺان راهون ڄاتل اڻڄاتل.

مانيءَ پور ۾ ڪپڙي ٽُڪرو ناهي سڀ جيون،
جيون ڳلَ ڳرهاٽيون، جيون ڳوڙها ڳل لاتل.

## ڏات تہ تنهنجي تات آ

ڏات بنان ڪوتا اِئين، ڏٽيءَ بنان جنءَ ڏَڻَ،
پري پري تائين رڳو، الف اُگهاڙا وَڻَ.

اڳي پڳو نہ هُئو ڪڏهن، هاڻءُ اسان جو هيئن،
ڪورو ئي رهجي ويو، ڪاڳر جنءَ جو تيئن.

اڪڙين جون مِڙ ڳالهڙيون، جهڙيون پڏرو پَٽُ،
تون تہ صفا ڪو ڄَٽُ ڙي، بنهہ ڪورو ڄَٽُ.

لکڻ لَکڻ آهي سجڻ، پين پنو ناهي،
ڏات تہ تنهنجي تات آ، سا مون وٽ آهي.

رات سُتي مون ننڊ ۾، ڪيون ڪيڏيون ڪِيڪُون،
ڪرائيءَ بنان هٿن جون، ڊهي وييون لِيڪون.

ٻارن ڪي هن عيد تي، دل تي ڪائي زخم،
ڪِلي ڪين خرچي ڏنم، هڪڙو هڪڙو نظم.

ويني ويني اوچتو، ڪو جو پُور پيوم،
ڏيٺ ويٺ تو ساڻ تي، هينئڙو هٿان ويوم.

منهنجي چِت ۾ چورا ڪورا، پورا پورا جيءُ،
هرڪا سوچ لوچ تي آڇي، اڇي اڇي وِهُہ پيءُ.

من آ ياري جهولي خالي، ناڻءُ اٿم امدادُ،
نينهن تہ اهڙي نگري سائين، داد نڪو فريادُ!

پير لڪائن چور چو، ڊور ڊڳو ڪو ڪاهي،
رستو منهنجي ڳوٺ جو، پڪو تي ويو آهي.

## هاڻ تہ هليا!

هاڻ تہ جانان
من تي مَڇَ مڱر
رجهي رهيا آهن رستا
جسم پگهر ۾ شُم
اندر اوٻر، ٻاهر
ڏرتي ٿامو
ڪوري جهڙو ڏينهن!
آڳ اوٻاڇيندو سِجُ
پل پل ديڳ پڪل!

هاڻ تہ جانان
سوچون لوچون
سيخن تي جڻ ماھ هجي
گهُٽَ ٻوسٽُ
لُڪيءَ ۾ جڻ ساھ هجي!

هاڻ تہ جانان
اوڙو پاڙو
جِيون جِيئون
تَن تي لَفظن جو پيٽرول

هاڻ تہ جانان
تن ٿو تاڙي وانگي تاڙي
من جو مورُ ٿهوڪي
هاڻ تہ هليا ڀنيا چوڙي

لوڪ پلي پيو روڪي ٽوڪي
ڪَرُ مَرُ ڪامي پڄري!

اُپ ۽ ڏرتيءَ واري ليڪ لتاڙي
هاڻ تہ هليا
هاڻ تہ هليا!

## مون گيت لکيو آهي!

مون گيت لکيو آهي،
تنھنجي منھنجي باري ۾!

اِن ۾ آهي ذڪر گلابي سانجھيءَ جو
ڪينجھر ۾ ٿي گيت ٻُريو ڪنھن مانجھيءَ جو
تو مون نيڻ کُپايا شام جي تاري ۾

مون گيت لکيو آهي،
تنھنجي منھنجي باري ۾!

ان ۾ آهي ذڪر سُھاين راتين جو
ماڪيءَ جھڙين مِنڙين مِنڙين باتين جو
جيڪي ڪيوسين چاندوڪيءَ جي چاري ۾

مون گيت لکيو آهي،
تنھنجي منھنجي باري ۾!

## ڊائلاگ

تو چيو:
"تيلي نہ ٻار!"
مون سوچيو:
'تيلي نہ ٻارِيندس تہ هي ٻيلو پلا ڪنءَ پٽ ٿئي!'
لڙڪ لهجي ۾ پري
تو چيو:
"تيلي جي ٻاريندين تہ ڪا گولي ڪٿان ايندي- ۽
سيڪجهہ گُل ڪري ويندي هلي
اڄ تہ موٽي گهر هلون!"
انءَ چئي
منهنجي ڪاٻي ٻانهن ۾
ساڄو ۽ ڪاٻو هٿ وجهي
ڊونڊاڙيءِ
۽ سندم هٿ ۾ جهليل ماچيس جو ڪڙڪو ٿيو
مون پُٽِڪيو
"مون کي تہ هن ٻيلي کي آهي ٻارڻو!"
پوءِ ساڄي ٻانهن سان
توکي ڳرهاٽي مون وڌي
۽ چپن تي آخري پيرو چُمي ڏيئي چيم:
"گهر وڃ
اگر تيليءَ کي ٻارڻ کان اڳي يا پوءِ
منهنجي زندگانيءَ جو ڏِيو گُل ٿي وڃي
پوءِ ٻارن کي چُميءَ جو تِلڪ ڏئي
ماچيس ڏج!"

## اونده جو گهاءُ!

ڏيئو آ اونده جو گهاءُ
جنءَ ڪنهن ڏامر جي رستي جو چُٽڙ لتل
جنءَ ڪنهن سانوري سلوڻي مُکڙي تي چِٽيءَ جو چٽو
جنءَ ڪنهن ڪاريءَ ۽ ڪجراريءَ اک ۾ ڦُلو
ڏيئو آ اونده جو گهاءُ
جنءَ ڏکڻ افريڪا تي گورن جو راڄ!

# چنڊ نشي ۾ چُور

سُکَ هئا مِزمانَ، رهي ڪجهه ڏينهن، هليا ويا ڏورُ،
ڏُکَ تہ آهن ساڻ سدائين، ڏور نہ ٿيندا مُورُ.

آ تہ چُمون اڄ چنڊ ستارا، آ تہ لُڏون ٻئي پينگهہ،
هيڪلڙيءَ جي هاڻ ڪٽي ڪر ميڙ منٿ منظورُ.

آءُ تہ ٿڌڙي ڇانوَ ڪيانءِ، آ تہ لهون ٻئي لانوَ،
جڻ تہ آهيان وَڻُ، ڦٿا ٿم گونچ، جهليو ٿم ٻُورُ.

آءُ ليي وچ لالَ، هليا اڄ پيهي وچ پاتال،
انت تري تائين اوسائين، گهُورَ وجهي تون گهُورُ.

هيءَ سُهائي رات الا لا، هيءَ سُريلي سانت،
لِتل اگَڻ تي آءُ اڪيلي، چنڊ نشي ۾ چُورُ.

## مُور نہ ٿيندس ڏورُ!

ڪيڏو بہ ڪٽي مان ڏُورُ وڃان،
توکان مُور نہ ٿيندس ڏُور!

ساهن مان پئي خوشبو ايندي، او جاني توتان گهور وڃان
سُرهو رهندو تنهنجو سُورُ!

ٿَڪ ڪان آهيان چُور ٿيو پيو، وِڪ وِڪ تي ٿو ٿِڙان ٿاٻڙان
پوءِ بہ سارا سُورَ سُرورُ

سانت رات جو چير پير ۾ ، نسَ نسَ مان پور پور مان
پيهي ايندو تنهنجو پُورُ!

منهنجي دل جي ڌڙڪڻ آهين، مان توتي پنهنجو ساھ ڏيان
نيڻن جو تون آهين نُورُ!

او سهڻا من مهڻا سپرين، مکڙين جهڙين ٻن اکڙين سان
وري بہ هڪڙو پيرو گهُورُ!

ڪيڏو بہ ڪٽي مان ڏُورُ وڃان،
توکان مُور نہ ٿيندس ڏُورُ!

# توبن جيون

توبن جيون
جھڙو ڪر بن
جسم هجي جڻ ٽُڙ ۾ ٻانهون ڏار
انهن تي مور رڙن تا
پر ڪا نيل گگن وٽ
بوند هجي تہ وسي!

پاتالن وٽ
اوڳاڇڻ لئہ
رات آهي
ڦتيل سوئر جهڙي رات
چئني پاسي وَڄَ وڄن تا

ڏِسائن وٽ هوائون آهن
پاڳل ۽ چڙواڱ هوائون
تيز لڳن ٿيون
ڏار گسن تا
باھ لڳي تي بن ۾
اُلا وسن تا
دُونهن دُکي تو من ۾

توبن جيون
جھڙو ڪر بن!

# ساٿ جدائيءَ وانگي!

قرب دوريءَ جيان ۽ ساٿ جدائيءَ وانگي
تنهنجي هوندي به اڪيلائيءَ جو احساس ٿئي
ٻارڙن هوندي به پڙپانگ پريو ٻُڪلو گهر!

ڪو وچن ناهه مگر پوءِ به بنواس لڳي ٿو جيون
تون به مون لاءِ جڏهن ٿي ٿي وڃين ماڻهن جان
بيوقوفي ٿو لڳي پيار ۽ بڪواس لڳي ٿو جيون!

# شاعري ٿيندي رهي

جيستائين عاشقي ٿيندي رهي،
تيستائين شاعري ٿيندي رهي.

تو پڙهيو پئي جيستائين او پرين،
اُن پَني تي روشني ٿيندي رهي.

جيستائين نيڻ نيڻن ۾ رهيا،
مئڪشن جي مئڪشي ٿيندي رهي.

مرد جيئري ڪونہ چِڪيا تي چڙهيو،
بس رڳو عورت سَتِي ٿيندي رهي.

جيستائين آءٌ توکان دُور هوس،
هر گهڙي جڻ خودڪشي ٿيندي رهي!

# مَڇُ مچي يا نہ مچي!

پوءِ هي پَلُ رهي يا نہ رهي
گُلَ سان گُلُ رهي يا نہ رهي
ٻِجُ کو نِجُ ڇٽي وٺ ڇورا
پونءِ ۾ پَلُ رهي يا نہ رهي

ٻيون راتيون تہ گهٽيون اينديون پر
پوءِ هيءَ رات اچي يا نہ اچي
رات سورج کي جٽي ڏيندي جا
پوءِ کو مَڇُ مچي يا نہ مچي

پوءِ هي چنڊ چڙهي يا نہ چڙهي
سمنڊ ۾ لهر لُڇي يا نہ لُڇي
اڄ تہ آواز لڳايون گڏجي
پوءِ سياڻي کو کُڇي يا نہ کُڇي!

# اکيون ٿيون ڳالهائِن

چَپ رهن تا چُپُ، اکيون ٿيون ڳالهائِن
پڏرو ۽ لِڪَ چُپُ اکيون ٿيون ڳالهائِن
پاڻ ۾ اينءَ جيئن سَڪيون ٿين ڳالهائِن
اکيون سڪيون رَبَ رکيون ٿيون ڳالهائِن!

# گيت لکون

آءُ تہ گڏجي گيت لکون،
هڪ سِٽ تنهنجي هڪ سِٽ منهنجي.

منهنجا تارا تنهنجو چنڊُ،
ورهاءِ چانڊوڪيءَ جو ونڊُ.
منهنجا لڙڪ تہ تنهنجي مُرڪ،
اک جي اک مان هڪ هڪ سُرڪ.
تنهنجا منهنجا مُٺ مُٺ سورَ،
تنهنجا منهنجا پل پل پُورَ.
آهہ ٻنهي جو اندر اڌَ،
منهنجو مَڌَ تہ تنهنجي سَڌَ.
تنهنجو ڪاڳر منهنجي مَسُ،
اوتي ڇڏ ڪو امرت رَسُ.
تنهنجي خوشبو منهنجا رنگ،
ڪولي ڇڏ وارن جا ونگ.
منهنجا چَپَ تہ تنهنجو نانءُ،
منهنجي ذات تہ تنهنجو ڏانءُ.

آءُ تہ گڏجي گيت لکون،
هڪ سِٽ تنهنجي هڪ سِٽ منهنجي.

# اوتي رت جو تيل

ڳُڻ آ تنهنجو ڳوڻڙو، نالو تنهنجو نينهن،
ڏاهپ تنهنجو ڏيج آ، ذات تہ تنهنجو ڏيهہ.
سورج جهڙي سوپيا، نئين نڪوري نِجُ،
مون ڪان جي ماڙهو پڇن، ڏيانِ ڪهڙو ڏس!
چٽنگون چٽنگون ٿي وئي، اُچلَايل سگريٽ،
دونهن چڏي وئي پوئتان، آلي ٿي وئي اَڪِ.
ذات ڏيي جي وَٽِ ۾، اوتي رت جو تيلُ،
آڌيءَ آڌيءَ رات جو، رَٽُ ٿو روئي ڪير!
ماڻهو آيا اوپرا، ڪُتن ڪئي باهوڙَ،
جاڳي اُٿيا ياڳيا، ٿي وئي چورُ چورُ.
هڪڙي هڪڙي لفظ تي، هڪڙو هڪڙو لڙڪ،
ڏئي سگهو تہ ڏيو پلي، شاعر کي انعام.
بس ڪان ٻاهر ڏيک هو، سائو سائو گاهہ،
لهندڙ سج جا تِروِرا، ٿلندي ٿِلندي شام.
دوهي لڪندي اوچتو، ڪوجو پُور پيوم،
هڪڙي سِٽَ هرويرو، چڏي ڏيان تولاءِ!

# رت جو ريٽو رنگ

گونجي گونجي مري نري وئي، هن ڌرتيءَ جي دانهن،
ٻُڌي سيڻ پر، ڪانہ ڪڍي ڪنهن سيرانديءَ کان ٻانهن.

سندءِ من ۾ آدجڳاد کان، اونهي اونهي ڪڌَ،
ٽڪري ٽڪري روئي روئي، موتي آيا سَڌَ.

هٿ جا ليڪا آمهون سامهون، رت جو ريٽو رَنگُ،
تو مون ڳڌجي جيتي آهي، جُڳن جُڳن جي جنگُ.

پڪڙي ويندي گهري گهري اُفق اُفق نيراڻِ،
اجا بہ اجا بہ مڪڙيءَ جهڙيون، اکڙيون اوري آڻِ.

سِجُ بہ لهندو، چنڊ بہ لهندو، ٻُڪَ نہ لهندءِ مُورُ،
دوڏا نڪري ايندءِ سائين، سهي نہ سگهندين سُورُ.

جيسين ساهہ سِسيءَ ۾ آهي، جڳمڳ آ احساسُ،
تيسين تاءِ امر رهندو هن ڌرتيءَ جو اتهاسُ.

گهايل گهايل پوءِ بہ اُڏاڻو، ٽيڙوءَ ٽيڙوءَ گيت،
مان ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي هان، سرسوتيءَ جو ميت.

# رات ڪا برسات جي

رات ڪا برسات جي ايندي جڏهن
ياد ايندس دوست مان توکي تڏهن

جيڪڏهن ها جيڪڏهن ها جيڪڏهن
ساهه ۾ پرجي وڃي دونهون تڏهن
تنهنجو من اکڙين منجهان ڇلڪڻ گهري
روح جو ڪو زخم جي مُرڪڻ گهري
بحرِ غم مان لهر ڪا اُيرڻ گهري
ٿورڙي همت ڪٿي ڏيڪارجان
تون انهن لهرن کي واپس وارجان
قول جو مون سان ڪيئي سو پارجان

رات ڪا برسات جي ايندي جڏهن
ياد ايندس دوست مان توکي تڏهن

جيڪڏهن ها جيڪڏهن ها جيڪڏهن
دانهن ڪا دل ۾ لڇي ڦٿڪي تڏهن
ڪيتري ڪوشش ڪرڻ جي باوجود
تنهنجي پنبڻن تي پون اٽڪي ٻه لڙڪ
ايترو منهنجو چيو تون سارجان
تنهنجي اکڙين کي چيو هو مون غزل
تنهنجي اکڙين کي چيو هو مون ڪنول
توکي تنهنجو سُنهن نه هنجون هارجان
چو ته بارش ۾ رُنل لڙڪن جو مُلهه
ڪوبه ڪونهي ڪوبه ڪونهي ڪوبه ڪونهي..

رات ڪا برسات جي ايندي جڏهن
ياد ايندس دوست مان توکي تڏهن

# وارَ سنواري ڇڏجان

گُل رکي منهنجي ڪتابن ۾ وساري ڇڏ جان،
۽ جڏهن ياد اچن لڙڪ قطاري ڇڏ جان.

ويندي ويندي بہ مُڙي مون ڏي نهاري ڇڏ جان،
ڏار تلوار جي سيني ۾ اُتاري ڇڏ جان.

چنڊ چوڏهيءَ ۾ هٽي رات هلي آئي آ،
سينڌ سندُور ڀري وار سنواري ڇڏ جان.

منهنجا سِنڌُو منهنجا مهراڻ اڙي جل داتا،
مون کي وچ سير منجهان پار اُڪاري ڇڏ جان.

لڙڪ جو آهہ لڪل روح جي تهخاني ۾،
اَجُ "امداد" اُهو لڙڪ بہ هاري ڇڏ جان.

# هر انگ ڪي بهار چئون

ستم کي جان چئون، درد کي قرار چئون،
اچو تہ حسن جي هر ڪنهن ادا کي پيار چئون.

چپن کي جام چئون، اکڙين کي مئخانو،
خيالِ يار کي اي مئڪشو خمار چئون.

انهيءَ ۾ آهہ ڀلائي تہ هُن جي ڪُوچي ۾،
وفا کي جرم ۽ ديوانگيءَ کي پيار چئون.

هي شهر ننڊ جو شهر آهہ ڪيستاءِ ڀلا،
اسين اڪيلا خبردار هوشيار چئون.

صبا کي آهہ چئو ۽ گلن کي زخم چئو،
تہ پوءِ موسمِ گل کي اسين بهار چئون.

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ حُسين ۽ نگر نگر منصور،
اوهين ٻڌايو تہ ڪنهن کي گناهگار چئون!

اکين جي رُت کي سدا سانوڻيءَ جي رُت سمجهون،
۽ دل جي جيڪا بہ موسم هجي بهار چئون.

تمام عمر اهو مسئلو ئي حل نہ ٿيو،
تہ وصل ڪنهن کي چئون ڪنهن کي انتظار چئون!

ڪري وجي ٿو هي "امداد" ڪنءَ نہ عقل جي ڳالهہ،
اچو اچو تہ چرين کي بہ هوشيار چئون.

# پريت مَن پونري جي!

تنهنجا ڳل ماڪ سان ڌوتل پوتل
انگ ڄڻ رنگبرنگي ڪپڙا
سُونهن سُرهاڻ ۾ وهنتل سنهتل
نہ چُمي توکي تہ ٻيو ڪنهن کي چُمي
سِڄَ جو پهريون ڪِرڻو ڪومل
نہ پِري توتي تہ ٻيو ڪنهن تي پري
پريت مَن پونري جي آهي پاڳل!

# ترائيل لکڻ لاءِ

اڄ ترائيل لکڻ لاءِ پيو من تڙپي
دير کان سامهون آهي پيو ڪورو ڪاڳر
آڄ اهڙي ٿو ڪري هانءُ لچي، تن تڙپي
اڄ ترائيل لکڻ لاءِ پيو من تڙپي

اِيئَن ڦٿڪن پيا جذبا جئين دشمن تڙپي
لفظ هرڪوئي اچي ايئَن لڳي ڄڻ پٿر
اڄ ترائيل لکڻ لاءِ پيو من تڙپي
دير کان سامهون آهي پيو ڪورو ڪاڳر!

## يٽائي تنهنجو نانءُ!

**هن نظم جو پس منظر/پيش منظر لاڪيٽي لطيف جو هي بيت آهي:**

**ڏينهن تتو جهُڙ پانئيان، جهُڙ وسندو مينهن،**
**وڃان تہ پُسنم ڪپڙا، ويهان تہ ٽُنيم نينهن،**
**توڙي ڪائيم شينهن، تہ پہ قولين ڪُوڙي نہ ٿيان!**

يٽائي تنهنجو نانءُ
مون لئہ ذات ۽ ڏانءُ

يٽائي تنهنجو نانءُ
ڦلڙا ڄڀ سان
ڦٽل چپن سان
جڏهن ڳنهان ٿي آنءُ
جيڏين سرتين جي هيري ڪٽيءَ جهڙي ڳالھ بہ ڳُڙ پاسي
پاڙي اوڙي جا وھ وهاٽيل طعنا مِهڻا ماڪيءَ لار لڳن ٿا
لوڪ سڄي جون ٺوڪون ٺهلُون مصريءَ ترڙ ٿيون پاسن
لهسائيندڙ لُڪ بہ هِير هندورو پاسي

جهولي جو ٿي جهُولو جهوُلان
روھُ روُح سان رُلندي آنءُ

**لڪن منجهہ**
**لُڇندي لُڇندي**
**وڻن ٽڻن کان پکين مِرُن کان**
**پار پنهل جا پڇندي آنءُ**
**اِنءَ تي ڏوڙان ڪيچ وطن ڏي**
**پياڪ جنءَ ساغر ڏي**
**ڪوتا جنءَ ڪاڳر ڏي**
**سنڌو جنءَ ساگر ڏي**
**سورج جنءَ اوير ڏي!**

**پٿائي تنهنجو نانءُ**
**ڦلڻا ڄِپ سان**
**ڦتل چپن سان**
**جڏهن ڳنهان تي آنءُ**
**سُڄَ بہ سيج لڳي تي مون کي**
**چوهُ چپر جو چوهہ چمر تو ياسي**
**رُڃَ جو منظر نينهن نگر تو ياسي**
**گوندر منجهہ اگوندر آنءُ**
**اُنن جي اوڳر جون**
**هاڙهي ۾ هبڪارون آهن**
**ڪاڙهي ۾ بہ بهارون آهن**
**ورهہ ڪيون وڏڪارون آهن**
**جاڏي بہ نهاريان تاڏي**
**تنهنجون نيڻ نهارون آهن!**

**رائي ۾ جو رت هاريو مون**
**پڳ پڳ جڻ ڏيئو ٻاريو مون**
**تو جو پانڌ پناهہ جهليو پوءِ**
**واچوڙا پل لَکَ لڳن پر**
**جُڳ جڳاندر تائين سائين**
**اُن جي لاٽ اُجاگر آهي**

ٻات وات ۾
اُن جو نُور نشانبر آهي!

پٽائي تنهنجو نانءُ
ڦلڙا ڄڀ سان
ڦتل چپن سان
جڏهن ڳنهان ٿي آنءُ
پٽر تي پٽراٽيون پانيان
چپون چپر ڪٽ ٿيون پاسن
پَٽُ- پٽيهر پَٽُ لڳي ٿو
چپر چولي
چوليءَ چوليءَ چُلندي آنءُ
اينءَ چلان ٿي ڪيچ وٽن ڏي
مينهن وسڻ تي
جيئن ٽري ڪو ٽر ڏي
پياسو جنءَ ڪو جر ڏي
سنڌو جنءَ ساگر ڏي
سورج جنءَ اوير ڏي!

پٽائي تنهنجو نانءُ
ڏوم تتيءَ ۾
گهاٽي ٻڙ جي ڇانءُ
ڦلڙا ڄڀ سان
جڏهن بہ تنهنجو نانءُ ڳنهان
پنهنجا ڦتل ڦاٽل چَپَ چُمان
تارونءَ تي هي تپندڙ سورج
گهاٽو جهُڙ ٿو پاسي
ڄپيون جيرا
وَڏُ ڦڙو ٿا پاسن
چيرا چيرا
ڪنوٽين جا ڪِلڪار لڳن ٿا

آڳِ ألا
ڦلن وانگي لِڳ ٽڙن ٿا جن تي
رم جهم ميگهہ ملهار لڳن ٿا
واڄا ٺاڄا وڄڙيون
چوڏاري چمڪار لڳن ٿا
سارنگيون سارنگ وڄايون
ڇنن ڇنن ڇيرين جا ڇمڪار لڳن ٿا
گوڙون ۽ گجگوڙون
دهلن جا ڌڌڪار لڳن ٿا
وڻ وِندر جا
جهُومي جهُومي ڏينِ پيا واڌايون
وِندر منجهہ وندرندي آنءُ
نينهن نئين ۾ ترندي آنءُ
انءَ تي اُسهان ڪيچ نگر ڏي
جنءَ ڪو قيدي گهر ڏي
هاري جنءَ ڪو هر ڏي
سنڌو جنءَ ساگر ڏي
سورج جنءَ اوير ڏي!

ڀٽائي تنهنجو نانءُ
جنمن جي پياسيءَ داسيءَ لئہ
تارون تار امرت رس جو ٿانءُ
ٻُڪ ۾ امرت رس جو ٿانءُ جهلي
جڏهن انهيءَ سان
ڦتل ڦاٿل چَپَ چُمايان
نوٽ نڪر جان
تارونءَ سان ڇهُتيل ڄِڀَ پڄايان
تڏهن ائين ٿي ڀانيان
سيد جنهن جو ساٽي آهي
مُنڍ ڪان توڙ ٺاٽي آهي
مظلومن لئہ جو انءَ لازم ملزوم آهي

## جيوت لئہ جنءَ پاڻي آهي

هوت حمايت آهي جنهن جو
تَنهن کي ڪهڙو ڀَو ۽ ڀولو
ڇاجي لُک ۽ ڇاجو جهولو
تَنهن جي لاءِ تہ آرياڻيءَ سان
روح رهاڻيون رڻ جو رولو!
تَنهن جي لاءِ تہ ڄَرَ ڄَراتو
جل ٿل جل ٿل
آري جنهن جي اوٽ ٿئي ٿو
پيڙ پلر پالوٽ انهيءَ لئہ
هن جي هڪڙي مهر نظر سان
سارا سُورَ سُرورَ انهيءَ لئہ

پٿائي تنهنجو نانءُ
ڦلڙا ڇِپ سان
ڦتل ڇپن سان
جڏهن ڳنهان ٿي آنءُ
ٽِپر تي جو ٽاندن جو هي ٽاندؤ آهي
سو ڄڻ ڄَرُ جالارو مون لئہ
لارون لارون ڄڻ تہ جٿائون
ڪاري اُسَ بہ مون لئہ
گهنن گهنن گهنگور گهٽائون
لُوساٽيندڙ تيز هوائون
ڄڻ تہ اُني جون هِيرُون مون لئہ
ڇهي ڏسائون
ڄڻ تہ وُني جون ڪِيرُون مون لئہ
ٽامو ڏرتي
مون کي گُل گلزار لڳي ٿي
ڏکڻ اُتر اولهہ اوير
سڄي سرشٽي پيار لڳي ٿي

رت جي بُوند ڪِري ٿي جاتي
سرخ گلاب ڦٽي ٿو تاتي!

سات ڏٺي سرواڻ لنگهيو جنهن واٽ مٿان
مون لئہ واٽ سُوات اُها
اُن جي ڪيھ ڪٿوري پانيان
سا ڪيھ ڪٿوري
آنءُ لڱن سان لائيندي
چُمي چشمن چائيندي
اينءَ جُلان ٿي ڪيچ ڏيھ ڏي
نووراني جنءَ ور ڏي
پاٽياري ڪُوهر ڏي
سنڌو جنءَ ساگر ڏي
سورج جنءَ اوڀر ڏي!

لاڪيٽا لچپالَ پٽائي
لالئون لال پٽائي
ڦلٽا ڇِپ سان
ڦٽل ڇپن سان
جڏهن بہ تنهنجو نانءُ ڳِنهان
چُلٽن پيرن هينان
تتل واري نم پاسي
واريءَ مان ٿو
گُوها گُوها گاھ ڦٽي
توهر آشا تي گُلي جهلي
ڪلهي ڦاٽل ڪنجرو
جهنڊي وانگي ٿو جهُولي!

تيز هوا ۾
ڦاٽل ساٽل ڪنجري جي
جهنڊي ڪي جهُولائيندي

انءَ تي ڪاهيان ڪيچ شهر ڏي
هنج اُڏري جنءَ سرَ ڏي
پوڄاري مندر ڏي
سنڌو جنءَ ساگر ڏي
سورج جنءَ اوڀر ڏي!

پٽائي تنهنجو نانءُ
مون لئہ ذات ۽ ڏانءُ

پٽائي تنهنجو نانءُ
پٽائي تنهنجو نانءُ!

## سُور ڪجھ سوايو آ!

مون جذهن کو ڏِيو جلايو آ،
زور ڪيڏو هوا لڳايو آ.

يار ميلي ۾ ۽ اڪيلي ۾،
چين مون کي ڪڏهن نہ آيو آ.

دشمنن کي بہ آزماءِ ڏسان،
دوستن کي تہ آزمايو آ.

سچ تہ توکان سوا سڄڻ سائين،
اِنءَ لڳي ٿو جيئڻ اَجايو آ.

جيڪو پنهنجن ڪنان هئو پنهنجو،
اڄ پراين ڪنان پرايو آ.

سڀ ڇڏي ويا ڇڏيو نہ تو اي درد،
پال ڪيڏو نہ تو پَلايو آ!

هونءَ تہ ڇهرو بہ هو اڪيون بہ هيون،
آرسيءَ ۾ نظر نہ آيو آ.

توکي چاهيون ٿا توکي چاهيون ٿا،
بحث ان تي ڪرڻ اجايو آ.

هڪڙو ماڻهو ئي آهہ اڇٽو پر،
مون سڄو گھر ڪٽي سجايو آ.

حال "امداد" جو پُڇو چا ٿا،
اڄ مڙئي سُور ڪجھ سوايو آ.

## تارُونءَ ۾ تلوارون

درد تہ دل جو دارُون، وو ميان،
ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

چِتَ ۾ چاقوءَ چُڀڪا، تارونءَ ۾ تلوارن،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

وجود ويئڙو واسجي، وِرھ ڪيون وٽڪارُون،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

بيراڳين جون ٻَرَ ۾، برھ لڳيون بازارُون،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

سچن موتين جون لَڙيون، ھي جي لڙڪن لارُون،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

جيڪا سا مون ڏي مِڙئي، ماروءَ تي نہ ميارُون،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

ھي جي وَڏَ وجود ۾، ھينئڙو قارُون قارُون،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

پاڙھي جاڻي مون ڪيو، ڏيل ٻہ ڏارُون ڏارُون،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

رات سُتي سُپنو ڏٺم، ڏُڏي ويون ديوارُون،
وو ميان، ڪوھ ڪرينديس ڪارُون!

**چئن ڏِسين ٻُرنديون ويون، ٻاٻاڻن ٻاڪارُون،**
**وو ميان، ڪوهه ڪرينديس ڪارُون!**

**درد ته دل جو دارُون، وو ميان،**
**ڪوهه ڪرينديس ڪارُون!**

# پنجين ديوار!

هرڪمري کي
هونديون آهن
ديوارون چار
پر اُن ڪمري کي
پنج هيون ديوارون
چار پٿر جون
پنجين
هڏن جي تيڪي تي
رت ۽ ماس جي گاري ساڻ
ٺهيل ديوار
بنان پِيڙهہ جي
بنان ڇِتِ جي!

# خوش رهين شال!

منهنجي دل تي ستم ڪرڻ وارا
خوش رهين شال غم ڏيڻ وارا.

زندگيءَ جي اُداس راهن ۾
ڏوڙ ئي ڏوڙ آ نگاهن ۾
آس آ آخري پساهن ۾
خوش رهين شال غم ڏيڻ وارا
منهنجي دل تي ستم ڪرڻ وارا

مون تہ هر موڙ تان پُڪاريو هو
هر قدم دل جو ديپ ٻاريو هو
تو ئي پنتي ڪٿي نهاريو هو
خوش رهين شال غم ڏيڻ وارا
منهنجي دل تي ستم ڪرڻ وارا

هاڻ لڙڪن جي بي زباني آ
بس اها نينهن جي نشاني آ
مهربانن جي مهرباني آ
خوش رهين شال غم ڏيڻ وارا
منهنجي دل تي ستم ڪرڻ وارا

## بِلو شهيد تي سلام!

**سنڌي ٻوليءَ جي حقن جي بحاليءَ جي تحريڪ ۾، شاهه ڪريم رح جي شهر بلڙيءَ ۾ اسڪولي شاگردن جلوس ڪڍيو. هڪ هوٽل وٽ انهن تي هوٽل جي مالڪ بندوق سڌي ڪئي. بلو شهيد ان هوٽل تي پيشگير هو. اُن ٻارن کي بچائڻ لاءِ بندوق کسڻ جي ڪئي ۽ ڇاتيءَ تي گولي کاڌائين.**

نظارو دلخراش آ
اُگهاڙي آسمان هيٺ
هي رَت ٻُڏل جو لاش آ
نراڙ پاش پاش آ
ڪفن بہ ليڙ ليڙ آ
ڇڳون بہ چيڙ چيڙ آ

اُهو بہ ڪنهن جو دوست آ
اُهو بہ ڪنهن جو ڀاءُ آ
اُهو بہ ڪنهن جو پيءُ آ
انهيءَ جي ڪا تہ ماءُ آ

هي رَتُ جيڪو ڏوڙ ۾
بہ ٽِڪ ٻڌي ٻِهي رهيو
اهوئي رَتُ صبح آ
اهوئي رَتُ شام آ

بِلو شهيد تي سدا
سلام آ سلام آ

جو گوليُن جو گهاءُ آ
اهو سدا گلاب آ

۽ پوري زور شور سان
سوال جو جواب آ
نئين لِتل اگٿ مٿان
اِهوئي ماهتاب آ
جهُڙالِين جي ڏيهه ۾
اهوئي آفتاب آ

لهوءَ جي ان لڪير تان
هليا اچو هليا اچو
اهوئي اڏ ڪُليل اکين
جو پهريون ۽ آخري
اوهان جي لئہ پيام آ

بلو شهيد تي سدا
سلام آ سلام آ

لهوءَ جي لهر پئي لڳي
ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ آ
اي سرفروش ساٿيو

ڦڙو ڦڙو پڪار آ
۽ آخرين حَدَ تاءِ
غير لئہ ڏڪار آ
ڪچي سڳي ۾ اٽڪيل
ڪپار تي ترار آ
اجا بہ گهاءَ گهاءَ مان
ڦڙو ڦڙو ڳڙي پيو
ڦڙو ڦڙو اَجهاڳ آ

ڪتورِيُن جي مُنَ ڪلي
بسنت رُتِ جهڙو رَٿُ

ڪنوارِ جو سهاڳ آ
ڦُليءَ ڦَليءَ سياڳ آ
اهوئي رَتُ نينهن جي
نماز جو امام آ

ٻِلو شهيد تي سدا
سلام آ سلام آ

# لات

آذيءَ آذيءَ
آڪيري ۾
هڪڙو ننڍڙو نرم پکي
ڪُنهبن ڪنڀن جي مُٺ
هر ڪولي هر بند ڪري
نيري نِپ ڏي نيڻ ڪٽي
باک پسڻ لئه واجهائي
هڪڙو ننڍڙو نرم پکي
منڙي منڙي سُر ۾ وينو
بسنت بهار جا گيت چوي!

# چنڊ وڏيڪ ٿڌو!

جنهن لهرين سان پيار ڪيو،
سو مون وانگي روئندو ويو.

مُند مينهوڳي آئي وئي،
هيل بہ وَڏُڦڙو نہ وُٺو.

اِنءَ پيا ڪاٽيون ڏينهن ڏکيا،
ڪاٺ ٽُڪي جنءَ ڪاٺ ڪُٽو.

مان بہ اوهان کي ٻڌندس پر،
پهرين منهنجي ڳالهہ ٻڌو.

مون جو مُنهن تي سَچُ چيو،
هر ڪنهن هٿ ۾ پٿر هو.

هڪڙو هُو جو ڪونهي ڪو،
سيڪجهہ آهي ڦِڪو ڦِڪو.

آءٌ بہ توکي چاهيان ٿو،
توکي اهو پتو نہ پيو.

اڳڻ اڳڻ تي آڏيءَ جو،
پِيلو چنڊ وڏيڪ ٿڌو.

خيال جو روشن پاڇو،
روپ وني شل ڪوتا جو.

راءِ ڏياچ سڏايو، پر،
پهرين سِر جو دانُ ڏيو.

چپ ۾ چَڪُ وجهي ڇڏيم،
اڌ ۾ گهٽجي ويو سُڏڪو.

رات ڪٽي ڪيڏي به سهي،
پر ڏينهن ته نيٺ به ٿيندو.

چاتيءَ ۾ ڇا رکيو هو؟
جيڪي هو سو رَکَ ٿيو!

هڪڙي پيري دل ڪولي،
جيڪي چوٽو اٿو چئو!

تنها تنها راتين جو،
تو ڪو مون کي ياد ڪيو؟

منهنجو پيار پلڻ وارؤ،
پنهنجيءَ دل تي هَٿُ رکو.

جسم وڪامي سگهجي ٿو،
روح ته ڪنهن ناٽي نه ڳِڌو.

ميڻ بتي به وسامي وئي،
هاٽي رويو وينو رو.

گهوڙا! پنو ويچارو،
جيڪي به وٽيوَ اُهو لکو!

آهه ڪٿي "امداد" اُهو،
جيڪو شعر به چوندو هو.

# هاريءَ جي ڪهاڻي

هڪڙي هاريءَ جي ڪهاڻي ٿو ٻڌايان آن کي
نانءُ جنهن جو هو سُکيو، پاڻ ڏکيو رهندو هو
اَنُ راڪاس زميندار ڪٽي ويندو هوس
ديهه جو پَيُ پري پاڻ ٻُکيو رهندو هو
هو رڳو رات جو ڏُکندو نہ هو دونهينءَ وانگي
ڏر تتيءَ وانگيان هر وير ڏُکيو رهندو هو!

# تون بہ ڪَنائي تہ سهي

رات روشن نہ سهي، ڏينهن انڌيرو ئي سهي
تو جيان دور گهڻو دور سويرو ئي سهي

ڪوبہ سورج نہ سهي، ڪوبہ ستارو نہ سهي
هن انڌيري جو ڪٿي ڪوبہ ڪنارو نہ سهي

۽ هوا بند سهي، پَنُ بہ چُرندو نہ سهي
نہ سهي ڪابہ صدا، دانُ بہ گهُرندو نہ سهي

گهورڙئي جو بہ ڪو آواز گهٽيءَ ۾ نہ سهي
شيءِ ونڻ لاءِ ڪنهين ٻار جو ڪيٿو نہ سهي
دِبَ دَٻڙاٽ نہ ڪو، ماءُ جو دڙڪو نہ سهي

نہ سهي پَونڪ ڪتن جي نہ سهي وسنديءَ ۾
سڀ سُتا ماٺِ مُنا سُور سهي وسنديءَ ۾

نہ سهي ها نہ سهي ٻانگ نہ ڪو سنک نہ گهِنڊَ
ماٺ ئي ماٺ رڳو ٻاٽ رڳو ننڊَ ئي ننڊَ

نہ سهي شهر، پراڻو اهو ڪنڊر ئي سهي
ڪابہ ديوار سلامت ۽ نکو در ئي سهي

پوءِ بہ تهخاني جي ڳڙڪيءَ ۾ لڳل شيشي مان
پوربي پار جي ڳڙڪيءَ جي پڳل شيشي مان

آءٌ رڙيون ٿو ٻڌان ٻار نئين ڄاول جون
تون جتي آهين اُتي تون بہ ڪَنائي تہ سهي!

# سنڌو ساگر ڪان!

سورج نڪرڻ کان به اڳي هُو نڪتو هو گهر کان،
ان لمحي کان اکڙيون ڪونه هٽيون آهن در کان.

سحر امداد، ڌرتي سورج، کَوتا ڪاڳر ڪان،
ها، وچڙي ڪانه سگهي آهي، سنڌو ساگر ڪان.

ڊولڻ، توبن پوهه مهينو ڪيئَن ڪٽيوم اَلا،
ان جو حال پڇي ونجئين تون ڪنهن نسريل سر ڪان.

لال گلال گلاب الائي، ڪٿي ڪِري پيو هو،
خوشبو پوءِ به وچڙي ڪانه ڪوٽ جي ڪالر ڪان.

ٻُڏندڙ سورج، ورندڙ ڌَڻ، وڻ ٽڻ، ۽ چٽندڙ پن،
ڪِڙڪي بند ڪيئي، ڪسجي ويو، سيڪجهه منظر ڪان.

وِڪَ وڌائي، وِڪَ وڌائي، وِڪَ وڌائي وِڪَ،
ماڙُهو آهين مختلف ٿي ميل جي پٿر ڪان.

# ابتدا ڪا ڪريون!

تي ڇُڪي تي ڇُڪي تي ڇُڪي تي ڇُڪي
جابہ تيٽي هئي ماجرا تي ڇڪي
هر ستم تي ڇڪو، هر جفا تي ڇڪي
هر ڏيي جي مخالف هوا تي ڇڪي
ابتدا ڪا ڪريون، انتها تي ڇڪي!

# اُهي ئي جِي ويا!

راهه ڪان گمراهه ٿيا، پلجي ويا، پٽڪِي وِيا،
جن اوهان جو در ڇڏيو سي دربدر رهجِي وِيا.

زندگيءَ جو زهر هڪڙيءَ ڳيتَ سان جي پِي وِيا،
سِڪَ جي سُورِي چڙهيا جيڪي اُهي ئي جِي وِيا.

تون متينءَ دل سان ڪِلي مُرڪي ملينءَ پابوهه مان،
مان اَياڻو ئي سهي سياڻا مگر سمجهي وِيا.

آزمائڻ جي گهڙي آئي جڏهن "امداد" يار،
ڪيترا ڄاڻو سڄاڻو اڻ ٿِي وِيا.

( ق )

رات ٽڪڙ(1) جي حوالي سان رُنيون مون ڪجهه سِتون،
لفظ جڻ پيرُون هئا پني متان پڪڙِي ويا.

هيءُ حامد(2) جو نگر، "مخلص(3)"،"فدا(4)" جو هي نگر،
هن نگر ۾ ڪيترا پاڙا هئا اُجڙِي وِيا.

ڳالهه "حافظ شاهه(5)" جي اوطاق جي نڪتي جڏهن،
زخم دل جا جڻ تہ ڪي بخيا هئا اُڌڙِي وِيا.

---

(1) منهنجو ڳوٺ، شاعريءَ جو هڪ مڪتبئہ فڪر
(2) حافظ حامد
(3) محمد هاشم "مخلص"
(4) علامہ اسدالله شاهہ "فدا"
(5) ڪافيءَ جو هڪ وڏو شاعر، جنهن جي اوطاق جڻ هڪ ثقافتي مرڪز هئي.

# ڪراڙ جي جل ۾!

هيڪڙي لڙڪ جيتري پَل ۾
رات چوڏهين ڪراڙ جي جَل ۾
چنڊ ڪيڏو اُباٽڪو ياسي
لڙڪ لڙيو ڪڙي وِيو تارو
هيڏي ميلي ۾ هيڪلو ڪيڏو
شاهه عبداللطيف ويچارو!

# هيءَ جا منهنجي دل آهي

هيءَ جا منهنجي دل آهي
سا تہ الائي ڇا ٿي چاهي!

ڪجلي رُت ۾ بادل بڻجي
ٿر بر تي ٿي برسڻ چاهي
ٿِرُ نہ هڪڙو ترسڻ چاهي

هيءَ جا منهنجي دل آهي
سا تہ الائي ڇا ٿي چاهي!

سمنڊ ڪناري واريءَ گهرڙا
هر هر ٺاهي هرهر ڊاهي
ڊاهي پوءِ وري ٿي ٺاهي

هيءَ جا منهنجي دل آهي
سا تہ الائي ڇا ٿي چاهي!

دوست ڪڏهن تہ ڪڏهن هيءَ دشمن
سيئي لڱ لاڳاپا لاهي
منهنجي دل ڄڻ منهنجي ناهي

هيءَ جا منهنجي دل آهي
سا تہ الائي ڇا ٿي چاهي!

# ٻڌائي تہ ڀلا!

"اڙي امداد! ٻڌائي تہ ڀلا ڪنءَ آهين؟"
(ڇا ڏسين ڪانہ ٿي مان اڃ ۾ رهيو ڪونہ آهيان!)
"مُڱ ٿئي وات ۾ ڇا؟ تون بہ صفا انءَ آهين!
اڙي امداد! ٻڌائي تہ ڀلا ڪنءَ آهين؟"

"ڪلهہ بہ ساڳيوئي تہ توائي هُئين، اڄ جنءَ آهين!"
(ڇا چوڻ چاهين ٿي اڄ تاءِ مُئو چو ناهيان!)
"اڙي امداد! ٻڌائي تہ ڀلا ڪنءَ آهين؟"
(ڇا ڏسين ڪانہ ٿي مان اڃ ۾ رهيو ڪونہ آهيان!)

# ڏُور ايڏي ٻه نه ٿي!

ايڏي اوڏي ٻه نه ٿي
ساهه مُنجهي ٿو منهنجو
ڏور ايڏي ٻه نه ٿي

جو سنڌ ِ شڪل ئي وسري وڃي
نالو ٻه ڪٿي ڪير ڪٽي جي تنهنجو
ته رڳو آهه ئي نڪري منهنجي سيني مان
اکين ۾ رڳو آلاڻ ئي محسوس ٿئي!

# نينهن ٿيو

نينهن اوهان سان نينهن ٿيو،
نينهن ٻه جڻ سنينهن ٿيو.

رات اُماس رات هئي،
نيڻ ڪنيئه ته ڏينهن ٿيو.

جُهڙ جُهڙالڙو ته هو،
لڙڪ لڙيو ته مينهن ٿيو.

قصد تنهي ڪباب سين(1)،
نينهن، سچاٽو، سينهن ٿيو(2).

قول قريبَ جو ڪيو،
اَڄُ، سُيان، پرينهن ٿيو.

تون ته گدڙ ڪنان ٻه وئين،
ڏرِ تي گدڙ ٻه شينهن ٿيو!

(1) نينهن، سِچاٽو، سينهن، قصد تنهي ڪباب سين. (شاهه)
(2) سچاٽو = باز، سينهن = شينهن

# روح ڪي ايندو قرار!

موسمن وانگي نہ ملندي بار بار
زندگي هڪڙوئي ڀيرو ٿي ملي
سا وطن تان جيڪڏهن ٿيندي نثار

روح ڪي ايندو قرار
روح جو
آهي ازل کان بيقرار!

# پانڌ سنيال!

سال نئين ۾، گذريل سالُ،
جهڙوڪر هرڻيءَ جو ڇالُ.

اکڙين ۾ لُڙڪن جي لهر،
پيارا پنهنجو پانڌ سنيالُ.

روشن رهي چراغِ دماغ،
آباد رهي شهرِ خيالُ.

سَڌُ، پراڏو تي موتيو،
يت سان لڳي وري جنءَ بالُ.

سيني سور ائين سانديم،
انب وجهي ڇڏجن جنءَ پالُ.

# ڳيت ڳائي ڪونہ سگهياسين!

چپن تي ٽيپ چنبڙيل، مسڪرائي ڪونہ سگهياسين،
اي ڪويل بخش ڪج، ڪو ڳيت ڳائي ڪونہ سگهياسين.

اِئين وڇڙي وياسين، موڪلائي ڪونہ سگهياسين،
انهيءَ ڪان پوءِ ڪن پل چين پائي ڪونہ سگهياسين.

ڪلهن تي بار وانگي ئي سدائين ياسِيو آهي،
اُهو سِر جو ڪڏهن سوريءَ سجائي ڪونہ سگهياسين.

سجڻ آهي، نہ سرهي سيج، مڌ آهي نہ چاندوڪي،
ورهين ٽيا رنگ رس اهڙو رچائي ڪونہ سگهياسين.

چپن تي مُرڪ جون مڪڙيون اکين ۾ ماڪ لڙڪن جي،
لڪائيندي بہ جذبن کي لڪائي ڪونہ سگهياسين.

اهوئي نينهن جو آهي، سِچاٽو سينهن سو آهي،
متان سمجهين تہ پاڻ اُن کي نڀائي ڪونہ سگهياسين.

هوا هئي، پنڌ هو، سگرٽ دکائي ڪونہ سگهياسين،
مگر جا آڳ هئي دل ۾ اُجهائي ڪونہ سگهياسين.

اَٽيهي مُرڪندي مَرڪڻ، اٽيهي مَرڪندي مُرڪڻ،
سوين هئا سور سيني ۾ لَڪائي ڪونہ سگهياسين!

بيابان کي لتاڙيوسين، پهاڙن کي جهڪايوسين،
مگر "امداد" کي ماري مڃائي ڪونہ سگهياسين.

## ڄڻ ملي ناهين!

وَلِ وانگي ويڙهجڻ ڪان پوءِ به تون
ٻن منجهاران هڪ ٿيڻ ڪان پوءِ به تون
ايترو ڪجهه ٿي وڃڻ ڪان پوءِ به تون
ها اهو احساس الائي ڇو ٿيو
ڄڻ ملي ناهين ملڻ ڪان پوءِ به تون!

# چِڪيا

تيز ڪيڏي نہ هوا
من بن ۾
رڳا ٽڙڪات سُئا
سپ تن ۾

ڏار جيڪو بہ ڏسو جڻ تہ پيپڙ تو پڙڪي
جا ڄيپي آهہ، اُها وِڄُ وراڪو آهي
چاهہ چِڪيا تي ائين جڻ تہ سُتي
ڳِھ ڳِنا، سرخ وڳا پائي پَتيءَ سان سُتي پئي آهي
اِيئن ٿانڊؤ ٿا نچن پيا ٿاندا
ٽَڙِ ٽَڙِ
جيئريون گوشت- تڙون جيئن اڏيءَ تي اُڏرن
آڱريون، هَٿَ، ڪرايون، سر، ڌڙ
ٽاريون، ٽارَ، جڙون، ڪک، پن، ٽڙ
سپ سڙي رَکَ ٿيا
رکَ هوا ۾ اُڏري!

## وقت ٻہ آهي ميت جيان!

وقت ٻہ آهي ميت جيان
روڪڻ چاهيان
روڪي ڪِينَ سگهان!

ڄاڱرين ٻيرين وانگر
رُڙندو آڱرين مان
رت ڳاڙيندو وٿين منجهان
اکڙين جي ڳِڙڪين اڳيان
لنگهندو ويندو آهي
ڪيڏي ڪنورتا سان
پَروَس پراڻ جيان
مُڙي ٻہ ڪِينَ ڏسي پنيان
ٽوڪڻ چاهيان
ٽوڪي ڪِينَ سگهان
روڪڻ چاهيان
روڪي ڪِينَ سگهان

وقت ٻہ آهي ميتَ جيان!

## رات بيگاهه سهي!

رات بيگاهه سهي
انڌ اونداهه سهي
خوف جو ۽ خطرو جو
پــــاڻ ۾ ٿــاهــہ ســهــي
ڪو بہ سونهون نہ ڪو همراهه سهي
مُٺِ ۾ ساهه سهي
پوءِ بہ هي ٽانڊاڻو
جيستائين بہ جلي جلنداسين
جيستائين بہ هلي هلنداسين!

# شاعر ته شاعري ٿو ڏي!

رَبُ هر ڪنهن کي زندگي ٿو ڏي،
خوش نصيبن کي عاشقي ٿو ڏي.

ڳُڙڪُبِتو ڪڏهن ڏنو اَهنئي،
ڪنءَ نہ اوندھ ۾ روشني ٿو ڏي!

ڪا تہ ان ۾ بہ آھ رمز رڪيل،
غم گهڻو، ٿورڙي خوشي ٿو ڏي.

عقل کي ٿو ڪري غرور ۾ غرق،
عشق کي عجز عاجزي ٿو ڏي.

ماڪ ۽ گل جو آھ رشتو ڇڻ،
مان رُئان ٿو تہ هُو کلي ٿو ڏي.

ڪو وني ٿو وني، وني نہ وني،
هڪڙو شاعر تہ شاعري ٿو ڏي.

# توُن ئي توُن موجود!

توُن ئي توُن موجود، ميان،
آءٌ عدم موجود!

سِڪَ سبق تو پڙهيو پڙهان مان، ورهہ ورونهن وِرُود ميان،
آءٌ عدم موجود ميان
توُن ئي توُن موجود!

دلبر توئي دان ڏنو هي، دل کي درد درود ميان
آءٌ عدم موجود ميان
توُن ئي توُن موجود!

بيجل،راءِ ڏياچ بہ توُن ئي، توُن ئي ساز سرود ميان
آءٌ عدم موجود ميان
توُن ئي توُن موجود!

# مِٽيءَ مُلهه مهانگو ڙي!

سارو سانگ سهانگو آهي، مِٽيءَ مُلهه مهانگو ڙي!

گهر تڙ گهوري نڪرو ٻاهر، ڪهڙو سِر جو سانگوڙي،
مِٽيءَ مُلهه مهانگو ڙي!

اوٺٽيهينءَ جي گُهگُهه اونداهي، اوجهڙ پنڌ اڙانگو ڙي،
مِٽيءَ مُلهه مهانگو ڙي!

ڪهڙا سَڱَ، سياڪا ڪهڙا، نينهن تہ آهي نانگو ڙي،
مِٽيءَ مُلهه مهانگو ڙي!

ڏاڍو سوئي گابو آهي، سنڌ هجي يا ڪانگو ڙي،
مِٽيءَ مُلهه مهانگو ڙي!

# ديوار ڊٺي پئي آهي!

ديوار ڊٺي پئي آهي،
۽ هُن پاسي ڪجهہ ناهي!

گوندر آهن گسَ مٽئي،
ڏسُ ڏنو هو ڪنهن ڏاهي.

رات جهڙالي ۽ جهنگل،
ڪُڙڪُٻيتو ڪو آهي؟

سچ ڪي شل تون سوچ ڏيين،
ڪوڙ ڪٽڪ آيو ڪاهي.

انڌا اکيون ڦاڙي ڏس،
سورج ناهي! ٻيو ڇاهي؟

مون ڪي ڪوتا سرجڻ ڏي،
ٿاهہ نٻڳيءَ جا تون ٿاهي.

اڄڪلهہ ماڻهو، ماڻهوءَ تي،
ڪُتي وانگر ٿو باهي!

(اڄڪلهہ ڪُتو، ڪُتي تي
ماڻهوءَ وانگر ٿو باهي!)

## ڇھرو، موسم ۽ ندي

هر ڇھري جي پٺيان هڪڙو ٻيو ٻہ ٽہ ڇھرو هُوندو آهي

هڪڙو ڇھرو سيني آڏو کِل کِل کِل پيو کِلندو آهي
اُن جي پٺيان جيڪو ڇھرو هوندو آهي
پنھنجي پَرِ ۾ رَتُ پيو سو رُوندو آهي!

هر ڇھري جي پٺيان هڪڙو ٻيو ٻہ ٽہ ڇھرو هوندو آهي

هر موسم جي پٺيان هڪڙي ٻي ٻہ ٽہ موسم هُوندي آهي

هڪڙي موسم هَٿَ تريءَ تي ڏيئا ٻاري ايندي آهي
اُن جي پٺيان جيڪا موسم هوندي آهي
ڪوول وانگي سا گيت برھہ جا ڇُوندي آهي!

هر موسم جي پٺيان هڪڙي ٻي ٻہ ٽہ موسم هُوندي آهي

هر نديءَ جي پٺيان هڪڙي ٻي ٻہ ٽہ ندي هُوندي آهي

هڪڙي ندي سيني آڏو ڇل ڇل وهندي ويندي آهي
ان جي پٺيان جيڪا ندي هُوندي آهي
سا صدين جي منھن تان ڪارنھن ڌُوندي آهي!

هر نديءَ جي پٺيان هڪڙي ٻي ٻہ ٽہ ندي هُوندي آهي

# سِنڌ سارڻي آهي

زندگي ايئن گهارڻي آهي،
جڻ ته ڪا رسم پارڻي آهي.

لڙڪ سارا ڪٿي رکي گروي،
مُرڪ هڪڙي اُڌارڻي آهي.

اوت ها اوت اجا ٻه اوت شراب،
سارَ ڪائي وسارڻي آهي.

لاٽ مان لاٽ ٻارڻي آهي،
هيءَ اونداهه ٽارڻي آهي.

زندگي وقت وانگيان "امداد"،
جنءَ ٻه گذري گذارڻي آهي.

تو ڏنو ۽ جُڙي وئي ڪَوِتا،
بس پني تي اُتارڻي آهي.

سِنڌ جي سينڌ پهريان سَرتي،
پوءِ پنهنجي سنوارڻي آهي.

سجي دنيا وسارڻي آهي،
سِنڌ ئي سنڌ سارڻي آهي.

# هِيءَ جِند ڳاهه ڳاهي!

هيڏانهن هيءَ فقيري، هوڏانهن پادشاهي،
هيڏانهن گودڙي بس، هوڏانهن ڪج ڪلاهي.

اي سِنڌ تو مٿان ڇا، قربان مان ڪيان ها،
هي سَنڌ سَنڌ ساڻا، هيءَ جند ڳاهه ڳاهي.

هن شهر جا اي پيارا، قانون ئي نِيارا،
ناقابلِ معافي، هِت جرمِ بي گناهي.

لُڙڪن جيان پيون ٿا، غم ڪي تڏهن جيون ٿا،
جنءَ هيملاڪ پيتو، سقراط يَڪَ ساهي.

# شيشو ڪٽي پٿر تي اُڇلايو!

خدارا ماٽ جو شيشو ڪٽي پٿر تي اڇلايو
ائين چپ چاپ ڪيسين تاءِ رهندا ڪجھ تہ فرمايو

چڙهيو آ چنڊ چوڏهينءَ جو ستارن جا سلام آيا
اوهين آيا تہ اي سائين بهارن جا پيام آيا
اُتو پازيب ڇمڪايو، اُتو چوڙين کي ڇٽڪايو
خدارا ماٽ جو شيشو ڪٽي پٿر تي اڇلايو

شرابي موسمون آهن گلابي آرزو آهي
سدا رولاڪ خوشبو کي اوهان جي جستجو آهي
سُهائي ۽ سُريلي ٽهڪ جي جھانجھر کي جھرڪايو
خدارا ماٽ جو شيشو ڪٽي پٿر تي اڇلايو

نظارا نينهن جا آهن نرالو نُور ٿو ڇلڪي
اوهان جي سُونهن جي صدقي اسان جو جيءُ ٿو جھرڪي
خدا جي واسطي مُرڪو، کِلو، ايڏو نہ شرمايو
خدارا ماٽ جو شيشو ڪٽي پٿر تي اڇلايو

# تبديلي

اُهي ئي اوهين
اُهي ئي اسين
مگر وقت ساڳيو نہ آهي رهيو
سلهاڙيا پيا آهِيون جسم سان
مگر روح واڳيو نہ آهي رهيو!

اُهي ئي اوهين
اُهي ئي اسين
مگر اڪڙِيون
روحَ جون ڳڙڪِيون
سي تہ عينڪ پٺيان گم هيون!

## تون اُهائي تہ نہ آهين...؟

تون اُهائي تہ نہ آهين؟ جنهن لاءِ ...
رات جي پوئين پهر
رَتَ جا لڙڪ رُنا آهن مون
ڏينهن جو ڏيهہ اڳيان
ٿهڪندا ٿهڪ ڏنا آهن مون

شام ٿيندي تي دُکيو آهِيان سگريٽ جيان!

۽ ستارن سان اُجهامڻ لڳو هوندس
تہ سندءِ ياد جي ڪا چِٽنگ ڦلهوري هوندم
گهُگهُہ اونداهہ جڏهن ڦهلبي آ چوڌاري
وقت هر بُوٽ تي دانگي مَلي ويندو آهي
تہ اُنهيءَ چِٽنگ مان ٻارڻ ڪٽي ٻاريو هوندم

ڏيهہ جي ڏنگ لڳايو هوندو
تہ اکيون بند ڪري
ڏيان ۽ گيان ۾ گم تي ويو هوندس
۽ سندءِ نانءُ اُچاريو هوندم

تون اُهائي تہ نہ آهين؟ جنهن لاءِ....

# هڪ راڪشس

رات جي دانگيءَ مٿان
چنڊ جو لولو ٽُڪيل
اڌ ڪچو
۽ اڌ سڙيل!

۽ ستارا
ٻارَ
ٻُڪ ڪان پاھ
چوڌاري مِڙيل!

اوچتو ڪارو ڪڪر-
هڪ راڪشس
آيو- ۽ لولي کي ڳِهي ويو!

## اوچتو ئي اوچتو!

اوچتو ئي اوچتو

ماٺ جي موتي محل ۾
ڏاڍ جو پٿر لڳو
در دريون لرزي ويا
شيشو شيشو ٿي پڳو
ذرّو ذرّو ٿي پُريو

سازشن جي رات پوري ٿي وئي
تارو تارو ٿي ڪِرِيو
هڪڙو هڪڙو ٿي ڇِڳو
زور پوري زور سان
گهِنڊ سورج جو وڳو

اوچتو ئي اوچتو!

# طوفان به طوفان آهي!

جو به هن دَور جو انسان آهي،
صرف حيران پريشان آهي.

شاهه آهي ڪٿي سلطان آهي،
تنهنجي در جو اُهو دربان آهي.

دينُ آهي نڪو ايمان آهي،
پوءِ به چي تو ته مسلمان آهي.

مان پيتڙ جيئن پِيو تو پتڪان،
مٿان طوفان به طوفان آهي.

سُور ڏين ٿي ته سهڻ جهڙو ڏي،
آخر "امداد" به انسان آهي.

## هوا ۾ هڪ قاتل پنو!

منهنجي لاءِ ته هُن وٽ هلڪو مُشڪڻ
ختم ڪڏهوڪو ٿي به چڪو
هونئن ٻين جي لاءِ وٽس
کِل کِل کِل کِل کِلَ ڪنوڻ جي هوندي آهي!

هن سان گهاريل لمحو لمحو
زخم ڪڏهوڪو ٿي به چڪو
ڪڏهن نه ڇٽندڙ زخم اهو
گهاءَ ٽيڻ ڏي هوريان هوريان وڌندو رهندو!

اڪ ۾ آيل، هن لاءِ رُنل، لڙڪ لڙڻ ڪان اڳ ۾
نظم ڪڏهوڪو ٿي به چڪو
ڏکُ به ڄاڳري ٻير آهي
ڄاڳري ٻير جا ڪنڊا سوئي
لڙڪن ڪي مون لفظ- لڙيءَ ۾ پوئي
پني تي آندو
پوءِ پني کي ڦاڙي
پرن پٽيل پنڇيءَ جيئن هوا ۾ اُڇلي ڇڏيو!

## شالِ جيئين وو!

سُوريءَ سِر سنيرائجان
شال جِئين وو
گھوٽ ٽئين وو

سسئي ٻڌجي رڻ ۾ رُلجان
چولي ٻڌجي ڇپرين ڇُلجان
سِر ٻيو کھڙي ڪم ايندو
ٽڪر سان ٽڪرائجان
شال جِئين وو
گھوٽ ٽئين وو

سھڻي تي لھرين ۾ لُڙھجان
واڳن سان وِيرُن ۾ وڙھجان
ميھر پرئين پر آھي
متان ڪڏھن گھٻرائجان
شال جِئين وو
گھوٽ ٽئين وو

موت اچي تہ بہ مات نہ مججان
اڳتي ئي اڳتي پيو وڃجان
ريٽي رت ۾ جھنڊو ٻوڙي
لھر لھر لھرائجان
شال جِئين وو
گھوٽ ٽئين وو

## زخم جي نظم به آهي ته...

تون چئين يا نہ چئين
آءٌ چئي ٿو ڏيان دوست!

سَچُ آهي تہ يلا ڪوھ لڪايان دل ۾
رات جي زهر بہ آهي تہ پيئڻ ۾ چاهي!
هِيرَ زنجير بہ آهي تہ گهلڻ ۾ چاهي!
زخم جي نظم بہ آهي تہ لکڻ ۾ چاهي!
گهاءُ جي گيت بہ آهي تہ رچڻ ۾ چاهي!
لڙڪ جي لفظ بہ آهي تہ رُئڻ ۾ چاهي!
زندگي جيل بہ آهي تہ ڪٽڻ ۾ چاهي!

تون چئين يا نہ چئين
آءٌ چئي ٿو ڏيان دوست!

# خود ڪلامي

آرسيءَ ۾ جو ڏنائين خود کي
تہ اهو پاڻ چيائين خود کي:
"پاڻ اڳ ۾ بہ مليا آهيون ڪٿي
پر ڪٿي؟
سو تہ نٿو ياد اچي!"

## هِيرَ گهُلي ٿي!

چئن پتين جو
هڪڙيءَ چِت جو
هڪڙو ڪمرو آهي، جنهن ۾
رهندا آهن ٻيئي!

هُو جاڳي
هُن جي پرسان
ايئن سُتي پئي هوندي آهي هُوءَ
ڄڻ تہ هجي ڪا سُوءَ!

اُن ڪمري جي
هڪڙي ڳڙڪي
پورب پار کلي ٿي
اُن ڳڙڪيءَ مان
سُرهاڻين سان
سيخون ٿوڙي هِيرَ گهُلي ٿي!

# اداس نيڻن جي نانءُ!

هيوج ڪار، پُنين سِيٺَ تان اُداس ٻہ نيڻ
ٻنان نهار جي مون ڏي تَڪي رهيا آهن
۽ آءٌ ٽيڪ ڏيو پول کي هميشہ کان
جُڳن ڪنان جنمن کان ائين اٽيهي کان
نظر جي ڏور ٻڌيو تاڻجان پيو توڏي
(ڪڏهن تہ تون ٻہ لهي آءُ لهر لهر هلي
۽ منهنجو هَٿُ جهلي روڊ تان اُڪارين پار!)

۽ منهنجي ذهن ۾ هڪ ٻار راند ٿو ڪيڏي
۽ منهنجي ياد ۾ ٽڏجي ٿو چنڊ جو ڪينهون
۽ تنهنجي ڪُونج ڳڇيءَ منجهہ ست- سَري ڌُهري
۽ وقت؟ ڪاٺُ، جو هر ريک کي ڪپي ٿو ڇڏي
۽ موت؟ ماتِ، جو جهڙپي جهٽي جهپي ٿو ڇڏي

۽ روڊ هَٿَ ترِيءَ جي لڪير ڪانهي ڪا
جو آءٌ روڪي سگهان صرف مُٺِ بند ڪري
جي آءٌ روڪي سگهان ٿو تہ صرف لڙڪن کي
اهو بہ شرط انهيءَ سان: وڇڻ جي وقت سندءِ
هيوج ڪار پنيان ڌوڙ ڪانہ اُڏاريندي!

## دل تي ٿئي لکڻ تي!

گولي لڳي ڪُڇڻ تي
سنگين چُپ رهڻ تي

ڪورو پنو ڏسان ٿو
دل تي ٿئي لکڻ تي

ڳوڙهو ڳِڙڻ گهري ٿو
من ٿو ٿئي رُئڻ تي

ڪِل ڪِل ڪنوڻ ڪلي تي
ڪِلٽي سنڌءِ ڪِلڻ تي

تاڙي تنواريو پئي
بادل هئو وسڻ تي

جڻ زندگي لڳي وئي
هڪڙي غزل لکڻ تي!

# سِج اُلٽا ايريا

واءُ لڳو واريءَ تان پيرا، پَرَ ڪري اُڏريا

ڏور پٽي ويا ڏيهي ڏيرا، گهنگهر ڏينهن گذريا
آءٌ نہ ڄاڻان کهڙيءَ ويرا، کهڙي پار اُسريا
دنبوق چٽي اُڏريا ڳيرا، حد لاحد اُڪريا
اُڀ هو پک پک ڇيرا ڇيرا، تارن ڦٽ اُجريا
لُڏي رهيا لامن آکيرا، سِجَ اُلٽا اُيريا

واءُ لڳو واريءَ تان پيرا، پَرَ ڪري اُڏريا!

# ويساهه

رُڪي سُڪي ڪائي
سمهي رهو هاٽي
سُياڻ ڏسنداسين
تہ سِجَ جو لولو
لِيار لامن تي
ٽنگيو پيو هوندو!

# واڙيل آهن انسان

مطالبن جي ڌُمَ لڳل آ، آڱوٺو ڪم بدران،
هٿ تاڙ آهي، پنهنجي گهر ۾، واڙيل آهن انسان.

ماڻهُو اهڙا مُڙدا جهڙا، گهر سڀ قبرن وانگي،
شمشان آهي؟ يا شهر آهي! گهٽيون رستا ويران.

رات رني هئي ماڪ پٽن تي، لات لنون ٽا پنڇي،
باڪون بڪنديون، لاڪون لڳنديون، آهن اهڙا امڪان.

ڪرفيو ۾ ٻه مليا هونداسين، رُنا کِليا هونداسين،
هٿ تاڙن ۾ ڪونه ملياسين، او جانان او جانان!

ڪجھ ڪورا ڪجھ لکيل ڪاڳر، هڪ پين ۽ مس ڪُپڙي،
هڪ شاعر جي گهر مان مليو، اهڙوئي ڪجھ سامان.

# ڏِيئو

هونئن تہ ڏِيئو مُٺِ مِٽيءَ جي، ٽڪو جنهن جو مُلُ،
اونداهيءَ ۾ ايئن ٽڙي ٿو، جيئن گلابي گُلُ.

هونئن تہ ڏِيئو مُٺِ مِٽيءَ جي، آگر جيڏي لاٽَ،
اونداهيءَ جي ڳِل تي آهي، هڪ ڀرپور لپاٽَ.

هونئن تہ ڏِيئو مُٺِ مِٽيءَ جي، ڦُوڪ ڏيڻ تي گُلُ،
اونداهيءَ ۾ ايئن ڪڙي ٿو، ٽاريءَ تي جنءَ ڦُلُ.

هونئن تہ ڏِيئو مُٺِ مِٽيءَ جي، هٿ مان ڪِرندي ڀورَ،
اونداهيءَ جا ٽڙي ڪڍي ٿو، هر ڪنهن گهر مان چورَ.

هونئن تہ ڏِيئو مُٺَ مِٽيءَ جي، ويري جنهن جو واءُ،
واٽهڙن کي واٽ ڏَسي ٿو، سج جو ننڍڙو ڀاءُ.

هونئن تہ ڏِيئو مُٺِ مِٽيءَ جي، روپ نہ جنهن جو رنگُ،
سورج اُڀرڻ تائين جاڳي، ۽ جاڳاءِ اُمنگُ.

مِٽيءَ جو هي ڏِيئو آهي، سُر، سنگيت، سُڳنڌُ،
مِٽيءَ جي ان ڏيئي سان ئي، روشن گهر- آڳنڌُ.

# راند

چنڊ هو بال
ستارا رانديگر
ٽڏجي سُڏجي
پوئين پهر وجي مس گول ٿيو!
سِڄُ سخي داتا
جڳ مڳ جڳ مڳ
سونن ڪِرڻن جو انعام ورهائڻ آيو!

# ڪُونج ڪتي ڪُرلائي آهي!

وُني ڏني واڏائي آهي،
سانگين ۾ سَرهائي آهي.

گُونج اجا گونجي ٿي پيئي،
ڪُونج ڪتي ڪُرلائي آهي.

ٻن نيرن گهرن نيڻن جي،
ساگر ۾ گهرائي آهي.

سُرخ سلام هجي سسئيءَ تي،
ٽڪر سان ٽڪرائي آهي.

اُن جو پاڻي ڪونہ سُڪو آ،
جيڪا اڪ شرمائي آهي.

مارل لاک رتاڻي لوئي،
پهرن ڪي پهرائي آهي.

هيل تہ ساوڻ رُت ۾ سِنڌو،
لهر لهر لهرائي آهي.

پنتي تولئہ آهہ غلامي،
اڳتي بس آجائي آهي.

ڳالهہ اُهائي ڳنڍ ٻڌيسين،
سالڪ جا سمجهائي آهي.

جنهن ڪي رول "امداد" چئون ٿا،
سنڌڙيءَ جو سودائي آهي.

## نئون چنڊ- نئون جنڊ

روز اخبار جي پيشانيءَ تي
چنبڙيل چنڊ جي تاريخ بہ هوندي آهي

وقت ڪيڏو نہ تکو گذري ٿو
چنڊ آهي تہ چڙهي اُلهي ٿو
سِجُ آهي تہ لهي اُڀري ٿو

گذريل ڏينهن جي اخبار پراڻي آهي
۽ اهو سِجُ اهو چنڊ- لهن اُڀرن ٿا
پر ڪڏهن ڪونہ پراڻا ٿيا سن!

۽ اسان لاءِ نئون سِجُ نئون سُور ڪٿي ٿو اُڀري
هر نئون چنڊ نئون جنڊ ڳچيءَ ۾ پاسي!

## پاڻي!

بادل ڪي بہ ڏئي تو پاڻي
نيرو گهرو سنڌو ساگر
ليڪن "بابا پٽ" وارن جي
ڪانہ پري تو هڪڙي گهاگهر

پاڻي پاڻي پاڻي پاڻي
ڏکڻ اتر اولهہ اوڀر
پوءِ بہ پاڻيءَ ڏُک لئہ پٽڪن
منهنجون مائر منهنجون ڀينر

جيسين نيڻ نهار وجي ٿي
واٽر واٽر ايوري ويئر
ليڪن اُج اُجهائڻ ڪارڻ
نات اَسنگل ڊراپ آف واٽر!

رم جهم رم جهم برسايان ها
بادل ڪاش هجي ها ڪاڳر
ڇُل ڇُل ڇُل ڇُل ڇُلڪايان ها
نظم بہ ڪاش هجي ها گهاگهر!

# بنان تنهنجي!

لِکڻ جي لاءِ ڪيئي لفظ آهن
جيڻ جي لاءِ ڪوڙ آهن بهانا
مگر هر لفظ جي معنيٰ اهائي
اَڪارڻ آهه، وئرت ۽ اَڪارٿ
بنان تنهنجي جيڻ جاڪوڙ اجائي!

# موڪلاڻيءَ مهل

پوري آواز سان جنهن کي ٻه پڪاري ٿو وطن
جنهن ٻه حالت ۾ ۽ جنهن وقت ٻه ساري ٿو وطن
۽ وطن ڏانهن وڃڻ وارا جڏهن ٿا سنيرن
ته انهن کي نه ڪو تون روڪي سگهيو آهين نه مان
جو ته ساگر جي پرئين پر ڪان ٻه نيريون اکڙيون
جن جي گهرائيءَ ۾ ست سمنڊ سمائي سگهجن
اورئين پار لڳاتار پيون گهوري ڏسن

اي وطن ڏانهن وڃڻ وارا اسان جي پاسي
جنهن ٻه موسم ۾ اُتر پار ڪان هِيرُون گهلنديون
تون نه هوندين ته سنڌءِ ياد ته ايندي رهندي
آسمانن تي شفق رنگ جون چوليون ڇُلنديون

گذرندڙ وقت کي روڪي نه سگهيو آهي ڪو
ڇٽندڙ پَنُ هوا تي ائين ڇٽندا رهندا
تون نه هوندين ته سنڌءِ ياد ته ايندي رهندي!

# سُنو آهي جو!

سُنو آهي جو دل ڪير نٿو ڏسي
پر چون ٿا تہ
چهرو دل جو آئينو آهي
تہ ڇا
ان چهري جي آئيني ۾
هوءَ پنهنجو چهرو پسي سگهي ٿي!
پر هوءَ آهي ڪٿي؟
هيءَ تہ خزان جي موسم آهي
نيڻ نهار تائين
غم ئي غم آهي
نوحو آهي هوا جو
اڪ نم آهي!
۽ پيلا پن
جيڪي ساوا هئا ڪڏهن
جڏهن
اسين مليا هئاسين
تڏهن
بسنت هئو
گل گل نہ هئو، ڪلونت هئو!

ڇا اهو ضروري آهي تہ
اسين بهار ۾ ئي ملون!
صرف ۽ صرف
هڪڙي موسم لاءِ ڪلون؟

**سُنو آهي جو دل ڪير نٿو ڏسي**
**پر چون ٿا تہ**
**چهرو دل جو آئينو آهي!**
**۽ اهو بہ سنو آهي**
**تہ هوءَ ناهي**
**نہ ئي بهار آهي**
**نہ تہ هوءَ هجي بہ ها تہ**
**منهنجي چهري جي آئيني ۾ چا پَسي ها؟**
**پور پور دل!**

# جيئن پوءِ تيئن

اُجَ ۾ سُڙد، چَپَ ڪاراٽيل
نِڏَٽڪ ۽ نِسَت ۽ هڙٻاٽيل
آهِ لاڪاس ڪا رُڪي نہ سُڪي
سنڌڙيءَ وانگيان وجي ٽيندي
جندڙي جيئن پوءِ تيئن ڏڪي!

# خودساخته ڏاهو

لِکيو آ ليک هڪ خودساخته ڏاهي
بنان نالي بنان ذات
نڪو نالو ڪٽي ڪنهن جو
قبيليو ڪڙم نامعلوم جنهن جو
پِتا ۽ پار اُن جا هيءُ آهن
ته نڪ ۽ چَپُ هن جو ڪونه آهي!

سچا ڪچّا جتي آهن
ڪَچا سچّا جتي آهن
جتي پنهنجي مٿي تي پنهنجي هٿ سان "پڳ"ٻڌڻ جي ريت آهي
جتي ساٿيهه بدران زندگي من ميت آهي

اُتي ٿيندو ائين جنءَ تي رهيو آهي

اُهو خودساخته ڏاهو
اُهو جو پاڻ کي آزاد ٿو سمجهي
غلامي جي رهيو آهي!

مَتو مهراڻ اڳيان چل چل وجي وَهندو
مگر هي مَتِ جو مُوڙهو
غلامي پي رهيو آهي!

# اُھو!

چڙي ويو آھہ پنھنجي ياد جيڪو،
اُھو موٽي بہ ايندو يا نہ ايندو!

ڏنم ھُن کي تہ ھن جو ٿي ويس مان،
اُھو منھنجو بہ ٿيندو يا نہ ٿيندو!

اُھو جو ننڊ نيڻن کان کسي ويو،
وٺي دل، دل بہ ڏيندو يا نہ ڏيندو!

اُھو رستو، وڪون جنھن تي وڌن ٿيون،
اُھو ھُن ڏانھن نيندو يا نہ نيندو!

## نظم- زخم ۽ لُوڻ

هُن ڪي پنهنجو تازو نظم ڇپيل جنءَ ڏيکاريم
پني تي لفظن ۾ زخم ڇپيل جنءَ ڏيکاريم
مون سمجهيو هو، منهنجي من جي پيڙ پروڙي وٺندي
پڳل پُريل جو هوس، انهيءَ ڪي جوڙي وٺندي

سِٽن ۾ جو سور لڪل هو تاڙي وٺندي
منهنجا پيتل لڙڪ ڳلن تان لاڙي وٺندي

ٻيو ڪجھ ڪونہ ڪري جي سگهندي
سڪڻي آھ ٻہ ڪونہ ڀري جي سگهندي
پني ڪي ئي ڦاڙي وٺندي
۽ پني جا پرزا منهنجي منهن تي اُڇلائي هٽندي
۽ ڪڙو ڪسارو ڪو جملو ڦهڪائي هٽندي
پر هُن اهڙو ڪجھ نہ ڪيو
ڪجھ نہ چيو

هٿ ۾ پارڪر پين جهلي
هڪڙي پروف چُڪَ ڪڍي
منهنجي آڏو نظم رکي وئي
پني تي لفظن ۾ جو زخم ڇپيل هو
لوڻ اُنهيءَ تي ٻُرکي وئي!

# آٿتُ

بُڪئي لاءِ اهوئي آٿت
تارا اَن جا داڻا آهن
چنڊ نہ آهي ڄڻ جنڊ آهي
رات نہ آهي دانگي آهي
اُن تي سورج- لولو ٿڦبو!

## هيءِ هيءِ منهنجو جيئڙو!

هيءِ هيءِ منهنجو جيئڙو
جنءَ جنءَ جهليان
جنءَ جنءَ پليان
تنءَ تنءَ توڏي ويئَڙو
هيءِ هيءِ منهنجو جيئڙو!

نيل ڪنول ٻن نيڻن ۾
ڪجل ڀنل ٻن نيڻن ۾
اوجاڳو اوسيئَڙو
هيءِ هيءِ منهنجو جيئڙو!

ذات نہ ڪائي رَڱ نہ ڪو
ڪوبہ سياڪو سَڱ نہ ڪو
پيچ انهيءَ سين پيئَڙو
هيءِ هيءِ منهنجو جيئڙو!

# ڏارا

هرڪا ڏارا
ڦترائيندي سٽڙائيندي
سِرُ سٽيندي
پاڙان پهڻ پٽيندي
ٽڪر ٽاڪيندي
جيئرا وڻ گهليندي
چنڊ ڏال سان تارن جو لشڪر ڪاهيندي
آڏو ايندڙ هر ڍِڳ کي ڍاهيندي
ٻيلا ٻوڙيندي
ڍيم شيم ٽوڙيندي
ڌوڪيندي ويندي
آهي هرڪا ڏارا
ساگر پار!

# منھنجا ساگر

مان بہ تہ ڪائي ڏارا آهيان!
اوءِ گهٽا گهنگهور!

آءٌ رُئان پوءِ چو نہ؟
ڪالهہ ڪُلهي سان هو ڪُلهو-
اڄ انءَ آهين ڪونہ!

مور ٺهوڪيو مور،
مون بہ رئڻ هو چاهِيو-
اوءِ گهٽا گهنگهور!

ٻيو ڪجهہ ڪينَ ڪيوم،
ڪڪريءَ کي رُوندو ڇڏي-
لُڙڪ اُگهي ورتوم!

# دل هئي ٽڪرا ٽڪرا!

ڪيترا چنڊ هئا عرش جي پيشانيءَ تي
ڪيترا گيت هئا منهنجي چپن تي رقصان
ڪيترا گُل هئا ڌرتيءَ جي ڪُليل سيني تي
ڪيترا رنگ ۽ خوشبوئُون هيون مست جوان

ڪيترا چنڊ هئا رات جي وارن جا اَسِيرَ
ڪيترا گيت هئا موت جي اوڙاهه ۾ گم
ڪيترا گل هئا ڏانديءَ ڪان پٽيل چيپاٽيل
ڪيترا رنگ ۽ خوشبوئُون هيون راهه ۾ گم

ڪيترا روح پياسا هئا ۽ شمعون اداس
ڪيترا جام ڪيا وقت جي پٿر پُرزا
ڪهڙا ڪهڙا نہ هئا رنگبرنگي سپنا
درد نوڪر هنئي ۽ دل هئي ٽڪرا ٽڪرا!

## تشبيهہ

جهٽ وارن کي جهٽڪو ڏيئي،
تارن جا ڏيئا ٻاري ...
شام بہ توجهڙي ٿي ويئي!

# دوستو! مهربانو!

دوستو! مهربانو! خدا واسطي، اهڙي قاتل نظر سان ڏسو ڪينڪي،
ها اسان مفلس تي نہ آگر سجيو ۽ نہ چٽرون ڪريو، هنءَ ڪلو ڪينڪي.

هن جهان ڪان مليون زيست ڪي ظلمتون، سونَ جهڙي سچي پيار ڪي ذلتون،
ها مُئاسين جياسين اوهان جي ڪري، ۽ اوهان ڪي بہ ڪو ڳڻ لڳو ڪينڪي.

گيت ڳايون تہ بدلي ۾ آهون ملن، رقص ڪريون تہ پيرن ۾ ٻيڙيون پون،
زخم لڙڪن جا اڪڙين ڪي ڳولن پيا، مهرباني ڪري هٿ ڪِلو ڪينڪي.

رات آهي جوان چنڊ چمڪي پيو، تارا جاڳن پيا، وقت مُرڪي پيو،
ٿورو ترسو اجا ٿورو ترسو اَجا، منهنجي ٻانهن ڪان وڇڙي وڃو ڪينڪي.

عاشقيءَ جو سفر، پُرخطر پُرخطر، عشق ئي همسفر، عشق ئي راهبر،
سرڪٽايو تہ بسم الله پهرين اوهين، سِر بچايو تہ اڳتي هلو ڪينڪي.

# هر لهر ۾

نهر جي لهر ۾ عڪس هو چنڊ جو
چنڊ جو عڪس هو لهر ۾ نهر جي
نهر جي لهر ۾ چنڊ جو عڪس هو
ڪنهن پتر اُڇِليو پوءِ هر لهر ۾ چنڊ جو رقص هو!

# توکي معلوم ٻہ آهي...!

توکي معلوم ٻہ آهي منهنجا دانا دشمن

تہ ڪڏهن بند ٿي، مجبور ٿي، قيدي بڻجي
پنهنجي ئي گهر ۾ رهيو آهيان، نہ ڪو رهندس مان
پوءِ تون ڪيئن چوين ٿو تہ سيئي
در دريون بند ڪري ويهي رهو گهر اندر
ڪوبہ پاڳل نہ ٿئي، ڪوبہ نہ نڪري ٻاهر
سرد بيدرد هوائن جي هٿن ۾ پٿر
هر گهٽيءَ ۾ اٿوَ اُونداهہ جو بُڪيو اجگر
توکي معلوم ٻہ آهي تہ گهٽيءَ ۾ ٻاهر
سجَ جي ٽال کي اڇلائيندي، ڪِلندي ڪُڏندي
پرچندي، رسندي ۽ ڪرندي اٿندي
ٿورڙي دير اڳي راند رهي پئي ٻارن
تنهنجي منهنجي ٻارن!

توکي معلوم ٻہ آهي منهنجا دانا دشمن!

# اوسونا!

چنڊ جو اولڙو سمنڊ ۾
سمنڊ ۾ اولڙو چنڊ جو
چنڊ جو
سُونهن جو آهه اُهڃاڻ
۽ سمنڊ جو
وقت جو آهه اهڃاڻ سونا!

مگر سچ پڇين جي تہ مون لاءِ
تون چنڊ
تون سمنڊ آهين او سونا!

# جندڙي آهي ڦاهي گهاٽ!

جندڙي آهي ڦاهي گهاٽُ، ڪير ڇڙهي؟ ۽ ڇاڙهي ڪيرُ!

دير سوير ٿئي ڇا ٻہ ٿئي، ٽيڙو آهي سڀ انڌيرُ.
ڪاٿ انهيءَ لئہ قائم دائم، ڪچڙو آهي جيڪو پيرُ.
دريا ساگر جهرٽو ساٺوڻ، ڌوئي سگهندو من جو ميرُ؟
رات رزيل اُهائي، ڏينهن ٻہ آهي ڇڻ تہ ڏڦيرُ.

جندڙيءَ آهي ڦاهي گهاٽ، ڪير ڇڙهي؟ ۽ ڇاڙهي ڪيرُ!

# جاڳي جڳ جاڳائجان!

وڏي واڪي ڳائجان،
جاڳي جڳ جاڳائجان.

جيسين سِر جو سانگ ڙي،
پير نہ پِڙَ ۾ پائجان.

مينديءَ بدران رَتَ ڪي،
هٿَ- تريءَ تي لائجان.

سوريءَ سيج سجائجان،
ڪُرڪي مَرِ نہ لائجان.

سنڌ سدا توساڻ آ،
متان ڪڏهن گهٻرائجان.

موچاري هر مهل آ،
مَلهي مهل ملهائجان.

اُماس ۾ "امداد" تون،
ڪونجن جان ڪُرلائجان.

غدار نہ ٿيجان ڪڏهن،
زهر انهيءَ کان کائجان.

گهور گهنگهور باٺ ۾،
واٺَ مَ وِيرَ وڃائجان.

## سَتَ سڳيٽي

رَتَ رتيٽي
سَتَ سڳيٽي
منهنجن ٻن ٻارن جي ماءُ!
رهندي جُڳ تائين
تنهنجي ٽٽن ۾ ٽِڄ رهي

ٻٽيهہ لکٽي!
ڏرتيءَ ماتر ڀوميءَ کي
ڇٽيهہ لکٽا پُٽَ ڄٽي ڏي!

## ساٽيھہ جو سندوم

مون کي ھر ديس جي ھر ويس لئہ عزت آھي
منھنجي سلوار ۽ پھراڻ بہ ڪو گھٽ ڪونھي
آءٌ ھرملڪ جي عظمت کي مڃان ٿو ليڪن
منھنجي ساٽيھہ جو سنسار ۾ ڪو مَٽ ڪونھي

مون رُنو لڙڪ تہ مِٽيءَ ۾ ملي موتي ٿيو
مون ڏنو ٽھڪ تہ ٿاريءَ تي ٽِڙيو ڦل ڪوئي
نرگس ۽ نسترن ۽ سوسن ۽ سنبل ريحان
مَٿَ آڏيريءَ جي گل سان نہ ڪريان گل ڪوئي
صنف ھرڪا لکيم آزاد ھجي يا پابند
نظم بي قافيا، سانيٽ، ترائيل، غزل
ڳوٺ ۽ شھر رُليس، ديس ۽ پرديس رُليس
بيت ۽ گيت ۽ وائيءَ جو مليو ڪونہ بدل

پرھہ جو ڳيت مون ڳاتو ھئو سورج جھڙو
سو سنگھارين جي ھٿن منجھہ مکڻ بڻجي ويو
ھا انھيءَ لاک رتي ڳيت جو ھر سُر سائين
لوئيءَ وارين جو سچو گُڻ ۽ لَکڻ بڻجي ويو

ريشم ۽ اطلس ۽ ڪمخواب ھجي يا زربفت
ڪپڙو کھڙو بہ ھجي، تَنَ ڍڪڻ ليءِ آھي
پوءِ ڪيڏو بہ ھجي مُلھُہ مھانگو اُن جو
مونڙي، سوسيءَ ۽ گربيءَ جو مگر مَٽ ناھي

مئي مينا هجي، شربت هجي، يا سافٽ ڊرنڪ
مون کي سيني کان وڌيڪ آهه کُهَرَ جو پاٽي
منهنجي اربيلي زمين اهڙي لڳي ٿي وينگس
نَڪَ ۾ نَٿَ پيل، نَٿَ ۾ سوني ڏاٽي
مون کي هر ديس جي هر ويس لئه عزت آهي
منهنجي سلوار ۽ پهراڻ بہ ڪو گهٽ ڪونهي
آءُ هر ملڪ جي عظمت کي مڃان ٿو ليڪن
منهنجي ساڙيهہ جو سنسار ۾ ڪو مَٽ ڪونهي

# سينڌ جي مِٽي
## [چوٿين مارچ تي]

سنڌڙيءَ جي مِٽي بہ مُلھ لهڻي
هيءَ مِٽي سينڌ جي مِٽي آهي
سينڌ جيڪا سِڌي گهٽي آهي
منزلن ڏانهن ڏس وڃي پيئي
روشنيءَ ڏانهن ڏس وڃي پيئي
زندگيءَ ڏانهن ڏس وڃي پيئي
ڪنهبي رتڙي مِٽي نرڙ تي مَلي
جا گهٽي قتل گاھ ڪان ٿيندي
دور تائين وڃي رهي آهي
آ تہ ان راھ تي اسين بہ رَمون
سنڌ جيئي سدا جِئي چوندا
آ تہ اِن قتل گاھ ڪان ٿيندا
هڪ نئين صبح جي سواگت لاءِ
سِر ترِيءَ تي رکي هليا تہ هلون!

# شاعري تہ تون آهين!

شاعري ڪنءَ چڙهي ڏيان آئون؟
جو سندم شاعري تہ تون آهين!
عاشقي ڪنءَ چڙهي ڏيان آئون؟
شاعري ڪنءَ چڙهي ڏيان آئون!

زندگي ڪنءَ چڙهي ڏيان آئون؟
جو سندم زندگي تہ تون آهين!
شاعري ڪنءَ چڙهي ڏيان آئون؟
جو سندم شاعري تہ تون آهين!

## ڪارنهن

هڪڙي ڪوري ڪاڳر تي
ڪوڙهئي هٿ سان
مَندا ٹُندا اکر لکي
تو فرمايو:
"هِن ۾ تنهنجو
۽ تنهنجي ايندڙ نسلن جو
ليک لکيل آ
تنهنجن حقن ۽ فرضن جو
سڀ احوال انهيءَ دفتر ۾ داخل آهي
تنهنجي هر بي نانءُ خوشيءَ جو لاش سڙيل
ڪاڳر جي هن مفت ڪفن ۾ ويڙهيل آهي
تنهنجين مُرڪن جا ماڪوڙا
هن ڳُڙَ لڳل ڪاڳر تي چهٽيل آهن
تنهنجي هر خواهش جو
لوُسي ڪُتو
پَونڪي پَونڪي
پنهنجا ڦٽَ چٽيندو
هِن ڪاڳر کي سُونگهي
پُڇ لوڏيندو!
توکي ورثي ۾ مليل بيمارين ۽ دردن جو
هِن ۾ دارُون درمل آهي
اَڌُ انهيءَ مان گهوٽي پي ڇڏ
اَڌ جو تائِت ناهي
ڳَٺُ ڳچيءَ ۾ پائي....."
ٻيو ٻہ الائي ڇا ڇا تو پئي فرمايو

مون تہ سمورو وقت اهو پئي سوچيو:
'منهنجي سيني ۾
هڪڙو دل جو دفتر آهي
اُن تي ٻاجهہ ڀريءَ ٻوليءَ ۾
مور- ڪنڀ سان ليک لکيل آ
اُن تي هڪ ٻاجهاري هٿ جي
مُهر لڳل آ
۽ اُن دل جي دفتر جي
هرڪا سِٽَ نرڙ تي اُڪريل آهي....'

پراو پاپي!
پراو گيدي!
تنهنجي اندر جي اَڪِ مُئل آ
تنهنجي سيني ۾
دل دانگي آ
تون اُن دانگيءَ جي ڪارنهن
منهنجي مُنهن تي ڪوهہ مَلين ٿو؟!

# پيار ٻہ ايڏو آهي!

ڪڏهن ڪڏهن انءَ لڳندو آهي
مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي

پينارن وانگي تـــــــو آڏو
مون قاتل جهول جهليو آهي

نيلو نِڀ هي جيڏو آهي
توسان پيار ٻہ ايڏو آهي

سارو لوڪ تہ تيڏو آهي
منڙو مارُو ميڏو آهي

# اوڻٽيهين رات

چا هيءَ اوڻٽيهينءَ جي رات
ڪڏهن نہ ڪائيندي مات
منهنجون آڱريون چڙي ويندو سَٽُ
نيرين نسن ۾ ڊوڙندي ڊوڙندي
ڄمي ويندو ڪوسو ريٽو رَتُ
لِڪندي لِڪندي
باک نہ ٻڪندي
پُورب پاسي
لاک نہ لڳندي

پني تي
هي مبهم لفظ اڻ چٽا
سِٽن جو هي ڏِنگو سِنگو ستاءُ
ايندڙ نسل
چا پائيندو
منهنجن نظمن مان!
لوڻ ٻرڪيل
منهنجن زخمن مان!

۽ موت
منهنجي پنيان بينو
ڪيڪرات ڪري رهيو آهي
ان جي سرد احساس کان
لڳ ڪانڊرايل
روح ۾ سيسراٽ

سيڪجهہ
در دريون ديوارون

**پڙدا**
**تصويرون**
**ڪتاب**
**لفظَ**
**معنائون**
**سيڪجهه**
**ها، سيڪجهه**
**ٻگڙي رهيو آهي!**

# ڇا جو رڙڪو هو!

پاڌر منجھ پڙاڏو هو،
هو هو هو هو هو هو....

دريءَ منجھان ڪو بينو هو،
ڪونہ هو! هو! ڪونہ هو! هو!

من- مهراڻ تہ مانو هو،
رُج ۾ ڇاجو رڙڪو هو؟

هونءَ تہ گهٽوئي ڏاهو هو،
ڪانگ ۾ پيرو ڦاٽو هو.

رستو تي ڪو بينو هو،
هُو يا هُن جو پاڇو هو!

تنبوري جي تار ٽُٽي،
روح اجا مس رِيڌو هو.

ڇاجو حق، ڇاجو انصاف،
جو ڏاڍو سو گابو هو.

سنڌڙي جو مون ساڻ هئي،
جيءَ ڪي کهڙو جوکو هو!

وشال نيلو آسمانُ،
منهنجو جيڏو سرتو هو.

تنهنجي در تي پهچائي،
اهڙو کهڙو رستو هو؟

اچرج جو اظهار نہ ڪر،
"امداد" اٿهئي اهڙو هو!

## پٽر مُرڪون!

مون ڪي اپ سيٽ ڪري
سيٽ ڪري پئي ڪمرو
"مُورتي ٻُڌ جي هتي ڪنءَ ٿي لڳي؟"
"نيڪ آهي!"
مان چوان ٿو ۽ نگاهون ڪٽي گوتم ڪي ڏسان ٿو، گوتم
ڏيان ۽ گيان ۾ گم
ڪارنس تي پيو مُرڪي، سَپويتر مُرڪون
سوچيان ٿو تہ هُجان مان بہ مُندي گوتم جي
ڪارنس تي پيو مُرڪيو مُرڪان
سَپَويتر مُرڪون
پٽر مُرڪون!

## هڪ ڪَوِتا جي وارتا

نِپ تي نڪيتر
وينگس جي سون ساريڪن هٿن سان
نيري چُنيءَ تي
تاڪيل ٽِڪون

اوچتو هڪ نڪيتر ڪڙيو
۽ هُن جي نيڻن جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ الوپ ٿي ويو

۽ ان ڪَوِتا جي وارتا
ڪيڏي نه ڪلڻ هاب آهي
ته اُها
رات جو
پُنيءَ پر پَٽ تي ليٽي
ٻانهن وهاڻو ڪري
نڪيترن تي نيڻ ڪُپائي
نه رچي وئي هئي!
بلڪ ڏينهن تتي جو
ايئرڪنڊيشنڊ روم ۾
ٽيبل لئمپ جي روشنيءَ ۾
ڪوري ڪاڳر تي لکي وئي هئي
پر لڙڪن سان نه
(جو ته لڙڪ اجا لهو نه ٻڻجي سگهيا هئا!)
نه ئي مُچيل آڱرين سان
بلڪ شيفر پين سان
پارڪر اِنڪ سان
رات جهڙي ڪاري مس سان لکي وئي اُها ڪَوتا

هن هڪ نهار ڪَوِتا تي وڌي
اکر ڏنڌلا لڳس

هن اکين تان عينڪ لاهي
ڪاوا اُگهيا
اکر اجا بہ ڏنڊلا هئا

هن شرٽ جي ٻانهن سان اکين جي ڪُندن کي اُگهيو
جتي نڪٽ ڪڙي الوپ ٿي ويو هو
لڙڪ ٻڏجي ويو هو!

ڇا هُن اها ڪَوِتا لکي
رڳو ڪاڳر ئي ڪارو ڪيو هو؟
سو بہ آفيس جو ڪاڳر
آفيس جو وقت وڃايو هو؟
آفيس جي لائيٽ ڪتب آندي هئي؟

۽ سپاٽي پريون پيون هونديون اخبارون هن جي خلاف
خبرن سان!

## بادل برسيو

بادل   برسيو
تِرُ بہ نہ ترسيو
جيڏي سرتي مُرڪي ڌرتي
جهُومي ڳايو آسمان

پاڻ بہ پَٽ جون پينگهون پايون
جهُولُون هڪبِئي کي جهُولايون
مولا ٿيئڙو مهربان

ڪيهہ ڪتوري ٿي وئي آهي
جندڙي جهومي جي پئي آهي
ڪنوٽين لاتي ڪِل ڪِلان

اُڀ تي اندلٺ آرس ٽاٽيا
ڌرتيءَ مينهن وساڙا ماٽيا
سُريلڙو آهي سمان!
بادل برسيو
تِر بہ نہ ترسيو

# ياد ڪا

اُداس آءٌ
اڪيلو
۽ آخري سگريٽ
دُکائڻي تہ هئي ڪانہ
پر دُکي ويئي

دريون ۽ در تہ هئا بند
پوءِ بہ ڪَرِتا جان
الائجي تہ ڪٿان؟
ياد ڪا اچي ويئي!
وڪوڙجي ويو سارو وجود
دُونهين ۾
اکين ۾ دُونهن اچي ويو
تہ ٿيون اکيون آليون!

# ٻاهر ساگر سانت

جاڳ ۾ سپني وانگ،
اڳيان اڳيان مارئي-
پويان ڇيلن ڇانگَ!

گوري، پُشپ، ڪمليشُ(1)،
ولي رام(2) جو گهَرُ ڇڻ-
هڪڙو نِنڊڙو ديش!

شاعر ۽ ايڪانت،
اندر وِهُه ولوڙجي-
ٻاهر ساگر سانت!

(1) ولي رام ولڀ جا ٻار
(2) ولي رام ولڀ

# هيمنگوي جي ياد ۾!

زندگي آهه جڻ ته ڪا توڦاڪ
جنهن جي ڊيڊريءَ ۾ ڪارتوس پريل
پنهنجي آڱر ئي آ ٽرئگر تي
ساڀ چوويهه ئي ڪلاڪ ڊريل
پاڻ ئي آهِيون نشاني تي
بس ڇُٽي جاڻ ڪنهن بهاني تي!

# شهر ۾!

هن ڪي اها سُڌ نہ هئي
پٽيءَ نہ هئي
تہ هو پنهنجو ٻاڙهو ڏڳو
جيڪو هاٽي هر جي سَٽ نہ ٽي سهي سگهيو
نڪو هُرلي ۾ وهي ٽي سگهيو
شهر وڪڻڻ ويندو
تہ جيئن ڪوس- گهر ۾ ڪُسجي وڃي
اڏيءَ تي تڙون تڙون ٿي وڪجي وڃي
ٻاڙهو ڏڳو
جنهن ڏرتي ڪيڙي هئي
هن لاءِ اَنُ اُپايو هو
ٻاهہ ٻاهيو هو
رُڪي يت جو جيڪو ڳٽو
هُن پنهنجن ٻچن جي وات ۾ رکيو هو
اُهو اُنهيءَ ٻاڙهي ڏڳي جي ڪري ئي تہ هو!

هن جي لاءِ ٻوجهہ ڍوئيندي
جنهن جي ڪؤنٽ تي
پاڃاريءَ جي ڳاٺ پئجي وئي هئي

اڄ هُو اُنهيءَ ٻاڙهي ڏڳي ڪي
وڪڻڻ لاءِ
ڪوس- گهر ۾ ڪُسجڻ لاءِ
تڙون تڙون ٿي وڪجڻ لاءِ
شهر وٺي رهيو هو
جيئن مرشد جي اڇڻ تي
اُن ڪي ڏَنُ ڏئي سگهي!

پر هن کي سُڌ نہ هئي
پتيءَ نہ هئي
تہ ٻاڙهي ڏٻِي بدران
شـــــهــــــر ۾
پاڻ ڪُسجي ويندو!

# پُڇڻ تا!

ڊيٿ اسڪوآڊ جي آڏو بيٺل
آهيان آءٌ-
- پُڇن تا مون کان
- تہ سندم آخري خواهش ڇاهي؟!

# شالَ!

موج تو ۾ رهي شال سنڌونديءَ!
چنڊ تولئہ چڙهي چوٽ آڪاس تي
۽ روان شل رهي آب، آبِ حيات
سِير جي سِينڌ ۾ شل ستارا ڪڙن
هيءَ پير، هوءَ پير شال مارُو مِڙن
ٺهڪڙا انءَ ٽِڙن جنءَ ڦلا ٽا ٽڙن

وَهه ڪٽوريءَ ڪنان شال وِترو وهي
لهر تنهنجي مڙوئي هجي لال شال
واءُ توتي سدائين سٺائو وري
۽ مهاڻن مٿان مهر سائين ڪري
هر مُهاڻي ڏيا جو ڏِيو تي ٻري
سِڙَهه ساڃا ڪري شال ٻيڙي تري
۽ سندن ٻارڙا ڪوجهڙا ڪارڙا
شال لُڏڙن جيان ٽُڙڱدا ئي رهن

هر اُجيو ٻُڪَ ۾ پاڪ پاڻي پئي
ڳاٽ اُوچو ڪري منهن مٿاهون ڪري
جنءَ جيڻ تو تئي تيئن جڳ ۾ جئي
سِجُ تولاءِ اُلهي تہ لاڪون لڳن
سِجُ تولاءِ اُيري تہ ٻاڪون ٻڪن

اُن سُريلي سياڳي سڀاڄهي سمئہ
ياد ڪج ياد ڪج ياد ڪج هي ڪوي
جنهن ڪڏهن ٻُڪَ ۾ پاڪ پاڻي پيري
هي ڦتل چَپَ اُن تي چِڏيا هئا رکي
اُن سُريلي سياڳي سڀاڄهي سمئہ
لات لنوندو لنگهيو هو پريان کو پکي
سِينڌ سُرمو ڪري ۽ تنجي ۽ مَکي

وَلِ سُرهي هجي جيئن وڻ سان ٻَڪي
انءَ ڪويءَ سان هئي هڪ سجيلي سَکي

۽ اُهو شام جو پهريون پهر هو
۽ سندن سامهون ڪوٽڙي شهر هو
ها، انهيءَ شهر ۾ هڪ ڪلپنا هئو
جاڳندل ۽ سُتل ٻن اکين لاءِ جو
اندلٺ جيئن ست رنگ سپنا هئو
ياد ڪج
ياد ڪج
ياد ڪج
ياد ڪج
تون انهيءَ پُٺ- سَپُت کي وسارين متان
جو ڪڏهن ڪونہ توکي وساري سگهيو
[25 اپريل 1994]

هن گهڻو ڪجهہ ڪرڻ تي گهريو سُڌ اٿئي
پر ڪري ڪجهہ سگهيو ڪونہ ڪو هو، مگر
رات اماوس هئي جُهڙ جهڙالي هئي
بس رڳو شمع جان پاڻ ٻاري سگهيو
جيترو ٿي سگهيو ٻاٽ ٽاري سگهيو
۽ سچا سون جهڙا لکيائين اکر
ڪجهہ ڪري جي سگهيو ڪُر اُجاري سگهيو
۽ ڪِريل جي بہ تحت الثريٰ ۾ هئا
سِجَ وانگر اُنهن کي اُڀاري سگهيو

ياد ڪج ياد موهن ڪلپنا اُهو
هڪ مسيحائي اعجاز جنهن کي هئو
۽ مٽي تي هئس ڇَٽُ ڪنڌن سندو
ها، وطن سنڌ اعزاز جنهن جو هئو!
[16 جنوري 1995]

## وڻ وڍڻ لئہ

ڪُهاڙو ڪنيائين
۽ وڻ ڪي وڍڻ لئہ
اُپو جنءَ ڪيائين
تڏهن اوچتو سوچيائين:
'اهو وڻ تہ مون سان گڏ ٿيو جوان هو!
اهو پُونءِ سان چنبڙيل مون جيان هو!
اِنهيءَ جي مٿان ساڳيو آسمان هو!'

ڪهاڙو ڇڏيائين
۽ وڻ سان ٻڪجي
رُنو- اوچنگارون ڏنائين....

# جاڳن پيا ستارا!

جاڳن پيا ستارا، ۽ تون سُتي پئي آن
مون جيئن، آڱرين ۾، سگريٽ ٿو ٻري پيو
رُت ريت ڪانہ سمجهين، ڪيڏي نہ بي چئي آن
جاڳن پيا ستارا، ۽ تون سُتي پئي آن

ڪهڙي هيين نہ اڳ ۾، ۽ ڪنءَ نہ ٿي وئي آن
۽ سُور پور پالي، من ڏير ٿو ڏري پيو
جاڳن پيا ستارا، ۽ تون سُتِي پئي آن
مون جيئن، آڱرين ۾، سگريٽ ٿو ٻري پيو!

# جندڙي گھوريان

تون تہ سجڻ منھنجي سر جو سائين،
توتان پنھنجي جندڙي گھوريان!

ساريون راتيون توکي ساريان، ڏينھن ڏکن جا ڏُسڪي گھاريان،
پرچي پير پرين شل پائين، آءُ تہ توسان اندر اوريان!

پل پل تنھنجا پُورَ پچايان، وَٽ کي سوريان لاٽ وڌايان،
نينھن لڳائي شال نڀائين، سِڪَ سڳو ٽي ساڄن سوريان.

# ڪاڳر ليڪ بنان!

آءُ اڄا ٻہ اُهوئي تنها
ٻَر ۾ ٻيٺل وَڻَ جيان
ٿهيل، ٽڙيل ۽ پکڙيل سوچون
ڏٽيءَ ٻنان ڪنهن ڏَڻَ جيان

آءُ اڄا ڏس رول اُهوئي
پياسي ڪنهن بادل وانگي
منهنجا اوڻي منهنجا ڳوڻي
سانگ هليا ويا ڪنهن سانگي

تيڪ ٻنان جنءَ ڪوئي سورج
هَٿَ هجن جنءَ ريڪ ٻنان
توبن آءُ ائين ئي ڪورو
ڪاڳر جنءَ ڪو ليڪ ٻنان

# اُهي ٻہ ڏينهن هئا!

سڀڳوري سنڌ جي شهرن ۾ توڙي ڳوٺن ۾
کُهُلِي ٿي هِيرَ ڏکڻ جي، اُهي ٻہ ڏينهن هئا
سدوري سنڌ ۾ جيڪا ٻہ مُند آئي ٿي
هئي سا مُند ملڻ جي، اُهي ٻہ ڏينهن هئا

نظر نظر ۾ نوان ۽ نبار نينهن هئا
ملير منجهہ هئي مارئي ۽ مينهن هئا
نہ لَڄَ لُٽَ هئي ۽ نہ ڪو ڦرون ڌاڙا
اُهي ٻہ ڏينهن هئا، ها اُهي ٻہ ڏينهن هئا!

## پوءِ تہ!

راتِ کي ڏينهن ڪرڻ
ڏينهن کي شام ڪرڻ
شام کي رات ڪرڻ
جيڪڏهن صرف اهائي آهي
زندگي پوءِ تہ اجائي آهي!

# ٻچيءَ ٻچي وَٽَ- سورَ

ماٺهو ٽياندڙيءَ تَپڙا، ماٺهو چيٽا پورَ،
مورن سان گڏ مور هُو، چورن سان گڏ چورَ.

چاڙهي چُوڙ وهي رهي، ٽِڪو ڪُرَ مَ لاءِ،
جنهن کي پنتي موٽڻو، پير مَ پِڙ ۾ پاءِ.

لهرين جي للڪار تي، چڙهنداسين ٽي چنڊ،
ڦاٽل ساٿل سِڙَهہ سان، جهاڳينداسين سمنڊ.

اوٺتيهينءَ اڌ رات جو، ٻچيءَ ٻچيءَ وَٽَ سورَ،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ شور آ، چونڪ چونڪ تي چورَ.

ڪامُ نہ پَڇُ نہ رڙ نہ رو، ڪنجهہ نہ ڪسڪ نہ ڪُرڪ،
پاءُ سڌي، وَڄ سان ڦٽي، ڦٽ تي لوڻ نہ ٻُرڪ.

# اڪيلي گهٽي هئي!

اڪيلي گهٽي هئي
اڪيلي هئي هوءَ
مان پڻ اڪيلو هئس

پوءِ ٻن مان اسين
هڪ ٿياسين
ڦِٽل جاءِ ۾
جا ڪڏهن
خوب آباد هئي!

# تنها اسين

اڪيلي اڪيلي ۾ دنيا اسين،
۽ ميلي جھميلي ۾ تنها اسين.

اڪين ۾ سمندر ڪٺي ٿا رُلون،
مگر بُوند جي لاءِ پياسا اسين.

جتان ٿا لنگھون آڱريون ٿيون کڄن،
سڄي شھر ۾ آهيون رسوا اسين.

سُرن ۾ سمائي سياڻي جو سِڄ،
سمئہ جي لتاڙيون ٿا سِيما اسين.

سماياسين گوريءَ جي گھاگھر ۾ ڪيئن،
ستن ساگرن کان بہ گھرا اسين!

اسان جي سدائين اوهان ڏانھن لُوهَہ،
اوهين آهيو ساگر تہ دريا اسين.

اوهان لاءِ پوتار هر دور ۾،
نہ سمجھي سگھو اهڙي پاشا اسين.

# وري رات ٿي وئي!

وري رات ٿي وئي
اُها جيڪا بازي رهي ڪانہ هئي مون، اُها مات ٿي وئي
گگن تي گهڙي ڪن اڳي
چنڊ هو گهوٽ ڄاڃي ستارا هئا
اُها آس جيڪا سُهاڳڻ لڳي ٿي،
اُها آس هاڻي ڏهاڳڻ لڳي ٿي

وري ماٺ ٿي وئي
ڪُتا ڀونڪِيا پئي سويري گهٽيءَ ۾
اجا ٿورڙي دير اڳ
ٻارڙا ڪيڏِيا پئي مِٽيءَ ۾

وري آڱريون
ڏيا ڪونہ ٻڌجي سگهيون
نہ رت جا ڦڙا لفظ ئي ٿي سگهيا
نرڙ جون لڪيرون سٽن ۾ نہ ماپي سگهيون
وري ساڳيو وقت معنا بنان
سنڌ سپ آدرش
ڪوڪلا نظريا!

۽ ڪوي
ڪنهن ڪويتا رچڻ ري
وري ساڳيوئي
اڪيلو اُهوئي
سمهي پيو اويلو
وري روئي روئي!

## ٻُڍڙو پيو اهو ٻہ!

ڪالهہ هتي هو چنڊُ،
اَڄُ اُتي اونداهہ جو-
مانڊيءَ منڊيو منڊُ!

مون ۾ ڳُڻُ نہ ڪوبہ،
توڪان، ماٺهن جي اڳيان-
ٻُڍڙو پيو اهو ٻہ!

تنهنجو سهج سياءُ،
وٺئي مُرڪ لوڻَ ٻُرڪ-
وٺم گهرو گهاءُ!

# سَڪٽي سوپ

سڪٽي سوپ پرائي ڪير
پهرين سر ڏينداسين
سوپون پوءِ پَسنداسين

سر گهورڻ ۾ ڪهڙي دير
سِر ڏڄ ڏار ڏرينداسين
سوپون پوءِ پَسنداسين

ويڙهي جي ويريءَ سين وير
پهرين پاڙينداسين
سوپون پوءِ پَسنداسين

پهرين پِڙ ۾ پائي پير
پرزا مِڙ ٽيبنداسين
سوپون پوءِ پَسنداسين!

## معاف ڪجانءِ مسافر!

مون کي معاف ڪجانءِ مسافر
جي مان توکان
مانيءَ ڏانيءَ
پاڻيءَ ڇاڻيءَ
جو نہ پڇان!
منهنجي قاتل سائل جهوليءَ ۾
ماني ناهي
ڏاني آهي
منهنجي سِيرُون سِيرُون ٻُڪ ۾
پاڻي ناهي
ڇاڻي آهي
مان پاڻ ٻُڪيو ۽ پياسو آهيان!

مون کي معاف ڪجانءِ مسافر
جي مان توکان.....

## ٻئي ڏينهن جو دوزخ!

اُهوئي آهُ اڌسُونهون
اُهوئي شهر
اُهائي شام دونهون!

اُهائي بُو هوا ۾
جنهن تہ ڪو ٿائر سڙي پيو
اُهوئي سائرن هر هر رڙي پيو!

ڄَور پيئي رَتُ چُوسي
پڇاڙيءَ جي ڦڙي تائين شفق جو
ڇٽي پئي آسمان تان رَڪَ
تہ در تہ ڄمي پئي

ڇتين ڇتين مٿان گهر گهر اڱڻ تي
اُهائي رات آهستي لهي پيئي ٻِليءَ پير
اُٽي ڪوريئڙو پيو ڄاڙ تي ڄارا
گهڙيءَ ڪان پوءِ ساڳيائي ستارا
ائين جڻءَ رَڪَ ۾ ٽانڊا!

گهٽين ۾ لَٽِ جي نڪ نڪ
ڪُتن جي ڀَونڪ
ڪنهن ڪنهن وير
رڪشا، ڪار جو رانياڙ هوندو
بلب جي بيمار پيلي روشني هوندي
۽ گهر جڻ اجتماعي مقبرا هوندا!

اُهوئي آهُ اڌسُونهون
اُهوئي شهر

## اُهائي شام دونهون

ساڳيو بي مهر ماڻهن جو اَجهل ريلو
روان آهي گهرن جي قبر ڏي
بي صبر خواهش کي سياڻي جا ڏنا ڏيئي سمهارڻ لئہ
وري ٻئي ڏينهن جي دوزخ کي ٻارڻ لئہ!

## ڏُسڪي پيئي ڏات:

گهٽو نہ تون ڳالهاءِ،
گُلَ ڪٽي وٺ پاڻ لئہ-
گاريون چڙ مون لاءِ!

نِپٽ انڌي رات،
ڏيئي سان اونداهہ ۾-
ڏُسڪي پيئي ڏات!

هينئڙي تنهنجا هورَ،
آڏيءَ ايش- ٽري مان-
اڏڙن لاءِ ڦلهورَ!

# ڏارين ۾ هڪ پنهنجو

هر گهُمري نڪور سِتا سِتي
ڇا ڇا نہ ڦٻايو آهي تو
اُماڙ اڪڙين، ڄڀَ ڄيِءَ سان
هر جيءُ جلَايو آهي تو
ڏارين هُشِ ڪيئي، پنهنجن کي
ڪتو بچايو آهي تو

ترَ جي ترِيناڪن سين ٻِٽَ تي
ڏارين سين ڏاڙيو آهي تو
هر نَڪُ ٻُٽو تو آهي ڪيو
هر سُهاڳ ساڙيو آهي تو
پلِيءَ پَتِ اهو ڄاڻين تو
پاڙين تي پاڙيو آهي تو

ڏرتي پيرن هينان ڪڍيئي
رَسو ڇِڪي ۽ لڙڪايو تو
ڄميل رت تي مٿي پاتئي
ڏيڙاٽيو تو دڙڪايو تو
سچ تي دانگيءَ لڳا چنيسر
ڪوڙ ڪٽڪ ڪڙڪايو تو

هَسُ پٽي لاهي اُڇلائي
جنڊ ٻُچيءَ ۾ پارايو تو
قبرن مان بہ هڏن کي چُونڊي
ٻارڻ تن تي ٻارايو تو
اِنڌي سوڙهي بند گهٽيءَ ۾
هَٿُ وني آ مارايو تو

تاڏي تو بندوق سڌي ڪئي
جاڏي ڪوئي هنج اُڏاڻو
جڏهن جڏهن ٻه ٻلاول ڄائو
تڏهن تڏهن تو ڪوڙيو گهاٽو
پوءِ ٻه سَچُ ته سورج وانگر
ڪونه اُجهاڻو ڪونه اُجهاڻو
ڪونه اُجهاڻو
ڪونه اُجهاڻو

# لڙڪ سوا اڪ!

پين آهي ته پنو ڪونهي ڪو
۽ پنو آهه ته پين آهي ڪانه
بئي آهن ته سندم ذهن صفا خالي آ
ڏوڪڙن ڪان سوا ڪيسي وانگي
چڻ ته ڪو هٿ هجي ريک بنان
چڻ ته ڪا اڪِ هجي لڙڪ سوا!

# پريت جو دان

ڪيترا سال انهيءَ ساڳي دريءَ جي هيٺان
ڪئين شهزادا اچي پانڌ پڪيڙي ويٺا
جنهن ۾ لعلون ۽ جواهر هئا جڳ مڳ جڳ مڳ
جنهن ۾ جرڪيا ٿي سندن بخت جان هيرا موتي
جيڪي شهزادا ٽٽڏي ڇانوَ ۾ پليا نپنا
ريشمي نرم وڇاڻن جا هئا جي هيراڪ
اُس ۾ نڪتا تہ ڇٽيءَ ڇانو ڪئي ٿي تن تي
مورڇل، ننڊ هجي جاڳ، جهُليو ٿي تن تي

اُهي شهزادا، اُيين پير، سنئين ڳاٺ، اُتي
صبح کان شام انهيءَ آس تي ويٺا هوندا
تہ ڀي ٿي مُرڪ جا گل تنهنجي چپن تي مُرڪن
تنهنجي ڇهري جو چڙهي چنڊ، ستارا جرڪن
۽ سندءِ سونهن جي ديدار جو خيرات ملي
تنهنجي نيڻن جي غزل جا ڀي ٿي اشعار ٻڌن
۽ سندءِ مشعلِ رخسار تي پروانہ وار
جهومندا کلندا ائين رقص ڪندا جلندا رهن
رسن و دارِ قد و زلف تي مَرڪي مُرڪي
ساهہ سر سرمد ۽ منصور جيان مُرڪي ڏين
تون جتي پير رکين، هي اُتي دل رکندا وڃن
ڪٿان گذرين ڀہ تہ اکڙين کي وڇائيندا وڃن!

ڪيترا سال انهيءَ ساڳي دريءَ جي هيٺان
ڪئين شهزادا انهيءَ آس تي ويٺا هوندا
۽ ٻڌايو اِهو هوندئون تہ وٽن هيتري فوج
هيترا گهوڙا ۽ هاٿي ۽ پيادا آهن
هيتريون سهڻيون ٻانهيون ۽ ٽڪن ورتا غلام
جن جي جانين جي هنن وٽ تہ ڪا قيمت ڪانهي

۽ سندن در تي سيئي ڏينهن سَوَ انسان حقير
هڪڙي مانيءَ جي سُڪل ڀور لئہ ڦٿڪي ٿا مرن
۽ سندن شينهن ۽ چيتا، اهي لاشا، ٻُڪ کان
خوب ڪائي ۽ ڀري پيٽ ڪي واڇون ٿا اُگهن

ڪيترا سال انهيءَ ساڄي دريءَ جي هيٺان
ڪئين شهزادا انهيءَ آس تي بيٺا ليڪن
تو ڪڏهن مُرڪي نهاريو، نہ دريءَ کي کوليو
نڪو وارن کي سنواريئہ ۽ نڪو نيڻ ڪنيئہ
چنڊ ڇهري جو چڙهيو ۽ نڪو تارا چمڪيا

اوچتو ڪالهہ انهيءَ ساڄي دريءَ جي هيٺان
دل جو ڪشڪول کڻي هڪڙو غريب ۽ مفلس
جنهن جي جهوليءَ ۾ وفائن جا هئا سورج گل
جنهن جي مُنهن مان ٽي ٻَڪيو پيار ۽ اخلاص جو نور
اچي بيٺو ۽ دريءَ ڏانهن سڃيائين اکڙيون
ها اچي سئن هنيائين ۽ جهليائين جهولي
تو ڏنو ريشمي پڙدن کي هٽائڻ جو حڪم
جي سندءِ سونهن جي سورج کي لڪائي نہ سگهيا
۽ ڪنول جيئن پيون مُرڪي سڀاجهيون اکڙيون
جڻ تہ انگوري شرابن جا بلوري ساغر

نولکو هار محبت جو ٻچيءَ ۾ پائي
دل جي ڪشڪول ۾ پاتو تو وجي پريت جو دان!

# بند ڪمري ۾

بند ڪمري جي اِڪيلائيءَ ۾
ڪنءَ نہ چمڪن ٽيون ٻليءَ جون اکيون
صرف گھڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ
مون سان جاڳي پئي اونداهيءَ ۾!

## هيلوڪو وري آ!

جاريين دود ڦُلا گُرگالُون، گولاڙا ٻي مَڪَ پڪي
دير سوير ٻه اچڻو آهين، آهيم اهڙي پَڪَ پڪي
هيلوڪو وري آ
هيلوڪو وري آ

ولر وهين جا ايندا آهن، ويندا آهن مَڪَ چُڳي
ايندين تون ته نه ويندين واپس، آهيم اهڙي آس رُڳي
هيلوڪو وري آ
هيلوڪو وري آ

بادل وانگي برسي ويندين، هن جيون جي ٻُٽَ مٿان
ڏڪٽان ايندين اُتران ايندين، ويس وسڻ جا ڪري ڪتان
هيلوڪو وري آ
هيلوڪو وري آ

ڪارونجهر جي ڪور مٿاران، مور ٿهوڪو ماري ڙي
ساري ساري توکي ڪوئي، تنهنجو پنهنجو ساري ڙي
هيلوڪو وري آ
هيلوڪو وري آ

# آءُ تہ جاڳون!

پوري چوري
آهي ننڊ ندوري چوري
توکي بہ نِهوڙي نيندي
مون کي بہ نهوڙي نيندي
آءُ تہ جاڳون!

پوري چوري
عمر بہ توري رات بہ توري
جنءَ جنءَ ڍرندي ويندي
تنءَ تنءَ  ٺرندي ويندي
آءُ تہ جاڳون!

# تنها هئاسين

سفر لاءِ نڪتا هئاسين،
سنڌ در تي وينا هئاسين.

هزارن ۾ هڪڙا هئاسين،
۽ پيارن جا پيارا هئاسين.

اوهان ٿورو مُرڪي نهاريو،
زماني ۾ رسوا هئاسين.

اسان زهر جو جام پيتو،
اسين ئي تہ دانا هئاسين.

وري اڄ رُنا وينا آهيو،
اڃا ڪالهہ پرتا هئاسين.

ڀلا ڪنهن کي سمجهائجي ڇا،
اسين پاڻ اهڙا هئاسين.

سنڌ هيڏي ساري جهان ۾،
ڏٺوسين تہ تنها هئاسين!

## ذهنيت

تنهنجي ننڍاڪڙي
گگريل ڊرائينگ رُوم ۾
هاف نيڪڊ نيگريس جي آئل پينٽنگ
ٽيليويين
سهڻي زال
موناليزا

گگريل ڊرائينگ رُوم ۾
ماڻهن جي ڪلن مان ٺهيل صوفاسيٽ
سوني ميز ۽ روپو ايش ٽري
تنهنجي آڱرين ۾ لڪڻ ڪيئن نہ ٿري!

## بنان عنوان

صدين کان پوءِ
اسيمبليءَ ۾
پوتار بہ آخر ڳالهايو
پهريون ڀيرو
هڪ ڪدڙي کي پُٽ ڄائو
سورج اولهہ کان اُڀريو
آڌيءَ آڌيءَ ڀيج پني
مادي ڪُڪُڙِ بانگ ڏِني!

# شايد !

شايد
تنهنجي من ۾ اجا ڪنهن جهاتي پاتي ڪانهي
شايد
تنهنجي ذهن جو بند ٿيل دروازو
ڪنهن جي ڪومل هٿ ڪڙڪايو ڪونهي
هر منظر تولئہ دونهاٿيل ۽ ڌنڌلايل
تنهنجي اکڙين جي ڳڙڪين تي ڄارو آهي!

انهيءَ ڪري ئي
تنهنجا گيت پراڻن گسي ويل ڪوٺن سڪن وانگي
ڪنهن نہ قبوليا
انهيءَ ڪري ئي
لفاظيءَ ۾ ويڙهيل تنهنجا جامد جذبا
پٿرن وانگي ٿڌا رهندا

اُتي
انهيءَ ڄاري کي هٽائي
دنيا کي ڏس
چنڊ بہ تنهنجي نيرين نيرين گهرين گهرين
اکڙين جي ساگر ۾
پنهنجو پاڻ پسڻ جي خاطر آتو آهي
سِجُ بہ تنهنجي اونداهي ۽ اٽڃاتي اُڀ تي
ايرڻ ڪارڻ ماندو آهي!

# ڪجهہ ترس اچا!

ڪجهہ ترس اچا ڪجهہ ترس اچا

منهنجي چڇريل ڇهري تي
هڪڙو ڇهڪ ٻيو بہ ڏئي وڃ
منهنجن ڦاٽل ڪپڙن تي
هڪڙو ٿهڪ ٻيو بہ ڏئي وڃ

ترس ڪري تون ترسي پئو
ايڏو بہ نہ ٿي بي ترس اچا

ڪجهہ ترس اچا ڪجهہ ترس اچا!

ويندي ويندي منهنجي مِنٽڙي
مون تي هڪڙو قرب ڪري وڃ
نَسَ نَسَ ۾ پور پور ۾
مُرڪي منڙو زهر ڀري وڃ

هن پُور منجهان ڪنءَ پُورت ٿيندي
سُور ڏئي وڃ سرس اچا

ڪجهہ ترس اچا ڪجهہ ترس اچا
ايڏو بہ نہ ٿي بي ترس اچا!

# ٻهانو

آرسيءَ پُڇيو هُن ڪان:
"پاءُ وال ڪپڙي ڪاڻ
ايتري تياري ڇو؟"
هُن وراڻيو مُرڪي:
"ريشمي گهٽيءَ ۾ جو
هڪ دڪان ڪونهي ڪو!"

## آ تہ لنئون ڪا لات!

پِرهہ ڦٽي پريات، الوميان، آ تہ لنئون ڪا لات!

ويندي ويندي گلن ڦلن تي، ماڪ رُني هئي رات،
آ تہ لنئون ڪا لات!

ڏيئي سان گڏ جاڳي آهي، تن تنها هڪ ڏات،
آ تہ لنئون ڪا لات!

ڏينهن ڪٽي آيو آهي ڏس، سورج جي سوغات،
آ تہ لنئون ڪا لات!

# قيدي!

"قيدي" نظم 1992 ۾ لکيو هئم، تڏهن، جڏهن قمر شهباز جيل ۾ هو، ڏوهہ؟ سنڌي هجڻ! نہ پُٺ- نہ مُٺ، ڪراچيءَ، آرٽس ڪائونسل، ۾ مشاعرو هو، مون اُن ۾ اياز جو نالو ورتو هو. اياز ڪراچيءَ ۾ هو، پر مشاعري ۾ شريڪ نہ هو. شايد ٻيو بہ هڪ اڌ نالو ورتو هوم. قمر جو نالو انهن ۾ نہ هو، جيڪو اُن وقت ڪراچي جيل ۾ هو، هُن ڏوراپو ڏياري مُڪو، چُمي چشمن تي رکيم ۽ هي نظم لکيم.

نظم، زبيده ڪاليج ۾ قمر سان ملهايل شام ڪان سواءِ، نہ ڪٿي پڙهيم نہ ئي ڪٿي ڇپيو. ان جو صرف پهريون (زندگي) ٻيو (روشني) ۽ پنجون (مهاشيہ) بند ئي "مهراڻ" ۾ ڇپيو آهي، هن نظم ۾ ڪردار فرضي آهن، نقلي آهن، ڪابہresemblance محض اتفاق آهي، هن نظم ۾ هڪ ئي ڪردار اصلي آهي ۽ اُهو آهي: "قيدي!"

زندگي مون ڇيو هئو هُن کي
پر اهو سوچيو بہ ڪونہ هئم
تہ اها زندگي حقيقت ۾
هاءِ ڪيڏي نہ بيوفا آهي
ڪنهن بہ معنا سوا، بنان مقصد
جڻ تہ ويراني ۾ صدا آهي
هُن جيان ئي هرويرو مجريل
هن جيان ئي خفا خفا آهي
پوڳنا صرف پوڳنا آهي

موت هرڪن پنيانس ڊوڙي تو
وجهہ وني اَڳ تو جهلي بيهي
پوءِ رستا هزار بدلايو
هي ڦري ڏڳ تو جهلي بيهي
۽ ڪٽي پيڙهہ ڪان اُکوڙي ٿو
پنهنجي ٿوهر هٿن سان شاخن تان
مکڙيون، گُلَ، گونچ روڙي ٿو
ڇِڪَ سان جند- تند ٽوڙي ٿو

جا جُڙي ڪانہ ٿي اُميريءَ سين

پر اِها ڳالھہ جي ڪري شاعر
تہ بنان ڏوھہ جي بہ ڏنڊ ڀري
چئي نقاد پوءِ وڏي واڪي
تہ: "اجا ڪونہ ٿو مرين بابا!"
پر اِئين چونہ ٿو چئي تہ: ڪوي
ڪالھہ، اڄ ۽ سياڻ ڪان آ مُڪت
هو تہ آزاد آ هوا وانگي
جنهن کي سيخون ڪڏهن جهلي نہ سگهيون
هُو تہ وقت آهہ جو نٿو ٿمجي
هُو تہ آهي اننت سمنڊ جيان
ٿاهہ جنهن جو نٿو لهي سگهجي!

هو تہ ڌرتيءَ جيان وشال آهي
هو تہ آڪاش وانگيان اُوچو
جو جهُڪي ئي نٿو سگهي ڪڏهين

هُو جُوالا مُکي اُهو آهي
جو ٺري ئي نٿو سگهي ڪڏهين
جو امر ٿي چڪو حياتيءَ ۾
سو مري ئي نٿو سگهي ڪڏهين

هُو تہ اتهاس جا اُهي پنا
آهہ، جي پاڻ هُن لکيا آهن
جيڪي هر قوم، هر زماني لاءِ
هر نئين نسل لئہ سِکيا آهن
پر اوهان لاءِ جي چِڪيا آهن
تہ علاج ان جو وڏڦڙو بہ نہ آهہ!

روشني مون چيو هئو هُن کي

روشني جا تڙي ٿي اوندهہ کي
روشني جا رڱو سُهائو آ
سوجهرو، نور ۽ اُجالو آ
سَچَ ۽ سُونهن جو حوالو آ
سِجُ ۽ چنڊ ۽ ستارو آ
هن سموري سرشٽ ۾، جيوت
لاءِ ست رنگ استعارو آ

پر اِهو سوچيو بہ ڪونہ هئم
تہ اِها بلب آهہ تارونءَ تي
جو مسلسل پَري رهيو آهي
۽ اها روشني تِڪي ٿِي ٿِي
اڪڙين ۾ اِئين ڇپي ويندي
جو اکِيان هَٿُ آٽو پوندو
۽ جڏهن هٿ هٿائٽو پوندو
تہ اکين جي اکِيان رڱو نچندا
ترورا ترورا وجي بچندا!

دوستي مون ڇيو هئو هُن کي
پر اِهو سوچيو بہ ڪونہ هئم
تہ اها دوستي هئي دم جي
سا بہ نادان سان نہ ڪنهن ڪم جي
جيڪڏهن دوستي اها آهي
دشمني پوءِ ڇا ڀلا آهي!

هُن تہ مون لاءِ پاڻ ماريو ٿي
پاڻ تي پيٽرول هاريو ٿي
پوءِ ماچيس سان گهي تيلي
پاڻ کي جيئري ئي ٻاريو ٿي!

۽ پکي سان رئو ٻَڌي پنهنجو

پاڻ کي پاڻ تي ڏنو ڦاھو
ٻوڙِيائين تي پاڻ سنڌوءَ ۾
ھُن تہ نس کي بليڊ سان تي ڪپيو
ٽرين مان پاڻ کي تي ڪيرايو
ڪُڏ تان پاڻ کي تي اُڇلايو

ڇا اهو ڍونگ هو؟
رڳو ڌُلبو!
يا ڇڙو ڊائلاگ بازي هئي!
۽ انهيءَ ڊائلاگ بازيءَ ۾
هوءَ ماهر هئي اڳي کان ئي
ڊائلاگن تي ڊائلاگ هڻڻ
کان سوا ڄڻ تہ ڪجھہ سِکي نہ هئي
رات جو ٽين ڇئين وڳي تائين
فون تي گفتگو ڪرڻ مون سان
مشغلو من پسند هو هُن جو!

سينڌ تي هٿ رکي ڇپائين جو
پَتر آگر چِلي لکيائين جو
سو رڳو ڪُوڙ هو؟
رڳـــو دوکـــــو!
ڄڻ تہ ماچيس جو نلهو کوکو
ڪنهن ڊِڙي تي سواءِ اُڇلڻ جي
ڪوبہ ڪارج نہ سِڌ ٿئي جنهن مان!

ڪالهہ جنهن باغ ۾ ملي تي هوءَ
۽ گلن ساڻ ڳَڏ ڪلي تي هوءَ
اڄ اُهي گل بہ ڇتر ٿا ياسن
اڄ اُهي ٺهڪ مِڪر ٿا ياسن!

ڪالهہ ڪيڏي نہ هوءَ پنهنجي هئي

صرف ۽ صرف صرف منهنجي هئي
اڄ اُهائي هئي ٻئي ڪنهن جي

سَتَ ڏارين ۽ پَر پرائي هئي
ڪالهه هڪ وار جي وِٿي نہ هئي
اڄ جدائي رڳو جدائي هئي

ڪالهه جنهن جاءِ تي هئس آئون
اڄ انهيءَ جاءِ تي ٻيو آهي

(۽ سياڻي وري ٿيون هوندو)
ها ٻيو جنهن رڳو ٻيائيءَ سان
بي حيائيءَ ۽ بي پِتائيءَ سان
زهر ايڏو پري ڇڏيو هُن ۾
جو سندس سُرخ رنگ اُڏامي ويو
هاڻ نيري لڳي پئي آهي!

شاعري مون چيو هئو هُن کي
پر اهو سوچيو بہ ڪونہ هئم
تہ اها شاعري سزا آهي
سا بہ ڪنهن ڏوهہ کان سوا آهي
جا اجا تاءِ پوکِيان وينو
هي لهو رنگ لڙڪ مس ڳاڙهڙ
ڪاڳرن جي مٿان رُئان وينو
لفظ جي روپ ۾ لکان وينو
جي ڪڏهن پوسٽ ڪونہ ٿي سگهندا
پوسٽ جي ٿي بہ ويا تہ ڇپجڻ ڪان
ڦيرائين جناب ايڊيٽر
(ذات جنهن کي نہ ڏانءُ آهي ڪو
ڊوندِ تي جڻ تہ ڪانءُ آهي ڪو
جيڪو پنهنجو لکيو پڙهي نہ سگهي

۽ ٻين جو پڙهي ڪڙهي نہ سگهي
ڪيئن اِن سيٺ تي اچي پهتو؟
ڪير آ جو پلا نٿو ڄاڻي
جنهن ڪڏهن سِٺَ ڪانہ سرجي ڪا
تہ غزل، نظم، گيت، وائيءَ جي
ڪنهن ترائيل، بيت، ڪافيءَ جي
ڪنهن مقالي جي ڪنهن ڪهاڻيءَ جي
سو پلا ڪيئن مُلَهہ- ڪَٿَ ڪندو
جو ڇڪيندو رهيو ڏري واڏڻ
سو پلا ڪيئن سمجهندو تہ ادب
صرف پيشو نہ آ، عبادت آ
۽ سڄي عمر جي رياضت آ!)
سي پنا پاڻ سان ڪٺي هُن وٽ
پهچندو پاڻ کي وڏائڻ لاءِ
هوءَ پڙهندي تہ هيڊ تي ويندي
پوءِ ڏمچر ڪٺي مچائيندي
۽ تماشو ڪٺي لڳائيندي
ڪاڪڙي-ڦاڙ ڪُور ڪُور ڪندي
پُڇُ لوڏي گهٽا هليا ايندا
۽ اچي لُور لُور لُور ڪندا
ڄاڳري جيَ ساڻ ڳِگ ڳاڙي
۽ لڪيندا اچي چٽيندا ڪيس
۽ سندس هلڪڙي اشاري تي
ٻولڙيا ڌُهلڙي ڳچيءَ پائي
چَونڪ ڪان چَونڪ ۽ گهٽيءَڪان گهٽيءَ
ڳِگ وهائيندا پونڪندا ويندا
وَجُهہ لڳندن تہ چڪ هٽي ڪڍندا!

پهچندا پوءِ اُن مهاشيہ وٽ
مختصر ذڪر تي وجي اُن جو
ٻاهران صاف ۽ اچو اُجرو

جڏهن ته ڪورو پنو هجي ڪوئي
ڏيان ۽ گيان ساڻ جنهن تي ليک
مور جي ڪنپ سان هجي لکڻو!

يا ڪپهه جي ٽڙيل ڦُٽي ڪائي
صبح جي سِجَ جي سواگت لئه
پرهه جي ماک سان سنان ڪيل!

ٻاهران صاف ۽ اَڇو اُجرو
پر اندر ۾ رَڌو پيو آهي
جڏهن ڪفن پوش لاش آهي ڪو
ڊوندي جي ڏَپَ تي اڇي جنهن مان
پر مٿان عطر ۽ عنبير هڻي
پاڻ تي خوب سينٽ ڇٽڪاري
گند ٻينو ٻين تي اُڇلائي!

آگهي مون ڇيو هئو هُن کي
پر اهو سوچيو ٻه ڪونه هئم
ته اها آگهي ملي ٻه وڃي
ته رڳو اُجَ رُڃَ سُڃَ آهي
بس رڳو ٻُکَ ڏکَ ڃکَ آهي
هن ڇيو هو ته مور- پَرُ آهي
پر پٽيل آهه، هن ڇيو هو ڪونه!

آءٌ آهيان ۽ قيد تنهائي
جڏهن ته ڪو ٻي دريافتو قيدي
جنهن جي اڄ تاءِ ڪاٻه شنوائي
ڪانه تي آهه ڪنهن عدالت ۾
نه ملاقات ئي ڪڏهن آئي
۽ انهيءَ ٻي گناهه قيديءَ لاءِ
ڪوبه نهراءُ پاس ڪونه ٿيو

**نڪو اخبار ۾ بيان ڇپيو**
**نڪو جلسو جلوس ئي نڪتو!**

**آگهي مون ڇيو هئو هُن کي**
**شاعري مون ڇيو هئو هُن کي**
**دوستي مون ڇيو هئو هُن کي**
**روشني مون ڇيو هئو هُن کي**
**زندگي مون ڇيو هئو هُن کي**

# جمڙائوءَ تي وڻ

جمڙائوءَ جو تَڙُ،
ياد اٿئي يا ڪونہ ٿئي-
جهونو، گهاٽو ٻَڙُ!

هَيا، ڪيئي نہ ڳڻَ،
لاشن جيئن پيا هُئا-
جمڙائوءَ تي وَڻَ!

ٽڏڙي ٽڏڙي چانءُ
هاٽي انهيءَ پيٽيين-
وَڻُ نہ وَڻَ جو نانءُ!

# وقت

اڄ تہ نيراني تي وِيو درشن
ڏينهن ڪيڏو نہ ٿو لڳي روشن
ڏينهن جو آهہ رات جو دشمن
رات جا آهہ روح ۾ خنجر
رات جا آهہ نبض تي نشتر
نبض جا آهہ وقت جي ڌڙڪڻ
وقت جيڪو عظيم تر رهبر
وقت جيڪو عظيم تر رهزن!

## پوءِ بہ

سڀ چون تا ڏُک ملي تو پيار ۾
پوءِ بہ توسان پيار آهي او پرين!

گهاءَ تا جيڪي ملن
گُل جيان ٽِڙيو پون
داغ تا جيڪي ملن
چندِ جان کِڙيو پون

سُرَ سڀ سُڏڪا هتي
گيت تا گهٽجيو وڃن
مُرڪندي ئي مُرڪندي
نيڻ تا پرجيو اچن

پُورَ تا پلٽيو پون
مڇ مگر من تي مچن
ورهہ جون وايون سُٽي
ڳچ تا ڳريو پون

سڀ سياڻا تا چون
پيار آ پاڳلپڻو
سُک اُنهيءَ ۾ تورڙو-
ڏک انهيءَ ۾ آ گهڻو

سڀ چون تا ڏک ملي تو پيار ۾
پوءِ بہ توسان پيار آهي او پرين!

# سچل

سچل ميگهہ ملهار نہ آهي، سچل ديپڪ راڳ ميان!
بادل ناهي پيڙ آهي، آڳ نسوري آڳ ميان!
۽ ساري ڌرتيءَ سرتيءَ تي، سورج جيئن سياڳ ميان!
سسئي آهي، ڪيچ ڏٽيءَ لئہ، ورتو جنهن ويراڳ ميان!
عمر نہ آهي، مارُل آهي، ساٿيهہ جو تہ سهاڳ ميان!
سچل ميگهہ ملهار نہ آهي، سچل ديپڪ راڳ ميان!

سچل سِرُ تريءَ تي آهي، سارو لهو لهان ميان!
سچل ماٺ منوڙو ناهي، گوڙ آهي گهمسان ميان!
واريءَ ڪي تہ اُڏائي ويندو، تيز تِکو طوفان ميان!
ساجن ساهہ پساهہ سمايو، اعليٰ ٿيو انسان ميان!
منصوري ميءِ جو متوالو، سوريءَ تي اعلان ميان!
سچل سِرُ تريءَ تي آهي، سارو لهو لهان ميان!

سچل ڍنڍ نہ آهي، سچل موج پريو مهراڻ ميان!
رنديءَ مستيءَ سَرمستيءَ جو، ازل ڪنان اهڃاڻ ميان!
ايئن وجود ولوڙي ويئڙو، ماٽيءَ جئن مانڌاڻ ميان!
تن ڪي ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڪائي، سچل جن سين ساڻ ميان!
خاڪي پُتلي پرور وارو، پهريو آ پهراڻ ميان!
سچل ڍنڍ نہ آهي، سچل موج پريو مهراڻ ميان!

# وِڪَ ڪي وڏائي رک!

رَتَ ڪي گرم رک رڳن ۾ تون
لڙڪ هارين تہ هار، هانءُ نہ هار
ڏس متان تي وجين نہ پنڌ پَهڻ
ڇا بہ تي پئي ڪٽي، پنيان نہ نهار!

ٿورڙو پير ڪي اُڇت ڪڻ تون
ٿورڙو وِڪَ ڪي وڏائي رک
ڏينهن آهي هتان بہ ميل پري
اکڙين جا ڏِيا جلائي رک

# چنڊ لياڪو پاتو!

رات اسٽيج تي هُن ڳيتُ جو منهنجو ڳاتو،
ڪنهن قتل ڪوهہ ۾ جڻ چنڊ لياڪو پاتو.

سڀ وڏيري جي وڏائيءَ جا پيا ڳُڻ ڳائن،
سِنڌ جو ڳِيتُ بہ ڳاتو تہ ڳنوارن ڳاتو.

آرسيءَ ڪان تہ ڪڏهن ڪُوڙ نہ ٿيندو آهي،
تو ڪڏهن شيوِ ڪندي پاڻ سڃاتو ڄاتو!

آءٌ سيزر نہ سهي، پوءِ بہ پڇان ٿو توکان،
او بروٽس! او بروٽس!! او بروٽس! ڇا؟ تو!

جيئن ڏاريان ٿا ملن، تيئن ملينءَ ماڻهن ۾،
منهنجو ايمانُ ڪري مانُ ڀلا تو پاتو؟

تون سڄڻ سيڻ هيين، سَتَ سڱيٽي سائڻ،
تون تہ پنهنجي هيين، تو بہ ڏنو پاراتو!

# ڏُونهَن جي لِيڪَ

سِجُ اُلهڻ لڳو، سنجها ٽاڻي
ڳوٺ جي ٻاهرئين رستي تي،
ڏُونهَن جي لِيڪَ ڄمي وئي آهي!
منهنجي ماڻهن جي مِٽن ماڻهن جي،
زندگي هاڃي هڃي وئي آهي!

# هَٿُ ڏريل آهي سيني تي!

آڳ بخاري ۾ روشن هئي جا نيٽن وانگي سا بہ اُجهامي وئي،
رَڪَ بچي هئي، هوا لڳي، سا بہ اَجاتن ڏيهن ڏانهن اُڏامي وئي،
جنهن ٽيبل تي ڪتاب رکيل هوندا هئا، سا ٽيبل بہ وڪامي وئي.

ڪتاب چوٽڪي گهٽيءَ ۾ رديءَ ۾ نيلام ڪڏهوڪا ٿي بہ چڪا،
منهنجا اَبا ڏاڏا اَڱَ ڪيل ڏوهن جا سارا ڏنڊ ڏئي بہ چڪا،
سچ (يا ڪچ) لئہ تن جا پويان سندن پَٽيءَ جو زهر سمورو پي بہ چڪا.

جنهن گهر منجهہ جنم ورتم، پَليس نِپيس، ڇا هِي ساڳيو ئي گهر آهي،
طاق بنان درين جي سيخن مان ٻاهر انڌو هرڪو منظر آهي،
ڪلهہ جنهن گهر ۾ ماڻهو رهندا هئا اُهو بہ مون وانگر ڪنڊر آهي.

ڇِتر لهي ويا، ڇٽني پاسن ڪان ننگيون ڇُٽڙ لٽل ديوارون آهن،
۽ جنهن جنهن هنڌ لکيل هو تنهنجو منهنجو نانءُ، اُتي بس ڏارون آهن،
هينئون هيرڻ پن جنءَ ڦٽو ڦاٽو، هي نَسُون ناهن، ڦارون آهن.

ڪلهہ تنهنجا وار ڪُليا پيا هئا سيني تي ۽ اڄ باروت پريل آهي سيني تي،
اڪ ۾ ڪائي رم جهم ناهي اوجيڏي! مَڇُ ٻريل آهي سيني تي،
ڪلهہ جنهن هٿ ۾ تنهنجو هٿ هوندو هو، سو هَٿُ ڏريل آهي سيني تي!

## سورج پريين پار!

ديوار پٺيان ديوار،
مان ڄاڻان ٿو-
سورج پريين پار!

جڳ ۾ جاڙ ڄِئي،
صوفي لاڪوفي آهي-
ٻيڙي ٻه ڪونہ پِئي!

نرمل نرمل آڳريون،
ڏاهِي ٿيءُ-
ٻيريون آهن ڄاڳريون!

# سنڌڙيءَ جهڙو ديس

ڪِلنديون ڪِلنديون مڪڙِيون، رُوئندي روئندي ماڪَ،
پرهہ- پکيئڙا، لاتِيون، ڳهُلندي ڳهُلندي هيرَ.

لوڪ نڪو پرلوڪ ۾، ڳوليو ليندو مُورِ،
جندڙيءَ جهڙي ويس جان، سنڌڙيءَ جهڙو ديسُ.

"ڪارڙو ڪماڙو" سان، پنندا اَن جي لَپَ،
ٻِلَ ٻِچيءَ ۾ جهولٽيون، ڪاش هجون ها ٻار!

چندٻ چڙهئي ٽيا هوڪرا، لڳي سيندِ تي سيندِ،
چند لٽي چورن ڇڏي، ونجهہ وٽيءَ جي راند.

ڇهري جي چانداڻ ۾، ساهن جي سُرهاڻ،
دوهي جهڙا ڇَپَ هئا، نيل ڪنول هئا نيڻ.

# ”حليم بروهي“ لاءِ

ليڪ لکي پل لَڪَ حليم
پاڻ تہ آهيون مال غنيم
پنهنجن ٻہ لُٽيو،
ڌارين ٻہ ڦُريو
هِت سوئي ٿيو
جو تو نہ گهُريو،
جو مون نہ گهُريو!

# هوا پئي در ڪڙڪائي

هوا پئي در ڪڙڪائي
اونداهي اڌ رات جو

ڪڙ ڪڙ- ڪڙ ڪڙ....

ڏُوڪي در جي سِيرَ مان
لاٽَ ڏِيي جي ڦڙڪائي
اونداهي اڌ رات جو
هوا پئي در ڪڙڪائي

ڪڙ ڪڙ- ڪڙ ڪڙ....

اَڌَ اُگهاڙي انگ ۾
ڌڙ ڌڙ دلڙي ڌڙڪائي
اونداهيءَ اڌ رات جو
هوا پئي در ڪڙڪائي

ڪڙ ڪڙ- ڪڙ ڪڙ....

سوريءَ تي ڄڻ ساهه ڪي
پاڻ رکيوسين لڙڪائي
اونداهي اڌ رات جو
هوا پئي در ڪڙڪائي

ڪڙ ڪڙ- ڪڙ ڪڙ....

نِڪران، دهشتگرد ڪو
ڪَڙڪَڙ گوليون ڪڙڪائي
اونداهيءَ اڌ رات جو
هوا پئي در ڪڙڪائي

ڪڙ ڪڙ- ڪڙ ڪڙ....

الائجي تہ ڪٿان ڪٿان
پاڻ آئي آ وڙڪائي
اونداهي اڌ رات جو
هوا پئي در ڪڙڪائي

ڪڙ ڪڙ- ڪڙ ڪڙ....

# پر گهائجي ويندين!

جڏهن مان ياد ايندي سانءِ تون گهٻرائجي ويندين،
وسارڻ جا گهٽائي وس ڪندين پر گهائجي ويندين.

اگڻ تي ڇهڪ ٻڌجي لهنديون تولاءِ چانڊوڪيون،
بهارن ۾ ٽڙڻ گهرندين مگر ڪُومائجي ويندين.

جڏهن منهنجي وفا جو ذڪر ٿيندو تنهنجي محفل ۾،
تڏهن پنهنجي جفا تي بيوفا شرمائجي ويندين.

ڪڙو لڳندو ته لڳندءِ آءُ آهيان، لُوهه پائيندين،
دريءَ، در سان، ڪڏهن ديوار سان ٽڪرائجي ويندين.

انهيءَ ۾ ڏوهه ڪو "امداد" جو هوندو، نه ٻئي ڪنهن جو،
تڙپ هوندي ته پنهنجي هوندئي تڙپائجي ويندين!

# شيشو ڪنهن ٽِڙڪايو!

هُن جو پالُ پَلايو هوندو،
درتاءِ چڏڻ آيو هوندو.

سورُ ڪٽي سهسايو هوندو،
ها، پر ڪنءَ سهسايو هوندو!

"امداد" ادا! ڪنهن تي ڄاتو،
پنهنجو ساهه پرايو هوندو!

ماڻُهن ميڙي هوندي مايا،
۽ مون قرب ڪمايو هوندو!

هر دَور، عصر، هر عيسيٰ ڪي،
ڪنڊن- ڇٽ پهرايو هوندو.

مٽيءَ جي آدم جي آڏو،
مَلڪن ڪنڌ نمايو هوندو.

ڇاتيءَ تي ڇو هٿ آ منهنجو؟
شيشو ڪنهن ٽِڙڪايو هوندو!

سيني جي تارن تي اڪ هئي،
۽ مون چنڊ ٽِڪايو هوندو.

پيرن تنهنجي گهر ڏي ايندي،
آٽي پنڌ پُڄايو هوندو.

( ق )
جڏهن بہ سانوڻ آيو هوندو،
اڪڙين آب وسايو هوندو.

ڳيت پپيهي ڳايو هوندو،
سُر مون ساڻ ملايو هوندو.

رم جهم بارش برسي هوندي،
ڪنوٽين کيل رچايو هوندو.

# مانَ!

دل جو ڪشڪول ڪٽي شهر سڄو رُلنداسين،
مانَ ڪو پيار جو پئسو ڏئي ڇاتيءَ لائي!
ڪو دلاسن جو ٽڪو ڏي پوءِ ڪوڙو ئي سهي،
مانَ ڪو مُرڪ جو سِڪو ڏي ڳرهاٽي پائي!

# ڏُريان ئي ڏار

ڏُريان ئي ڏار ۽ سفاڪ، توڙ جو ويري
روالور ۾ سيئي گوليون پري به چڪو
۽ ان جو نال نرڙ جي مٿان ڌري به چڪو
رکي ٻُلن ڊنل آڱر وري ٽرئگر تي
روالور سڄو خالي اُھو ڪري به چڪو

گلال رنگ لھو روڊ تي پيو آھي
لڳي ٿو تيز ھوا ۾ ٻريل ڏيو آھي

اي سنڌ ماءُ! سنڌءِ پُٽ ڪريم بخش بلوچ
نثار شھر ڪراچيءَ مٿان ٿيو آھي
۽ تنھنجي سينڌ ۾ سج چنڊ ٿي ويو آھي!

# گئس چئمبر!

حيات آهي يا گئس چئمبر
ٻٽڻ دٻائڻ جي دير آهي
رڳن اندر پيٽرول جو وهڪرو
رڳو لائٽر جلائڻ جو دير آهي
هڏن اندر مِڪَ ناهه باروت آهه
تيلي رڳو دڪائڻ جي دير آهي
۽ سيني ۾ دل جي هنڌ ٽائيم بم رکيل
ٽِڪ
ٽِڪ
ٽِڪ
ٽِڪ
انهيءَ صدا کان سوا سڀ آواز
بئنڪ اسٽرانگ روم ۾ گُم

نشان يو اين او جوڳيرو نہ آهه
ڪِجهہَ آهه
نظريا
آدرش
سمورا ئي ڏوندِ آهن!

## انهيءَ ڪان پوءِ به!

صبا خرام پرين
اي صبا خرام پرين!
اسان جي راهہ ۾ شيشا ڀڳا پيا آهن
انهيءَ ڪان پوءِ بہ جي تون ملڻ گهرين تہ هليا
اُگهاڙا پير ڪري جي اچڻ گهرين تہ هليا!

# رين وِهاڻي

رين وِهاڻي رين وِهاڻي،
پوري ٿي وئي پاپ ڪهاڻي.

بادل کو برسائي مولا،
کوهہ بہ ڪن ٿا پاڻي پاڻي.

ڏني تنين کي ڏينهن لنگهي ويا،
روح جنين سين روزِ رهاڻي.

مري وڃين تون شل او مُورَکَ،
مري نہ تنهنجي اک جو پاڻي.

تيز هوا ۾ وَڻ وساڻي،
آس تہ پوءِ بہ ڪانہ اُجهاڻي.

اڄ ئي آءٌ ڪري ٿو ڊاريان،
سِڄُ ڪندو جيڪا بہ سياڻي.

# اجنبي

شام آهي اڪيلي اڪيلي
۽ خاموش خاموش
وڻ بہ آهن اڪيلا اڪيلا
۽ خاموش خاموش
گل بہ آهن اڪيلا اڪيلا
۽ خاموش خاموش
خوشبو بہ آهي اڪيلي اڪيلي
۽ خاموش خاموش
رنگ آهن اڪيلا اڪيلا
۽ خاموش خاموش
۽ وڻن جي وچان
جيڪو رستو مَٿي تو
سو بہ آهي اڪيلو اڪيلو
۽ خاموش خاموش
رستي جي پرسان
پيل بينچ آهي اڪيلي اڪيلي
۽ خاموش خاموش
۽ انهيءَ بينچ تي
هوءَ بہ آهي اڪيلي اڪيلي
۽ خاموش خاموش
مان بہ آهيان اڪيلو اڪيلو
۽ خاموش خاموش!

## آءٌ ۽ چنڊ

وري وقت بازولي پاتي
۽ دولاب سان
سج جي سيني ۾ خنجر هنيو
۽ تازن گلابن جون نازڪ ۽ معصوم پتيون
اُفق تي اُڏامڻ لڳيون
انهيءَ خون ناحق لڪائڻ جي خاطر
وري رات آئي
وري چنڊ جا داغ روشن ٿيا
وري زخم تارن جا مُرڪي پيا
وري درد جي قافلن
دل جي منزل تي خيمن کي کوڙيو
وري بيقراريءَ جا نشتر لڳا
وري جاڳندڙ نيڻ ڦٿڪي پيا
وري مدتن کان اُجايل زمين تي
اکين اشڪباري ڪئي!

ائين رُئندي رُئندي
نظر چنڊ تي پئي
اُهو چنڊ صدين جو گهايل
اُهو عهد پيمانِ الفت جو تنها امين
وفائن جو ضامن

اِئين پاڻ ڏي
مون کي يَڪ ٽِڪ تڪيندو ڏسي
کِلي پيو- ۽ پوءِ
آءٌ ۽ چنڊ

ڪِلندا ڪِلائيندا
جڳمڳ ستارن جا سينا لتاڙيندا
تاريڪين جا ستم دل تي سهندا
نئين صبح جي جستجوئن ۾ نڪري وياسين
جتي اَڻمَيا رنگ خوشبو جا آهن خزانا!

## رولڙي ڪان پوءِ!

توسوا
جيترو عرصو جياسين
جاڙ ئي جاني جياسين
۽ جڏهن
تنهنجي پُڪي پيارا پياسين
جڻ جڳن جي رولڙي ڪان پوءِ
ٽانيڪا ٿياسين!

# لهوءَ جي ميندي!

چا گُلن سان ئي رڱو ڪيڏندا رهنداسين ٻئي؟
اُلجهنداسين نہ ڪڏهن ڪنڊن سان!
ڪنءَ ڪنداسين جي اُها آئي گهڙي
اٽڪندو پاند جڏهن ڪنڊن سان!

تو انهيءَ تي بہ ڪڏهن سوچيو آ؟
تو ڪڏهن آهہ ڪيو پاڻ کان اهڙو ڪو سوال!
جي ڪيو آهہ تہ مليئہ ڪو جواب؟
جي مليو هوءِ تہ مون کي بہ ٻڌائي ڇڏجان
تہ لڳي ڪيئن ٿي پيرن تي لهوءَ جي ميندي!

## بس بس بادل بس وو!

بس بس بادل بس وو، منهنجو جيءُ جهُڙالڙو!

مُند ٻہ آ منڙي جيان، مُند متان ڇا وس وو
منهنجو جيءُ جهُڙالڙو!

جتي وسي ٿو مون پرين، اُتي وڃي تون وس وو
منهنجو جيءُ جهُڙالڙو!

اکڙين بس ڪئي ڪٽي، بوندن ڪانهي بس وو
منهنجو جيءُ جهُڙالڙو!

جهُڙُ هجي، جاني هجي، اهڙو ٻيو ڪو رس وو
منهنجو جيءُ جهُڙالڙو!

# تون مورُ ٿي وڃ!

تون نہ رو
هن تتيءَ ڌرتيءَ مٿان
تون نہ رو
جيڪڏهن چاهين تہ ڪو بادل وسي
تون مور ٿي وڃ
۽ ٺهوڪو هڻ تہ ڪارونجهر ٻُري
گاج ۾ گجگاج ٿئي
۽ ڪرم جو ڪو ڪڪر
ٻُٽ تي وسي
پياس ڌرتيءَ جي ٻجهي
۽ نرڙ اتهاس جو ڌوپي وڃي!

## سُونهاري جا سنڌ !

ڪچو ڏاڳو جِند، ڇِڪَ اچي تان ڇڄي وڃي!
سُونهاري جا سِنڌ، آهي لاٽ لُلاٽ جي!

هيءُ جا لاٽَ للاٽَ، لُڇي پئي اونداهه ۾،
نِپٽ انڌي ٻاٽَ، ٽاريندي سا ڏيهه تان!

سانوڻ هو يا نيڻَ، وٺا ٻئي پئي رات جو،
جهڙا سڳا سيڻَ، وڇڙي وڃڙن ڪينڪي!

# اوسيئڙو

شام ٿي وئي آهي
رَتُ سَتُ اوڳاڇي
سج لهي ويو آهي
مون ڏيو جلايو آ
هُو اڃا نہ آيو آ!

رات ٿي وئي آهي
چنڊ چوٿ تي آهي
۽ ڦلا ستارن جا
هر ڏِسا ٽڙيل آهن
وِلهَہ، سيج تي ساڄن!
مکڙِيون کڙيل آهن
سانت منجهہ سناٽي
جا بہ سُر چڙيل آهن
رُتِ ريت ريٽي آ
ميت گيت سڏڪن ٿا
سِينڌ مون سجائي جا
ٿي وئي اجائي سا

رات ڏينهن پرچايو
لڙڪ ماڪ جا روئي
مون ڏِيو اُجهايو آ
هُو اڃا نہ آيو آ!

## هڪ منظر

ڪـــاوڙي هــوءَ،
جُهڙ جهُڙالا تــيــا
گوڙ گجگوڙ تي،
ڏَڙيـــائيــن جيـئن
پـــــوءِ رُنـــــي
۽ وري کِلي پئي ايئن
مِينهَن کــان پــوءِ
جيئن اُس نـکــري!

# مان اَپراڌي

پير ڪڙين ۾ منهنجا پيرَ، مان اپراڌي!
پڳي پئي آ من جي ويڙا، چڳي پئي آ چيرَ،
مان اپراڌي!

لُڇي پُڇي ۽ مري نري وئي، هِيرَ جهنڻ جي هيرَ،
مان اپراڌي!

سوچان ٿو هِن ويرَ ملڻ لئہ، آئي هوندي ڪيرَ؟
مان اپراڌي!

# يارن جي ياد!

رشيد[1]
تنوير
اياز هو ۽ گلاب ها لان ۾، هتن ۾ پريل هُئا جام، چاندني هئي
پريل هئو هانءُ

ڳالهڙين جا هزارها پرت سهس رنگي سمۂ جي گج تي پري ڇڏياسين
۽ سنڌ جي ڳالهه جيئن نڪتي
تہ خوف خطرا ڏرم ڪرم سڀ پري ڇڏياسين
اياز محفل منجهان اٿي ويو تہ جام اونڌا ڪري ڇڏياسين

مگر گلابي سُڳنڌ آهي اجا هوا ۾
خمار آهي اجا فضا ۾
رشيد جا ٽهڪڙا ٻُرن ٿا اجا ڪنن ۾
اجا تہ آ چاندني صدا ۾!

[1] رشيد ڀٽي، تنوير عباسي، شيخ اياز

# قبله مخدوم طالب المولىٰ

قبله مخدوم طالب المولىٰ
بس رڳو ايترو ئي عرض آهي
ته اُنهيءَ رَبَ پاڪ جي ساراهه
هر بشر لاءِ عين فرض آهي

جنهن نبي ۽ رشي، مُني، اوتار
موڪليا هن جهان فانيءَ ۾
ذات جنهن کي وڏيس ڏي ڏاتار

جنهن سڄي ڪائنات کي جوڙيو
رات جي لاءِ ڏينهن کي ناهيو
ڏينهن جي لاءِ رات کي جوڙيو

ڏينهن جي لاءِ ڇَٽُ سورج جو
رات جي سِينڌ لئه ستارن کي
سنڌڙي ديس مَٿُ سورج جو

مان ٻه اُن ديس جو ڪوي آهيان
جو ٻه غدار آهه مان ان جي
سرِ بازار لاک ٿو لاهيان

باک جي ساک سان چوان ٿو مان
تو پرينءَ کي ڏٺو، اسان توکي
مان مڃان ٿو اهو مڃان ٿو مان

# ”اياز“ ٻہ ساڳيو!

اڪ ۾ گهري گهُور گهٽي
مُڪ تي ساڳي مُرڪ ڪٽي
پنهنجي اِستڪ کي ٽيڪيندو
تاجل(1) ڏانهن اياز هليو ويو
گولين کان هو ڪونہ جهليو ويو
هٿ تاڙن کان ڪونہ پليو ويو

هي شهر ڪلاچيءَ مائيءَ جو
ساڳيو شهر، اياز ٻہ ساڳيو
روح سندس آ جنهن سان واڳيو
ورھ وليون ٻہ اُهيئي ساڳيون
"چنڊ ڳليون(2)"ٻہ اُهيئي ساڳيون

پر اڄ ڪيڏو فرق انهن ۾
ڳاڙهو ريتو رَتُ انهن ۾
پاٽيءَ بدران هاريل آهي

جڻ چتي جو ڏاڙهيل آهي
ماٺهو هاٽي ماٺهو ناهي
جڻ ڪو واچڙ سوئر آهي!

---

(1) تاجل بيوس
(2) شيخ اياز جو شعري مجموعو

# ساگر ۾ دريا پون ٿا

اُهي جيڪي مُنهن تي ته ساراهه ڪن ٿا
الائي ته پَرپُٺ سي ڇا ڇا چون ٿا

اهو معجزو جي نه آهي ته ڇاهي
ٻئي نيڻ هڪڙو ئي سپنو ڏسن ٿا

وجهي لُوهه انڌي ٻه پريمي ملن ٿا
ائين جيئن ساگر ۾ دريا پون ٿا

قلم تي ويون آڱريون جي ته ڇا ٿيو
مُڇيل آڱرين سان ٻه ليڪ لکن ٿا

بظاهر سين ساڻ مرڪن ڪلن ٿا
وٺي وجهه، تشوءَ سان، اکين کي اگهن ٿا

ڪئين ڪِينَ جهڙا گهٽو ڪجهه ٿين ٿا
زمانا! عجب رنگ تنهنجا رهن ٿا

انهن کي نه دنيا نه عقبيٰ سان مطلب
سُتي جاڳندي جي پرين کي پسن ٿا

ڪٿان ڪان ۽ ڪيڏانهن رستا ۽ راهي
اچن ٿا، وڃن ٿا، وڃن ٿا، اچن ٿا!

# هي عَلم ڪنءَ ڇڏيان!

دشمنو! دوستو
دوستو! دشمنو
آءٌ سيڪجهہ ڇڏي ٿو سگهان
راڄ
ڀاڳ ۽
ڌن
ڌرم
سر ساهہ
گهر ٻار
سيڪجهہ ڇڏي ٿو سگهان
پر قلم ڪنءَ ڇڏيان!
هي عَلم ڪنءَ ڇڏيان!

# پاڻ ڪي چاھي!

هِي ٻين تي لِکڻ ٻِڪڻ چالاءِ
چونہ پنھنجوئي ڪجھہ لِکي ونجي
ٻيا سِکن تا سِکن، سِکن نہ سِکن
پاڻ ئي چو نہ ڪجھہ سِکي ونجي!

قافِيو، ڪافِيو لکي ٿو ڪو
تہ اسان جي گھران وجي چا ٿو

سِنڌ ڪي سِڌ، ۽ چنڊ چڊ چاھي
ڪو لکي ٿو تہ پاڻ ڪي چاھي

نظم ڪي ڪو نظم لکي تہ لکي
ڪو عَلم ڪي الم لکي تہ لکي

ڪو سِڌي پَٽَ ٽينٽِري پوندو
آسمان ڪونہ ڪو ڪِري پوندو

# بارش آئي ڙي!

جندڙي جهومي ۽ لهرائي ڙي
بارش آئي ڙي!

ڪُوڪِي ڪويل، ڇمڪي پايل
ڇمڪي پايل، ڪُوڪِي ڪويل
مُند هٿن تي ميندي لائي ڙي
بارش آئي ڙي!

تر بر تاڏل، جل ٿل جل ٿل
جل ٿل جل ٿل، تر بر تاڏل
ڌرتي ٿي وئي ساري سائي ڙي
بارش آئي ڙي!

برسيو بادل، آيو سانول
آيو سانول، برسيو بادل
انگ انگوريا جائي پائي ڙي
بارش آئي ڙي!

# وَراڻِي

دنيا کي تون ڏوڙ چوين ٿو
جندڙيءَ کي تون ڪوڙ چوين ٿو
هر رشتي کي ڪَچُ چوين ٿو
تون ٿو سمجهين سَچُ چوين ٿو!
پنهنجي پرم رکڻ ڪارڻ
هونئن ته ڳالهيون ڳچُ چوين ٿو
دنيا ڏوڙ هجي ته هجي
ڌرتي ڏوڙ نه آهي
جندڙي ڪوڙ هجي ته هجي
سنڌڙي ڪوڙ نه آهي!

# جي تون چاهين!

جي تون چاهين
رات ٻه توسان رَس ۾ آهي
چنڊ ٻه تنهنجي گس ۾ آهي
سڀڪجهه تنهنجي وَس ۾ آهي
جي تون چاهين!

# ڳُهلندا هلياسين

تون پريين فٽپاٿ تي بيٺي هُيين
اوريين تي آءٌ
۽ وچ روڊ تان
دريا ٽرئفڪ جو وهيو پئي

ٽورڙي ويچي ملي
انڌ مان تو لُوهه پاتي
انڌ مان مون لُوهه پاتي

بريڪ جا چرڙاٽ ٿيا
ٽائرن رستي تي گيساٽو ڇڏيو
گوڙ ٿيو
ماڻهو مِڙيا
۽ ٻنهي پاسان ٽرئفڪ اوچتو بيهي رهي

تون آءٌ
هٿ هٿ ۾ ڏئي
فٽپاٿ ڏي ڳهُلندا هلياسين!

# پرھ ڪان پھرين

پرھ پسڻ ڪان پھرين پنھنجو پرين پسڻ مون چاھيو ھو
اونداھيءَ ۾ اوجاڳي سان مون ڪيڏو سينو ساھيو ھو
پر ھيءَ ڪاري رات
ھُن جي وارن وانگي ڪٽيل ناھي
۽ ھوءَ سُتِي پئي آھي
سورج وارن منجھ لڪايو
ڪِرڻا اکڙين منجھ سمايو!

# هڪ ياد

تو ڏٺو ڪيترو نہ پيارو هو
چنڊ جي سنگ جو ستارو هو
آءٌ ۽ تون، نديءَ ڪنارو هو
چيلھ ڪي ٻانهن جو سهارو هو
تو ڏٺو ڪيترو نہ نيارو هو
اُهو ڪِهڙي جِهو سمو جيڪو
پاڻ سان گڏ هلي رهيو هو، سو
چڻ تہ چانڊوڪِيُنِ جو چارو هو!

# توڻ تہ سُهاڳڻ آهين!

تنهنجو نَڪ آهہ ٻُتو، توڻ تہ سُهاڳڻ آهين،
سيج هر رات ستارن جي سجايل تولئہ!
مان اَياڻو ئي سهي، توڻ تہ سياڻي آهين،
تنهنجو نڪ آهہ ٻُتو، توڻ تہ سُهاڳڻ آهين!

کهڙو ويراڳ لڳو تئي جو ويراڳڻ آهين،
ڪنءَ نہ سِڪندي تي رهي پير جي پايل تولئہ!
تنهنجو نَڪ آهہ ٻُتو، توڻ تہ سُهاڳڻ آهين،
سيج هر رات ستارن جي سجايل تولئہِ!

# توبند دري کولي

تو بند دري کولي، ڪمري ۾ هوا آئي،
هو سونُ پڳهاريو يا هو رنگ شفق هاريو!
واهيري ورڻ واري، ڪڏڇيءَ جي صدا آئي،
توبند دري کولي، ڪمري ۾ هوا آئي!

اُن وير چپن تي بس، آئي تہ دعا آئي
ماچيس وٺي مون کان، تو پاڻ ڏيو ٻاريو
تو بند دري کولي، ڪمري ۾ هوا آئي
هو سونُ پڳهاريو يا، هو رنگ شفق هاريو!

# بند گهِٽي

اِهائي گهِٽي جنهن ۾ گهر آهه هُن جو
اِهائي گهِٽي ريک منهنجي نرڙ جي
اِهائي گهِٽي منهنجي هٿ جي لڪير آهه بڻجي وئي
اِهائي گهِٽي جنهن ۾ گهر آهه هُن جو
صدين کان سُهائو هو جنهن جو اڱڻ
اُن اڱڻ تي
ڪڏهن ماءُ جو چنڊ چهرو چڙهيو
ڪڏهن پيءُ جو سِجَ وانگي سدا مُکُ مرڪيو
ڪڏهن ڀائرن ڀينرن جا ستارن جيان ٽهڪڙا تي ڪِڙيا
ها، اُنهيءَ ئي اڱڻ ۾
ڪڏهن ٻَڙَ جو وَڻُ هو
ڏاک جي راند هئي
۽ انهيءَ ٻَڙَ جي وَڻ ۾ پَٽَ جي پينگهه هئي
مگر هڪڙي ڏينهن
واءُ اهڙو وريو
سِج گرهجي ويو
چنڊ اُلهي ويو
ٻَڙَ جو وَڻُ پاڙن کان پٽجي ويو
ٽڙيل ٽهڪڙا هُن جي شعرن جي ڦاٽل پنن جان اُڏامي ويا
اُنهيءَ گهر جا هڪ هڪ تي سارا ڪتولا ڪجي ويا
۽ هُو
گهر جي در کي ڪُليل ئي ڇڏي
سرد بيدرد ڇڙواڳ پاڳل هوائن جو پيڇو ڪندو
اُنهيءَ چنڊ چهري
اُنهيءَ سِجَ مُکڙي
جي ڳولا ۾ نڪري ويو

۽ مان
جيڪو هُن جي ئي ڇهري جيان
۽ هُن جي ئي نالي جيان
۽ هُن جي ئي پاڇي جيان
هُن سان چنبڙيو رهيس
سو جدا ٿي ويس!

هاڻ ساڳي گهٽيءَ جي مُهڙ تي بِهي
سوچِيان ٿو تہ 'مان
گهرِ وڃان؟
کهڙي مُنهن سان وڃان!
متان
آرسيون مون کي ڃاڻ سڃاڻ کان انڪار ڪن!'

# ڏات اَمر آهي!

نينهن نگر آهي،
پرھ پھر آهي.

تنهنجي سارُوڻي،
سفر سمر آهي.

يارَ تہ رت رُئندا،
ڪِلندو ڪر آهي.

مِٽيءَ جو ڏيئو،
شمس قمر آهي.

لڙڪ ڦڙو ڳل تي،
اٽر پٽر آهي.

وسنديءَ ۾ منهنجو،
ڪھڙو گھر آهي؟

"امداد" نہ هوندو،
ڏات اَمر آهي.

هيڪل ناهيان مان،
ورھ وڳر آهي.

## برسڻ بن بادَلَ!

برسڻ بن بادَل، ڪالھ لنگهي ويا ڪيترا!

پياسا ئي رهجي ويا، اَلا ترايون تَلَ
ڪُوهر ڪندر تي ويا، پٿر تي پيا پَلَ
هرڪنهن ماڻھوءَ جي مٿان، ڪُورن ڪاٽي ڪَلَ
ڪالھ تہ ڪيڏي هيج مان، ڪاڏي انگ اُڇَلَ
اَڄُ تہ سِڄُ مٿي مٿان، پيرين ڏَرِ تَتَلَ
ملير موٽي مارئي، آس اها اَٽجهَلَ
ڪيئن لنگهيا هوندا اَلا، پاٽياريءَ جا پَلَ
ويڙهہ وجي تہ ڪٽي وجي، لِينگها لِينگها ڳَلَ

برسڻ بن بادَل، ڪالھ لنگهي ويا ڪيترا!

# هڪڙي ويران گهر کي ڏسي

آءٌ اهڙي جاءِ آهيان
جنهن جا در دريون ڪڏهوڪا
جهاڙ ۽ فانوس
پڙدا ۽ ڪبٽ
آرسيون
۽ آرسين جا اولڙا
وچ چونڪ تي وڪجي چڪا!

آءٌ اهڙي جاءِ آهيان
جنهن جي رهواسين جي ردي خواهشن
ڪنهن خزاني جي هوس ۾
فرش جي سِر سِر اُتوڙي
درز درز آهي اُکوڙي!

هاڻ ڇاهي؟
ڇِتِ تي ڇمڙا ٽنگيل
هاڻ هر ديوار تي ڇيٽا ٿُڪيل!

## نئون روپ

سامهون ميز تي هوءَ تنهنجي "مِرر" ۾ تصوير
مون کي چيڙائي پئي
مون کي گهوري پئي نفرت جي نظر سان مُرڪي
منهنجي غربت جو اُڏائي تي مذاق
۽ پئي ياد ڏياري اُهي الفت ناما
جيڪي تو خونِ جگر ساڻ لکيا هئا مون کي
جن مان ڪنهن سينٽ جي خوشبو تي اجا تاءِ اچي
تو لکيو هو تہ: تون مون ساڻ محبت تي ڪرين
مون کي چاهين تي ۽ پڳوان جيان پوڄين تي
منهنجي تصوير کي تون روز تي گُل پيٽ ڪرين

تو لکيو هو تہ تون
دنيا کان ڊڄين تي نہ انهن رسمن کان
ٻيڙِيون پير ۾ ، جي ڳٽُ ڳچيءَ ۾ آهن

تو لکيو هو تہ ڪڏهن
تنهنجي پيرن ۾ ڪا زنجير جي پاتي بہ وئي
تہ اُها ٽوڙي هلي ايندين ٻانهن ۾ سندم
پوءِ هٿ هٿ ۾ ڏئي دُور هليا هلنداسين
ريت ۽ ڪُريت جي جهڳڙن کان پري
ها انهيءَ ديس ۾ جت پيار ڪرڻ پاپ نہ پُڇ
ها جتي خاص نہ عام آهہ نڪا جهَلَ نہ پَلَ
نينهن نپجن ٿا جتي
سيڪا پرينءَ کي ٿي پَسي!
ها جتي صرف محبت ئي محبت آهي
نہ ڪو شڪوو نہ شڪايت آهي
نہ ڪو ڪنهن دل کي جدائيءَ جو ستم سَهڻو پوي

نہ ئي پيرن ۾ ڪا زنجير نہ ڪو ڪنڌ تي ڪات
نہ ڪو ڪنهن جسم ڪي قيد
نہ ڪو ڪنهن چهري تي داغ-

ليڪن اڄ
مرمرين[1] جسم تي ڪمخواب ۽ ريشم جو ڪفن
تنهنجو هٿ آهہ ٻئي جي هٿ ۾
تنهنجي پيرن ۾ پيل سون جي زنجير آهي!

1 ”Mirror“، پنهنجي دور جو هڪ مشهور آرٽ پيپر تي ڪراچيءَ مان نڪرندڙ انگريزي رسالو،جنهن ۾ وڏ گهراڻن نون پرڻيل جوڙن جا فوٽو بہ ڇپيا هئا.

# آ تہ هڪ ڀيرو وري....!

آ تہ هڪ ڀيرو وري وڇڙي وڃڻ لاءِ ملون

ڀوءِ هڪٻئي جي مٿان شڪل بہ وسري نہ وڃي
آ تہ هڪ ڀيرو وري وڇڙي وڃڻ لاءِ ملون
هيءَ سياڳي ۽ سدوري گهڙي گذري نہ وڃي
آ تہ هڪ گيت لکي ڦاڙي ڇڏڻ لاءِ ملون
آ تہ گنگهور انڌيرن کي اُجالا بخشيون
ڏِيي وانگي ئي سڄي رات جلڻ لاءِ مِلون

آ تہ هڪ ڀيرو وري وڇڙي وڃڻ لاءِ ملون

ڳِلَ تي ڳِلُ رکي ساهہ کڻڻ لاءِ ملون
آ تہ اکڇني جي لئہ پاڻ ٻئي هڪ ٿي وڃون
اَٽمَيا سُور سلڻ، پُور پلڻ لاءِ ملون
ڦهرئين ڀيري ملڻ وانگي ملون کوڙ ڪري
آ تہ هڪٻئي کي وري دوکي ڏيڻ لاءِ ملون
ٿورڙي دير سهي رَتَ رئڻ لاءِ کِلون

آ تہ هڪ ڀيرو وري وڇڙي وڃڻ لاءِ ملون!

# ڪُتڪو

جوانيءَ جي راهن تي هرهڪ قدم
جهومندا ڳائيندا
کِلندا ڪُڏندا
مُحبت جي هرڪنهن ستم کان
جفا کان
۽ هر درد کان بي خبر
اي حسين ۽ جوان شاهزادو
هٿن ۾ ڏئي هٿ هلو تا، هلو- پر
اهو ياد رکجو
تہ اڳتي
الائي ڪڏهن
۽ الائي ڪٿي
ڪئين موڙ ايندا
۽ وڇڙي وڃڻ جا هزارين ئي حيلا بهانا بہ پيدا ٿي پوندا
سڃاڻون اڪيون اڻ سڃاڻون ٿي ويندون
۽ پيڳڙو بہ ڦارون ٿي ويندو!

# اڄ لکڻ لاءِ!

اڄ لکڻ لاءِ ڪجهہ گهڻو ناهي
بس رڳو ايترائي لفظ آهن
تہ اسين انڌ جو وٺون پاسو
اَسُوِيڪار نياءُ کي ڪريون
هُو چوي ٿو، اهوئي چاهي ٿو
ناهہ ڪيڏا نڳيءَ جا ناهي ٿو
سَچَ سان ڪُوڙ سينو ساهي ٿو
ڪنءَ ڳِري ٿو
۽ ڪنءَ نہ ٻاهي ٿو!

## تنهنجي سارَ!

سجرا گجرا پائي
لالي لب تي لائي
ڪجرارن نيڻن سان
مينديءَ رتڙن هٿڙن سان
ڪنهبا ويس وڳا پهري
تنهنجي سُرهي سارَ
اڱڻ ۾ بيٺي آهي کولي وارَ!

# قسمت جو تارو!

وقت بہ جڻ
گهاٽو ٻيلو آهي
اِن ٻيلي ۾
ڏينهن بہ جهڙو رات آهي
روشني بہ  ڪا آهي تہ ٻگهڙ جي اک ۾ آهي
اُن اک ۾ ڏوڙ وجهي نڪري بہ وئين
تہ اڳيان هر گس گهات آهي
ڏکڻ اتر
اولهہ اوڀر
تنهنجي لئہ بس مات آهي
پر جي توکي مَتِ اچي
يا سگريٽ جي ٻاڙ لڳي
تہ پوءِ
تنهنجي کيسي ۾ باڪس آهي
اُن جي هڪڙي تيلي ٻاري
ساري ٻيلي کي باهہ لڳائي
۽ اُن مان سگريٽ دُکائي
سُوٽا هڻندو
رمندو وڃ
رمندو وڃ
چار ڏِسائون
تيز هوائون
پاڻهي وينديون رَڪَ اُڏائي

ٻيلي جي هُن پَر
دريا آهي
اُن کي بہ پريون ڪنارو آهي

پر اُن ڪان پهرين
ترار ڪنان به تکو هڪ ڏارو آهي
اُن ڏاري ۾
جي تنهنجو رُخ اوپارو آهي
ته پوءِ
تنهنجي مُٺ ۾
تنهنجي قسمت جو تارو آهي!

## 4 مارچ 1967ع

رات جي تارن ڏني
ڏينهن جي سورج ڏني
لاٽ جي
مينديءَ رتي ريتي مِٽي

ڪاري ڏامر جي سڙڪ تي
هو جمالو ڳائيندي
چير کي چرڪائيندي
هِيرَ تي نچندي وئي
گيت تي هرڪا گهٽي
تنهنجي سيني ۾ تڙي پيا
آس جا سورج مُکي
اي سنڌ يونيورسٽي!

تهه سياري ۾ به هيءَ رت جي لڪيرَ
هَٿُ لائي ڏس ته ڪيڏي گرم آ
رات جي انڌي نگر ۾
جيل تائين
هيءَ نئين تازي لهوءَ جي بُوند بُوند
مشعلن جو جڻ جلوس
سنڌ جي شاگرد جو روشن لهو
سنڌڙيءَ جي سينڌ جوسِنڌُور آ
جندڙيءَ جِي سُونهن جو سينگار آ!

# وقت تي

ڇُني ستارن جي اوڍي
رات هلي آئي
پنهنجي پوري وقت تي!

لال گلابي پهرڻ پهري
مند يلي آئي
پنهنجي پوري وقت تي

ڦلٽن ڦلٽن پيرن لئہ
سندءِ ڳلي آئي
پنهنجي پوري وقت تي!

# اڄ ۽ ڪلهه

اڄ جو مون
هُن کي هُن جي ناليِ ساڻ سڏيو
هُن آکيو:
"مِسٽر! مون کي مسز...فلاڻي چو!"

۽ مون سوچيو
هڪڙو پيرو
هُن آکيو هو:
"معاف ڪجو! مون کي منهنجي نالي ساڻ سڏيو!"
ائين چئي هُن پنهنجن وارن کي جهٽڪيو هو
۽ هن جو پاند وڃي ڪنڌن سان اٽڪيو هو
۽ منهنجو من ڀٽڪيو هو!
مان ڪنڌن سان الجهيو اٽڪيو هوس
هُن جو پاند ڇڏائيندي
سا ڄي هٿ جي ڏسڻي آڱر جي پهرئين بُل تي
رَتَ- ڦڙو چمڪيو هو
جيڪو هُن جي سينڌ ۾
سِندور بڻيو هو!
۽ پوءِ اسان
تيئن ڪيو هو
جيئن وڻيو هو!

ڪلهه هوءَ مون سان اِنءَ ملندي هئي
ندي ملي جنءَ ساگر سان
اڄ هوءَ ايئن اچي ٽڪرائي
مٿو لڳي جنءَ پٿر سان!

# ساهن جي خوشبو

جن اکڙين ۾ صحرا جا آهُو،
تن اکڙين ۾ آنسو ئي آنسُو.

منهنجون اکڙيون سانوڻ جو سنڌو،
ڪير ڪري هن دريا کي قابُو.

بدبُودار هوائن ۾ آهي،
تنهنجي منهنجي ساهن جي خوشبُو.

رات پلاري آهي، چوڙي چنڊ،
منهنجي ٻانهن تي پنهنجا گيسُو.

هي تنهنجي جوڀن جو اسم اعظم،
او جادوگر ڏيکار ڪو جادُو.

مات ڪري ٻي موت مري وڃ،
جيون اتئي آنسُو ئي آنسُو.

# سُور سوين ساماٽا!

سارو لوڪ سياٽو آهي،
آهيون پاڻ اَياٽا سائين!

راٽا بٽجي ويا اگهامي،
ڪوجها توٽي ڪاٽا سائين!

ناتر تي ئي هِرڪي پوندا،
ڪهڙا مومل ماٽا سائين!

ڪچ ڪي ڪَچُ چوڻ جي سچ ۾،
نڪري ويندا ڏاٽا سائين!

تيل پيو تِر تِر مان نڪري،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهاٽا سائين!

ڪَوِي چوي هن ڪَوِتا لکندي،
سُورَ سوين ساماٽا سائين!

# تارن ڳاتو گيت!

چاندوڪيءَ جي ساز تي، تارن ڳاتو ڳيت،
ٻنهي ڪنارن تي ٻڌو، لهريلو سنگيت.

مان ڳوناٽو نينگرو، آوارا رولاڪ،
هيڏي ساري شهر ۾، ساٿي، دوست، نہ ميت.

هيڪل هيڪل هانو آ، اُن ۾ تنهنجي هِڪَ،
چاتيءَ ۾ ڪا چيت تي، ڇيڙي سُر سنگيت.

تن گُل، من گُل او پرين، ڏُهرو آهي داءُ،
پؤن سَٺ ڇَڪو هڻ ڪٽي، ٻنهي جُڳن ڪي جيت.

مَڪيل چڪيل آواز ۾، هڪڙو صاحبلوڪ،
چئي پيو اسٽيج تي: ايءَ نہ مارن ريت!

ڏُونهين ۾ سگريٽ جي، ويڙهيل سيڙهيل آءٌ،
تنهائيءَ جهڙو نہ آ، ڪوئي ڪنهن جو ميت.

# نئون نسل

اماس رات ۾
چاسينگر(1) جي پويان
نندا‌ڪڙين اڪڙين وارا
جيڪي
نينگرڙيون ۽ نينگرڙا
نڪري ويا هئا
سي
نينگرڙيون ۽ نينگرڙا
اوندهہ جو هر گهيرو ٽوڙي
هرڪا سرحد اُڪري ويا هئا
دوڪي جي ديوار اورانگهي
سورج ٻڻجي اُڀري پيا هئا!

(1) چاسينگر – ڪُڙ ڪُٻيتو،ٽانڊاٽو

# وڏڪاري مهم

اخبارن ۾ چالو آهي
وڏڪاريءَ جي مهم
ڪوڙين ٻوٽا پوکيا ويندا
سائو ٿيندو ملڪ
واتا ورَڻ ٻہ صاف ۽ سترو
ٿيندو، اهڙيءَ ريت

پر هيءَ جا منهنجي پاڙي مان
وڍجي ويئي ٻير
ٻُور جهلي پڪيڙيندي هئي جا
ڪتي مِني سُڳنڌ
ڪتي مِني ٻورايل رُت ۾
ٽِندبريل ٻيرن ساڻ
تنهنجي ڳاڙهي ڳِتي جهڙا
ڳاڙها ٻير ڳِتولُ
جُنب لڳڻ تي ٻارن ڪارڻ
ڇاڻيندي هئي ٻيرَ

ها ها ساڳي ٻير جنهين ۾
رِبن ٻڌي هئي پاڻ
ڪن اَکن لئہ اکيون پوري
دعا گهري هئي پاڻ

ڌرم نہ ڪنهن ڪان دين پڇيائين
ساڳي سيني لاءِ
ٽِنهڻ اُس ۾ پانديئڙن لئہ
ٽڏڙي ٽڏڙي ڇانوَ

پنڇي پنهنجن آکيرن ڏي
ورندا هئا هر شام
پر هه پکيئڙن پرڙا کولي
ڇا تہ لنوي ٿي لات!

هاڻي ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي
آهہ ڪُتل هڪ لاهہ
هاڻ جڏهن بہ لنگهان تہ پري کان
خالي جڻ ڪئنواس
اکڙين منجهہ ڪُپي ويندو آ
ننگو ننگو ڏيک

اخبارن ۾ ڇالو آهي
وڻڪاريءَ جي مهم
پر هيءَ جا منهنجي پاڙي مان
وڍجي ويئي ٻير
ٻُورُ ۽ ڇانوَ بہ ڪپجي ويئڙا
اُڏري ويئڙي لات!

# ٻولَ ٻَڌو ڙي

هانءُ نڪر جو ٽانءُ نہ آهي
ٽاريلن لئہ پوءِ ٻہ ٽڏو ڙي
توڙي جو ٽِرٽانءُ نہ آهي
ٻاٻاڻن جي ٻولَ ٻَڌو ڙي!

# واپسي

مون اَياڳي جي اُها حالتِ زار آهه اي دوست
جنءَ مسافر ڪو ٿڪي واٽ تي ويهي ڪجهه دير
دم پٽي منزلِ مقصد جا ڏسي خواب حسين
راهه ويران جي صعوبت ڪي وسارڻ ڪارڻ
دلِ مايوس جي جذبن ڪي جيارڻ ڪارڻ

ها انهيءَ منزلِ مقصد جا حسين خواب اي دوست
جت سندس ماءُ هجي، پيءُ هجي، ڳوٺ هجي
ساڳيا دوست هجن ساڳيو ماحول هجي
جِت سندس 'ناز' هجي پيار جا افسانا هجن

ها اُها ماءُ جا هن لاءِ وساٽل اکڙيون
صرف ان آس تي ٻاريندي رهي صبح ۽ شام
تہ سندس نورِ نظر جنگ تان موٽي ايندو
۽ اچي هن جي ٻُڍاپي کي جواني ڏيندو

۽ اُهو پيءُ جو هر درد وساري دل تان
آسرو لٺ جو ڇڏي جوش ۾ ڏڪندو ڏڪندو
پنهنجي ڪمزوريءَ کي بلڪل نظرانداز ڪري
هُن جي ڇاتيءَ سان لڳي ڪجهه بہ نہ ڪڇندي، هُن جي
زخميل نرڙ کي چُمندو ۽ پُٺي نپريندو

۽ اُهي دوست جي ڄاتل ۽ سڃاتل هوندا
سانورا سانورا مغرور بهادر سرڪش
هُن جو دهلن ۽ ڏمامن سان ڪندا استقبال
هو جمالو ڇَيي ۽ مست تي هٽندا جهمريون

۽ اُها ناز جا ننهن چوٽي رڳو ناز ئي ناز
واسِيل وار سندس هجر جي راتين کان دراز
تيج مڪڙي تي اُهو، سِجُ سياٽي جو ڪري

شوخ شرميلي اَلهڙ روپ وتي البيلي
چوڙِيون ٻانهن ۾ اکين ۾ ڪجل چپ تي تِرُ
جنهن جو شاداب بدن حسن محبت جو وطن
ڪيف مستيءَ جو طرب، رنگ ۽ خوشبو جو چمن
جنهن جي ٻانهن ۾ اچڻ لاءِ فرشتا تا سِڪن
جنهن جي قدمن کي چمڻ لاءِ ٿي ڌرتي ڌڙڪي
ڳيت کو ڳاءِ ته قدرت همہ تن گوش ٿئي
رقص فرماءِ ته مستيءَ ۾ نظارا جهُومن
ناز مان مُرڪي نهاري ته ستارا مُرڪن

جنهن جي هڪ مُرڪ جي لئہ روئي ٿو عالم سارو
ها اُها ناز جا سرتاپا تبسم آهي
هُن جي اوسيڙي ۾ چت تي وجي رُوندي هوندي
ها اُها ناز جا سرتاپا ترنم آهي
مُنهن وِهاڻي ۾ ڏئي سُڏڪا پريندي هوندي

هُن جي آمد جو ٻُڌي ڳيچ مٺر ڳائيندي
۽ سندس ڪنواريون تمنائون وري ڪر موڙي
ڪنهن نئين ڪنوار جيان پاڻ کي سينگاريندي

رات ايندي ته اڪيلي ئي اڪيلي بي خوف
هار سينگار ڪري هُن سان ملڻ ايندي جڏهن
سندس اکڙين تي لِڪي يا ته وجي هٿ رکندو
اوچتو هائوُ ڪندس يا وجي ڀاڪر وجهندس
ته سندس مُنهن تي اچي ويندو سڄي جسم جو خون
پوءِ ڌُهلن جو ۽ شرناءِ جو هلڪو آواز
ماٺ چيريندو ڪنن ۾ اچي رس اوتيندو

هر طرف ڳيچ سهاڳن جا ٻڌڻ ۾ ايندا
چوريون ناچ ڪنديون پاءِ نڪن ۾ ڦليون
لهر لهرائبا مينديءَ رتا هٿڙا هر سُو
وري هڪ جيڏا ڪندا گهوٽ تان ٽوڪُون ٺهلُون

پوءِ جڏهن منزلِ مقصود تي سرمستيءَ ۾
جهومندو ڳائيندو ڪلندو اچي پهچي ته ڏسي
نه اُهو ڳوٺ نه سا ماءُ نه سو پيءُ نه دوست
نه اُها ناز نه الفت جا اُهي افسانا
مينديءَ جي رنگ جي بدلي ۾ رڳو خون ئي خون
صاف ۽ سُرهي هوا ۾ رڳو باروت جي بُو

هر طرف لاش ۽ لاشن تي ڪُتا ڪانگ ڳجهون
پوءِ هر لاش اکيون ڦاڙيندو ڏسندو ڏسندو
رائفل ساهه سان گهليندو ۽ ٽِڙندو ٽِڙندو
سارو سَٿُ سوري اُتي پهچي جتي پاڻ ۽ ناز
رات اکين ئي اکين منجهه وِهائيندا هئا
۽ اُتي پهچي ڏسي رت ۾ ٻُڏل ناز جو لاش
پوءِ هو ڪجهه به نه سوچي ۽ ڏسي ڪجهه نه سگهي
اوچتو اوچتو خاموشيءَ جو سينو چيري
هڪ ٽري ناٿ ٽري گوليءَ جو سُڏڪو ايري!

# تنهنجو وجود

زندگيءَ جو سفر طويل سهي
تنهنجو هٿ ڪيترو نہ نرم آهي
ٺهڙي يخ بستہ شب ۾ تنهنجو وجود
دلگداز آھہ گرم گرم آهي

## ۽ ترائيل لڪئي....!

مون مٿان رُوندي سوين مينهن لنگهي ويا آهن
اَڪِ ۾ رَڪَ تيو آ پيو هرڪو ڳوڙهو
۽ ترائيل لڪئي ڏينهن لنگهي ويا آهن
مون مٿان رُوندي سوين ڏينهن لنگهي ويا آهن

ڄڻ تہ ٻيلي مان ٻُڪيا شينهن لنگهي ويا آهن
وَڻَ جي ٽُڙَ جيان ساهہ ۾ آهيان سوڙهو
مون مٿان رُوندي سوين مينهن لنگهي ويا آهن
اَڪِ ۾ رَڪَ تيو آ پيو هرڪو ڳوڙهو!

# مان ڏٿل ئي سهي!

مان ڏٿل ئي سهي، اُجڙيل سهي، ڪنڊرئي سهي
ٿورڙي دير جي مون ۾ اچي وسرام ڪرين
مان سڄو اُڃَ سهي، رُڃَ سهي، بَر ئي سهي
مان ڏٿل ئي سهي، اُجڙيل سهي، ڪنڊرئي سهي

هڪڙي سُنسان گھٽيءَ منجھ ڦريل گھرئي سهي
ڇو نہ ڪجھہ تَڪُ پچين، ٿورڙو آرام ڪرين
مان ڏٿل ئي سهي، اُجڙيل سهي ڪنڊرئي سهي
ٿورڙي دير جي مون ۾ اچي وسرام ڪرين

# لهجو

چوان ٿو آءٌ اُداس ۽ نراس لهجي ۾ :
"اچي وڃي ٿي ڪڏهوڪو ڇُڪي گلاب جي رُت!"
چوي ٿي هوءَ پراُميد نرم لهجي ۾ :
"رچي وئي مگر آهي نفس نفس خوشبو!"

# زندگي ايشِ- ٽري جيان آهي

زندگي ايشِ ٽري جيان آهي
ٻاهران صاف ۽ اڇي اُجري
۽ منجهاران ڪساريل گندي

دوستي زهر جي سمان آهي
جنهن کي امرت چئي پيون ٿا پيا
ڪوڙ کي سچ مڃي جيون ٿا پيا

روشني بس رڳو گمان آهي
نہ تہ ڪرڻن سان قهر ڪهڙو ٿيو
تون بہ ڄاڻين ٿو، مان بہ ڄاڻان ٿو

شاعري وقت جو زيان آهي
(وِشيہ ڄڻ آهہ وئشيا ڪائي
قوم، ٻولي، ادب ٺلها نعرا)
لفظ ڄڻ لاش ۽ ڪفن ڪاڳر
۽ رسالن جا پَڙ مٿن چاڙهيل!

# آئي مُند ملهار

سهسين هار ڪري سينگار،
وَهہ وا آئي مُندَ ملهارَ!

هير گلن سان لهي پئي لائون
جيءُ ويو آهي جهُولو بڻجي
جهُليو جهُليو جهُلان تي آئون
گُلَ ٽِڙي پيا سُرَ چِڙي پيا
تاڙي لائي آهہ تنوارَ!

مُڪڙين مُرڪي اَڪڙيون ڪوليون
جيءُ جهُڙالو ٿي ويو جاني
ڪو وَلَ مِنڙيون ٻوليون ٻوليون
بجلي چمڪي پايل ڇمڪي
گس گس ٽيئڙا گل گلزارَ!

هئي آڪين ڪي آسَ اهائي
سانوڻ ايندو سانول ايندو
باسي هئي مون باسَ اهائي
مينهن اچي ويا رنگ رچي ويا
ڇَنَ ڇَنَ ڇيرين جا ڇَمڪارَ!

سهسين هارَ ڪري سينگارَ،
وهہ وا آئي مُندَ ملهارَ!

# پوءِ بہ هر فنڪار

جام جام ۾ ڀرجي ڀرجي زهر ملي پيو زهر،
طاق طاق تي ڏيئي ڏيئي ۾ خونُ ٻري پيو خونُ!
شهر شهر ۾ نگر نگر ۾ پوءِ بہ هر فنڪار،
حسن عشق جو صفحي صفحي تي لکي پيو مضمونُ!

# او همراهي-!

سڄي ڳوٺ ۾ ڏِيا ٻَريا
منهنجي مَنَ ۾ اونداهي
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ سڄي ويا
منهنجا سيئي دوست مري ويا

آءٌ پڪاريندو رهجي ويس:
"او همراهي او همراهي"
راهه نهاريندو رهجي ويس
توکي ساريندو رهجي ويس

منهنجون پُڪارُون روئنديون روئنديون
اونداهي بن ۾ گم ٿي وينديون
توکي اچڻو آهه نڪو تون ايندين!

# عشق بہ خواري آهي!

منھنجي توبھن منھنجي زاري آهي،
تنھنجي ياري بہ ڪا ياري آهي.

هِن طرف تنھنجي اکين جا الماس،
هُن طرف تخت هزاري آهي.

تنھنجي نيڻن جي تبسم جو قسم،
رات مون روئي گذاري آهي.

هڪ طرف تنھنجي اچڻ جو وعدو،
ٻئي طرف زندگي ساري آهي.

تنھنجي تارن سان ئي آهي آمد،
تنھنجي تارن سان تياري آهي.

زندگي آهہ عزيزن کان عزيز،
تنھنجي صورت بہ تہ پياري آهي.

راهہ ۾ نيڻ وڇائيبا وڃن،
هن طرف ڪنھن جي سواري آهي.

چنڊ جو روپ، ڪرائُن ڪنگڻ،
زندگي ڪيڏي نہ پياري آهي!

جنھن کي حاصل هو ڪڏهن رتبهٔ خاص،
اڄ اُهو عشق بہ خواري آهي.

زندگيءَ سان ڪا شڪايت نہ ڪيم،
جنءَ بہ گذري مون گذاري آهي.

حيف آهي جو اُجيو رهجي ويين
اڄ تہ "امداد" بهاري آهي.

# ڪڏهن آءٌ هُن لاءِ....

ڪڏهن آءٌ هُن لاءِ سورج هئس
هوءَ سورج مُکي
اَڄُ او-ڪي ڇئي
هُن ڏني جنءَ پُني
تڏهن آءٌ هن لاءِ ڪجهہ ڪونہ هوس
رڳو رَکَ جو ڍير هوس
- ۽ پوءِ اوچتو
- هوائون لڳيون
رک اُڏاري ويون!

# ويساهه

ايندي ايندي
سَڏوسَڏُ سڏيندي ايندي
ڇوڏس گُلَ ڇڏيندي ايندي

ڇير پير ۾ ڇرڪائيندي
دروازن کي کڙڪائيندي
ماروئڙن کي مُرڪائيندي
ٽار ٽار تي ٽُل ٽاڪيندي
ايندي وَرَ ڪُنجهي واڪيندي
ايندي وڻراهون واسيندي
ايندي ڏيهه مبارڪ ڏيندي
لاڙ، سري ۽ وچ ڪان ٿيندي
نُورا پائي نچندي ايندي
ايندي ايندي
گهلندي هِيرَ ڏکڻ جي ايندي
ٿيندي ٿيندي
ڪينجهر ڪنءَ نہ هِندورو ٿيندي!

# خونِ جگر آهي ڪٽي!....

شاعريءَ جھڙو پلا اعليٰ هنر آهي ڪٽي،
پارڪر مَس ۾ مگر خونِ جگر آهي ڪٽي!

سمنڊ سارا مَس ڪيم، ڌرتي پَنو ۽ وڻ قلم،
حال دل جو پوءِ لکيم، پر سربسر آهي ڪٽي!

ڪو سچي اَگرين ڪڏهن موتيو ڪلالن ڪُوءِ مان،
اُن گھٽيءَ ۾ ڏڙ ڪٽي آهي ته آهي سَر ڪٽي!

آهه شهه رڳ ڪان به ويجھو هُو مگر آهي ڪٽي،
زندگي آهي سفر پر همسفر آهي ڪٽي!

سر ڪرنگھر تي سدائين بار وانگي ياسِيو،
سر سَٽيان جاتي وجي سو سنگ در آهي ڪٽي!

تون سِڌي ناهين ته تنهنجي سِينڌ پڻ ناهي سِڌي،
تو ۾ وَر ناهي ته پوءِ واٽن ۾ وَر آهي ڪٽي!

'الف' سان الله، ايشور 'الف' سان انسانُ پڻ،
هيترا سارا اکر ھھڙو اکر آهي ڪٽي!

# ڪوشش تہ ڪريون!

چا ڪريون؟
چا نہ ڪريون
آ تہ گهاٽي جي انهيءَ گهُمري مان
چرڪ پري
ٽيڙجي نڪرون ٻاهر

آ ڪريون
آ تہ ڪريون
ها، آ تہ ڪريون
رائگان ئي سهي ڪوشش تہ ڪريون

هيءُ جو ڳٽُ ڳچيءَ ۾ آهي
آ تہ اهو ڳٽُ ڳچيءَ مان لاهي
پار اَپار اُڪرُون
آ تہ سهي
ها آ تہ سهي
يا تہ اهو ڳٽُ ڳچيءَ مان لاهيون
يا تہ سسي ڏار ڏريون

آ تہ هيءَ جند ڏئي سنڌ ونون
چرڪ پريون
آ تہ سهي
ها، آ تہ سهي
رائگان ئي سهي ڪوشش تہ ڪريون!

# چور آهيان نہ

چور آهيان نہ آهِيان عاشق
نہ ڪوي ۽ نڪو ڪھاڻيڪار
چنڊ آهيان نڪو ڏِيو آهيان
نہ وري ڪو ئي ڀاڳيو آهيان
پوءِ بہ اونداهہ ۾ اکيون ڦاڙيو
مان سڄي رات جاڳيو آهيان!

# رهبرو! رهزنو!

رهبرو! رهزنو!
رهزنو! رهبرو!
رَتَ جي آخري بُوند جي روشني گُل ڪريو
ڏوڙ جو بُڪ ڀري چمڪندڙ اکڙين ۾ وجهو

دوستو! دشمنو!
دشمنو! دوستو!
چنڊ جهڙي تمنا جي ڇهري تي دانگي مَليو
هٿ ڀري هانوَ ۾ ٽوڪ جو تيز چاقو هڻو

ساٿيو! قاتلو!
قاتلو! ساٿيو!
گيت گهُٽيو گلابن جا ڳاٽا مروٽي ڇڏيو
خون آهي ڪٿوري نہ لڪندو نہ لڪندو ٻڌو
رهبرو! رهزنو!
دوستو! دشمنو!
ساٿيو! قاتلو!

# تند ٻُري ٿي!

تند ٻُري ٿي ڪجھ نہ گھري ٿي

گلَ گلابي ٻول انهيءَ تي
هيرا موتي جھول انهيءَ تي
هاٿي گھوڙا مال انهيءَ تي
سونا روپا ٿال انهيءَ تي
سونن سِڪن جھڙيون مُرڪون
جھڙيون امرت رس جون سُرڪون
بدن جھڙا سچا سُرَ
گھوٽن کي پئي گُھوري گھُرَ

تند ٻُري ٿي ڪجھ نہ گھري ٿي
تند ٻُري ٿي ڪنڌ گھري ٿي
سڀ ڪان سٽيو سَنڌ گھري ٿي
ڏيل- ڏيي جي لاٽ مڳي ٿي
ٻيروءَ ٻاڙھا ٻاٽ مڳي ٿي

ري سيرائيءَ ساھہ سُري ٿي
اجرڪ تي جڻ پور چُري ٿي
پر جي تنهنجي جند جھُري ٿي
پتر وانگر ديھہ پُري ٿي
پوءِ توتي ڪاٻہ ميار نہ آهي
تون ٻوڙو آن تون نہ ٻڌين ٿو
تون انڌو آن تون نہ ڏسين ٿو
۽ اکڙيون مُک تي مکڙيون
ماڻڪ آهن موتي آهن
اونداهيءَ ۾ جوتي آهن

هينئڙي هيج انهن سان آهي
مُک تي تيج انهن ڪان آهي
۽ جنهن مُک تي اَکِ نہ آهي
يا ان مُکَ تي اَکِ تہ آهي
پر ان اک ۾ پاڻي ناهي
اُن جو مُلهُہ تہ ڪَکِ بہ ناهي!

# منهنجو ڳوٺ

رُڪي مانيءَ جهڙو ڏينهن
جهيڻي ڏيئي جهڙي شام
خالي ٿالهيءَ جهڙي رات
سارا تارا اُن ۾ سَلَ

پير بہ ننگا پُٺِ بہ ننگي
اهڙو منهنجو آهي ڳوٺ
هرڪنهن سڏ تي جيءُ چوي ٿو
پوءِ بہ ٻوڏ ۾ ٻوٺ ٻڌي ٿو!

# مانُ اپمانُ

ايڏو ڇالاءِ آڌر ڀاءُ
ايڏي اُڻ تُڻ
هيڏي هُرڪُر
ايڏي آترويلا آخر ڇاجي لاءِ؟

آءٌ نہ ڪو رِشي مُني
ڀڪشو ۽ نہ فقير نہ سنت ولي

ٻيو سڀ آهي ڪوڙ ڏوڙ
سَچُ اهوئي آهي
نوٽن جي مُٺ ساڻ ڀلا ڇا ڀرجي سگهندو من جو گهاءُ!
تون جسم وڪڻندي آهين
مان شعر وڪڻندو آهيان
منهنجو ايڏو مانُ نہ ڪر
منهنجو هنءَ اپمانُ نہ ڪر!

## ڏُڪي رهيا هُئاسين رات

ڏُڪي رهيا هُئاسين رات
آءُ، اڪيلائي، سگريٽ
رَڪَ ٿيا پئي پَلَ
ڏُونهن اکين ۾ آيو
۽ مون لڙڪ اُگهي ورتا
ڦِڪو مرڪي ٻه ورتو
هاڻي ڇا ڪريان؟
آهه ڀريان!
ڦلو چنڊيان؟
ڪجهه ٻه ڪرڻ جي هُرکُر ڇو؟
هن دنيا ۾
ڪيئي اهڙا ماڻهو آهن
جن جڏهن ٻه چاهيو
ٻٽڻ دٻائي ورتو
ٻنان ڪجهه ٻه ڪرڻ جي
آهه ڀرڻ جي
جيئن ٻه چاهيو
جو ڪجهه چاهيو پائي ورتو
سنڌي ٻوليءَ جي نعري ۾
لفظن جو ڳوڙهو ڳاڙي ورتو
ڪُوڙا سُوڙا نپا ناهي
جو چاهيو اوڳاڙي ورتو!

## آءٌ لڙندس!

رَتَ جي آخري ڦڙي تائين
آءٌ لڙندس
اهو لڙڻ منهنجو
سِجَ وارو لڙڻ ته هوندو ڪونه!

## توکان پوءِ!

توکان پوءِ
پنھنجي گھر جي آڱر مان
اونھاري ۾
سو ٻِرَ جو وڻ وڍجي ويو
جيڪو ڏاڏا پوکيو ھو
جنھن تي تو مون
پينگھہ لُڏي ھئي
ڏاڪ چُماٽي راند رھي ھئي!

توکان پوءِ
تھ سياري
وسندي پاري
پنھنجي گھر جي اُترين پِتِ
مٿان اسان جي
ڊھي پئي ھئي!

## سِنڌ جي سَڌَ تي

سنڌ جي سَڌَ تي، سَڌُ جيڪو نہ ڏي
ڪوڙهيو ٿي مري

سو اَمر ٿي وِيو، ڌار سر ڌڙ ڌري
ويو اَڏيءَ کي اَڏي

ڏاڍ جي ڏيهہ ۾، ويھ گوڏو گڏي
پل نہ ٿي تون پري

ڏُور ڏس ڏُنڌ ۾، ڪو ڏِيو ٿو ٻري
پاڻ ڏي ٿو سڏي

سِرُئي ساڻ ڪڻ، آءُ سيڪجهہ ڇڏي
پنڌ آهي پري

ماڻ جي ڏيهہ ۾، ڏاڍيان رڙ ڪري
سَڏَ ۾ سَڌُ ڏي!

سنڌ جي سَڌَ تي، سَڌُ جيڪو نہ ڏي
ڪوڙهيو ٿي مري!

## گيت لکڻ نٿو چاهيان!

آءٌ جيئڻ نٿو چاهيان، مون کي ماري ڇڏ او جندڙي!
رُئڻ کِلڻ نٿو چاهيان، مون کي ماري ڇڏ او جندڙي!
قيد رهڻ نٿو چاهيان، مون کي ماري ڇڏ او جندڙي!
گيت لکڻ نٿو چاهيان، مون کي ماري ڇڏ او جندڙي!
سَچُ چوڻ نٿو چاهيان، مون کي ماري ڇڏ او جندڙي!
ڪوڙ ڪرڻ نٿو چاهيان، مون کي ماري ڇڏ او جندڙي!

# ڪُونج ڪُرلائي پئي

اڄ وري اُتر ڪنان ڪا ڪُونج ڪُرلائي پئي
ٻاٽ آهي واٽ اُن ۾ لاٽ ڪا جرڪي پئي
روح ۾ ميندِيءَ رتي خوشبو وئي آ اوتجي
لال ۽ ڪنهبي لهوءَ ۾ لاٽ ڪا لچندي وڃي
ڪربلا جي واقعي جا پار ٽي پچندي وڃي

ڇا چوان هر لفظ آهي تير ڪو منهنجو ٻِڙيءَ مان آرپار

هوءَ اُفق تي آ شفق يا موڙ ٿو قاسم ٻڌي
هُو گلابي گُل ٽڙيا، يا آهه لالڻ جو لباس
چنڊ چوڏهينءَ جو چڙهيو يا آ چڙهيو دُلدُل سُوار

هي ستارا ڪيم ڀانئج هي اٿئي ابهم علي اصغر جا ٽُڪ
ٽُڪ جي گُهنجي ويا هڪ هڪ ستارو ٽي ڇِڳو
رات ڪارو ويس پاتو ۽ وئي ماتم ڪندي
لڙڪ روئي ماڪ جا!

سِجُ اُڀريو يا گلابي گهاءُ آهي گهوٽ جو
۽ ٽتل ڌرتيءَ مٿان آهي رڳي رت جي رَئي

هنج تا موتي چُڳن ۽ مڙد تا پِڙ کي پچن
جنگ جو نالو ٻڌي ڪانئر پيا ٿر ٿر ڪنبن

پِڙ مٿي پرزا ٿيڻ ابنِ عليءَ کان ڪو سِکي
رڻَ ۾ لائون لهڻ ابنِ عليءَ کان ڪو سِکي
سِر ڏئي سَرهو ٿيڻ اَبنِ علي کان ڪو سِکي

هيءَ آڪاڻي لکي جيڪو، اُهو
سِر ڪري پنهنجو قلم
مَسُ بدران رَتَ ۾ ٻوڙي لکي!

# وَڙُ ـ ڪُوَڙُ

مون کان ئي ماچيس ڳِنهي
مون کان ئي سگريٽ پِني
ڏندن ۾ ڦاسائي
تيلي ٻاري
سگريٽ کي ڏيکاري
ڪَش تي ڪَشُ هڻي
ڦُلوچندي ويو
ڪوئي منهنجي اک جي تاري تي!

# آئيني کي جاڳايان!

اونداهيءَ ۾ تيلي ٻاري، آئيني کي جاڳايان!

وٿ کي سوري، ذات ڏيي ۾، رَٿُ ٻہ هاري
تيلي ٻاري
آئيني کي جاڳايان!

پور پور مان، نَسَ نَسَ مان، سڀ سَت ساري
تيلي ٻاري
آئيني کي جاڳايان!

جيسين سورج برف پگھاري، پاڻ پگھاري
تيلي ٻاري
آئيني کي جاڳايان!

نيڻ نچوئي،پساهہ سوئي، سَگھَہ سنڀاري
تيلي ٻاري
آئيني کي جاڳايان!

جيسين سورج اُڀري تيسين،پاڻ ٻہ ماري
تيلي ٻاري
آئيني کي جاڳايان!

تيسين جاڳان، جيسين تِڙکو ٻار اُتاري
تيلي ٻاري
آئيني کي جاڳايان!

# هَٿَ رسن ۾!

رَسُ رچي ويو چنگ چڙن ۾،
مارُل ساڳي ڪوٺ ڪڙن ۾.

جيون آهي ڪارو چڪر،
پير ڪاٺ ۾ هَٿَ رسن ۾.

ڪھڙو پنھنجو حال پڇو ٿا،
اک تي ڪوپا ميڻ ڪنن ۾.

ڪالھ هئو جو منھنجو پنھنجو،
اڄ بينو هو سو ٻہ انھن ۾.

آءٌ ٻہ جھڙو ڪورو ڪاڳر،
اک ۾ لڙڪ نہ داڻهن چپن ۾.

# جيءُ وجھ نہ جھوراٽي!

ڪِنوڻ ڪِنواءِ پئي ڏانھن ڏيھ ڏاڏاٽي،
نہ ڪُسڪ ھٿَ ڪڙي پور پور تي ھاٽي.

لڄاءِ پَٽَ پٽيھر ڏسي نہ لوئيءَ لَڄ،
سُڌير تيءُ ائين جيءُ وجھ نہ جھوراٽي.

اُنا ملير مٿان مينھن، ٻول ٻاٻيھا،
پلر پِئي تہ جِئي مُلڪ مُرڪندي ماٽي.

چَڳون ٻہ چِيڙ پلي ھوُنِ، ليڙ لوئي ھوءِ،
خلاص بندَ ٽِيا ڪنھن ٻہ ٽِڙڪندي ٽاٽي.

ڪُريت ڪِيمَ ڪجئين، سونَ تي نہ مَتجئين سيڻَ،
وجڻ تہ آھ اَوَسُ اڄ سُياڻ ٻاٻاٽي.

ملير ڏانھن مِڙوئي مُھاڙ ڪج "امداد"،
الاءِ خاص خبر ڪير اوچتو آٽي!

# پهرين ۽ پوءِ

توسان جڏهين سجاڻ چاڻ نہ هئي،
وقت ڪيڏو نہ ٿي سٺو گذريو!

لڙڪ پنهنجا ۽ ٽهڪ پنهنجا ها
لُوڻ پنهنجو هو ڇهڪ پنهنجا ها
پاڻ ئي پاڻ ۾ اڪيلو هوس
پاڻ ئي پاڻ منجهہ مليو هوس

هاڻ ساڻ آهيون، ڌار ڌار آهيون
هِڪَ ئي وڻ جا ڇڻ تہ ڌار آهيون
ٻہ ڪنارا هجون نديءَ جا ڇڻ

توسان جڏهين سُجاڻ چاڻ نہ هئي
وقت ڪيڏو نہ ٿي سٺو گذريو!

# مانَ پَسان پرياتْ!

راتْ ڪٽيسين اِيئَن،
لاڳيتو ڪَنبو رهي-
پير- ڪڙيءَ کي جيئَن!

جيون ڀاسي اِيئَن،
ڪڏهن ڪڏهن "امداد" تو-
ڳُٽُ ڳچيءَ جو جيئَن!

مانَ پَسان پرياتْ،
عمر وڃي ٿي گذرندي-
ڪانه ڪُٽي ٿي راتْ!

# گيت ماري نہ سگهندا

(ڏکڻ آفريڪا جي شاعر مولائيز جي ياد ۾)

۽ توهان هن کي ماري ڇڏيو

اُهو جنهن جا گيت
هوائن جا لهرا هئا
۽ ساگر کان گهرا هئا

اُهو جنهن پرهہ جي پکين جيئن لاتيون لنيون تي
اُنهيءَ تي ئي پهرا هئا

ريک سرجڻ جي جنهن جي هٿن ۾ هئي
انهن ئي هٿن ۾ هيون هٿ ڪڙيون

اُهو جنهن غلاميءَ جو ڳٽ
ٻچيءَ مان پٽي لاهي اُڇلي ڇڏڻ تي گهريو
اُنهيءَ جي ٻچي ۾ رسو هو

۽ توهان هن کي ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيو
پر هوائن کي ڦاهي تي چاڙهي نہ سگهندا
سندس گيت ماري نہ سگهندا!

# ماتار

دل جي ديوارَ تي پوي ٿه پيجوس!

جيڪڏهن نوٽ تي چُڪيون اکڙيون
ته انهن کي ڪڍي ڏيو ڪانون
رَڳ ۾ رَتُ جي نٿو ڊوڙي
ته انهيءَ کي ڪپي ڇڏڻ گهرجي

ڪوٽ جي بُرج جان اُيو اُبي ڏانهن
ڪنڌ جيڪو مٿي ڪجي نه سگهي
ته اُنهيءَ کي وڍيوس اڇلايوس
بار آهي ڪٽيو گهمو ڇا لاءِ
پهرئين سَٽَ وِچَ چوَنڪ سٽيوس
تَنَ ۾ تؤنس جيڪڏهن ناهي
مَڙُهه آهي ته قبر منجهه لٽيوس

وقت تلوارَ تي پوي ته پيجوس!

# تيلي ٻاريان

اونداهيءَ ۾ تِيلي ٻاريان
ٽانڊاٽي ڪي گس ڏيکاريان

اوڏر- ماءُ مُئِي ڪانهي ڪا
چو نہ ڪٽي ڪا مُرڪ اُڏاريان

ڪوھ نہ سورج وانگر اُيرو
اُتو اوهان کي آءٌ اُتاريان

پنهنجو ڪوئي مو ڪونهي ڪو
هروڀرو پيو تو اوساريان

ماچس مون وٽ ڪونهي آهِي
ڪيئن پلا ڪو ٻارڻ ٻاريان

رات ايندي تہ سمهي پوندس مان
ڏونگر جهڙو ڏينهن گذاريان

پاڻ اڳي ٻہ مليا آهيون ٻئي
آءُ تہ توکي ياد ڏياريان

حفيظ، الطاف(1)، نسيم ڪرل
ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ساريان

(1) حفيظ شيخ، الطاف عباسي

## مَڇُ مچايون، هليا

سرد اونداهه هڏن کي بہ وئي آ ڳگري
ڪوڙ جي ڏوڙ کان اکين تي رکيل هَٿَ ڄميل
سوچ ۽ لوچ نري جاڻ مري ويندي يار
۽ اکر نار نريل سِٽَ ڄميل برف ٿيل
اي درازا جا ڏٽي! شاهه سچل اي دولهه
چٽنگ مان چٽنگ ڏڳايون، هليا
سَچَ جو مَڇُ مچايون، هليا!

جا بہ گذري ٿي گهڙي جڻ تہ صدا آ ڪائي
گذرندڙ پَلُ تہ ٿاريءَ مٿان آ پَنُ چٽيل
جڻ تہ سپني بنان اکين جو هجي لڙڪ لڙيل
۽ اجا ڪيچ وٽن ڏانهن ڳپل پنڌ رهيل
اي سچل مست الست اي سرمست
ڪو ملهائي نہ ملهائي تہ پلي، پاڻ ملهايون، هليا
نَچُ ناچُو هيءَ اٿئي ويل نچڻ جي، هليا
برهه جي باهه لڳايون، هليا
سيخ تي ماهہ پچايون، هليا!

گُلَ ۽ گيت جي بدلي هتي سنگين چپيل
لوليءَ ۽ لوئيءَ جي بدلي هتي گولي تي لڳي
وَڻُ زيتون جو لبنان ۾ پاڙن کان پٽيل
امن انصاف جي نالي ۾ چتي جنگ لڳل
اڄ بہ تاريخ جي هر باب جي هر صفحي تي
آهہ ماڻهوءَ هٿان ماڻهوءَ جو رڳو رت هاريل
ڪني ڪني آهہ فضا ۾ ئي ٿيو پيو ڳيرو
ساري سنسار تي بارُوت جي ڪارانهن مَليل
تيل هاري ۽ ڏنئون تيلي اچن جهنڊن کي
حسن، حق، خير جيان مارئي ڪوٽن ۾ ڪڙيل

دربدر خاڪ بہ سر عشق اجا روھ رُليل
آھ دلين ۾ دغائن جو اجا زھر گهُليل
نفرتون چوٺ چڙهيل پيار بنان ڏوھ جهليل

پاڙي اوڙي مان ڪٿان پريت پُڄايون، هليا
گوڏو گوڏي سان گڏي قرب ڪمايون، هليا
وقت جا سرمد ۽ منصور، عنايت صوفي
حق انا الحقُ الايون هليا
سرمدي وَٺَ وِرهايون، هليا!

# اي سنڌ امان!

زرد ڳِل جي مٿان اي سنڌ امان!
رَتُ وينو رُئان اي سنڌ امان!

هيءَ اخبار جا پئي آهي،
چا پڙهي چا پڙهان اي سنڌ امان!

هيءُ جهيڙا جهٽا، ڦرون، ڌاڙا،
الامان الامان اي سنڌ امان!

سُورَ جي سَٽَ، سِٽَ ڪنءَ بٽجي،
چا پني تي لکان اي سنڌ امان!

روز ڪُونڌر ڪُسن ڪلاچيءَ ۾،
آءٌ ڪنءَ چُپ رهان اي سنڌ امان!

ساڳيا جيل هي وڏيرن جا،
قائم آهن اجا اي سنڌ امان!

۽ انهن منجهه واڙيل هاري،
ڊور جڻ بي زبان اي سنڌ امان!

۽ لڄا لُٽَ هارياڻين جي،
وارثن جي اڳيان اي سنڌ امان!

هيئن پنهنجا وجن پرايا تي،
آءٌ ڦٽڪان لُڇان اي سنڌ امان!

رَتُ دانگيءَ مٿان نٿو اُٿلي،
ڏوهه ڪنهن ڪي ڏيان اي سنڌ امان!

هيءَ سموري زمين منهنجي هئي،
هِي سڄو آسمان اي سنڌ امان!

ڳوٺ ڌاڙيل، شهر دهشتگرد،
آهه ڪاڏي وڃان اي سنڌ امان!

تنهنجي هوندي بہ آهه انءَ ياسان،
بي وطن بي نشان اي سنڌ امان!

سڀ مڃن مير پير کي، ۽ آهه،
صرف توکي مڃان اي سنڌ امان!

تون ئي تون ٿي نظر اچين مون کي،
آهه جا ڏي ڏسان اي سنڌ امان!

باک جيسين بکي ۽ لاک لڳي،
ديپ سان تو جلان اي سنڌ امان!

تيستائين تہ پرهه پنڇيءَ سان،
لات پيو تو لنوان اي سنڌ امان!

# دل ٻہ نگر آهي

ڳوٺ ڳوٺ آهي يارن جو، شهر شهر آهي يارن جو،
دل ڪان آخر ڪيڏو پڄندين، دل ٻہ نگر آهي يارن جو.

هِن اوڻتهينءَ جي اونداهيءَ ۾، لال لهوءَ جا ڏيئا ٻاري،
منزل ڏانهن وري هڪ پيرو، عزمِ سفر آهي يارن جو.

پيٽ پريل جي هوندو آهي، چنڊ ٻہ سهڻو لڳندو آهي،
هيءَ ڪٽڪ جي ماني ڪانهي ڪا، زخمِ نظر آهي يارن جو.

درد جي ديوار آڪاس آهي، آڪاس ڪي رت جي پياس آهي،
هي رنگ شفق جو ڪونهي ڪو، خونِ جگر آهي يارن جو.

# صبح جي تلاش

گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ چرين جئن مٽي اُگھاڙي سان
شڪستہ دل کي هٿن ۾، اکين ۾ لڙڪ کڻي
چپن تي ماٺ جو محشر ۽ زخم سيني تي
سموري شهر جي ديوار در سان حال اوري
۽ ٽِڙندو ٽاٻڙندو، ٽيڙ ڪائيندو وڏندو
۽ پنهنجي پير جي ڪُڙڪي تي ڇرڪندو ٿهندو
اُداس
اُداس
اڪيلي
جوان رات جو روح
اِئين رُلي پيو جنءَ صبح جي تلاش ۾ آهه!

# مَهريءَ وارا!

مَهريءَ وارا موڙ مَهارُون
مَکَ پکي آهي ڄارين تي
پيرون جهڙا جهُوڙا جهائين
گهوريا ورهہ وڇوڙا سائين

تاريءَ تاريءَ ڦُلَ ٽڙن تا
مٽر مٽر ڄڻ سُرَ ڇِڙن تا
ڏي تي منڙا مُند ميارون
گهايل ڪي چو ايڏو گهائين!

مُور نہ هوندين مُور نہ هوندين
تارن ڪان تون ڏُور نہ هوندين
پهتيون تارن تاءِ پُڪارون
هاءِ نہ پهتيون تو تائين!

آس پکيئڙا اُڏري ويندا
نيل گگن ڪان اُکري ويندا
گذري ويندون مست بهارون
پرچي پير پرين شل پائين!

چاندوڪيءَ ۾ چنگ ٻُرن تا
هر هر تنهنجا هور هُرن تا
هيءِ هيءِ هينئڙو ڦارون ڦارون
پَتِ رکي شل پار پُڄائين!

جيڏيون سرتيون جوڙي جوڙي
اُڏمن آهيان آءٌ اُلوڙي
ڪيئن لڪايان لڙڪن لارُون
اگڻ اچي شل عرض اگهائين!

# ويرين وچ ۾

منهنجو سڄو ڪٽنب رهيل هو ٽِماڙ تي
۽ هيٺ آءٌ هيڪلو ويرين جي وَرُ چڙهيل
ماڙيءَ مٿان اُگهاڙي مٿي ساڻ پينرون
ڪپجي وئي نهار، رڳون ٽاٽجي ويون
ڏرتيءَ تي پير مون ٻه ڪُپائي ڪٽي ڇڏيان
۽ دشمنن جي اَکِ منجهان مون نه اک ڪڍي!

# طيءِ ڪيل فاصلو

ڪنهن ستاري جي روشنيءَ وانگي
ڪيترو ڏُور ڪان هليو آهيان

ڪنهن جهلڻ ڪان نڪو جهليو آهيان
ڪنهن پلڻ ڪان نڪو پليو آهيان
۽ ملڻ ڪان سوا وڃان موٽي
تہ ائين ٿي نٿو سگهي ڪڏهين!

اي پرين! پاڻ کي هٽي ماري
پنڌ جيڪو پٽي چڪو آهيان
سو تہ اڳتي اڃا بہ اڳتي آ
وِڪَ جيڪا کٽي چڪو آهيان
سا ڀلا ڪيئن پوئتي موٽي!

# چنڊ ٻہ ساڳيو

چنڊ ٻہ ساڳيو آهي سهڻا، سينڌ ستارا ساڳيا آهن،
پنهنجي چشم تصور ڪان ٻہ حسين نظارا ساڳيا آهن.

ڳالهہ مڙوئي هڪڙي آهي، هِن پار رسين، هُن پار رسين،
تنهنجي منهنجي دل دريا جا ٻئي ڪنارا ساڳيا آهن.

ڇهرن تي چانڊاڻ ٻہ ساڳي، ساهن ۾ سُرهاڻ ٻہ ساڳي،
مکڙين جهڙين ٻن اکڙين جا شوخ اشارا ساڳيا آهن.

اَڪِ ڏسي ٿي جيسين تائين، سِڄُ اهوئي نِج وو سائين،
اولهہ اوڀر، ڏکڻ اُتر، سڄَ سهارا ساڳيا آهن.

ڳوٺ اُهيئي، شهر اُهيئي، ڀهريان ڀويان ڀهر اُهيئي،
چانڊوڪيءَ جي ٻُڪ ۾ پيارا، مُنهن موچارا ساڳيا آهن.

# سانوڻ آيو ڙي

سانوڻ آيو ڙي-
ساڃن آيو ڙي-
هير هندوري ۾ جهُولي، ڳيت پپيهي ڳايو ڙي،
ڊيل ٽلي ۽ مور نچيو، ڪووَل شور مچايو ڙي،
سانوڻ آيو ڙي،
ساڃن آيو ڙي.

ڪارن ڪارن وارن مان، رنگ گهٽا چورايو ڙي،
ڳاڙهي ڳل ڪان ڳاڙهه پِني، ڪِنوٽين ڪيل رچايو ڙي،
سانوڻ آيو ڙي،
ساڃن آيو ڙي.

مينهن ٻه آهي نينهن جيان، پِٽَ- ڌٽيءَ فرمايو ڙي،
بادل پياسي ڌرتيءَ تي، اَمرت رس برسايو ڙي،
سانوڻ آيو ڙي،
ساڃن آيو ڙي.

# اي پرين مگر!

مصروف تون گهڻو ٿو رهين اي پرين مگر،
فرصت ملئي ته ياد انهيءَ شام کي ڪجانءِ!

منهنجي ڪري اُداس نه ڪج پنهنجو پاڻ کي،
لڙڪن کي منهنجي ياد ڪري مسڪرائجانءِ!

توکي گلاب رنگ رُتن جو قسم صنم،
جشنِ فراق شمعون جلائي ملهائجانءِ!

منهنجي خطن کي ساڙي ڪجان تيز روشني،
گلدان ۾ به تازا ٽڙيل گل سجائجانءِ!

مصروف تون گهڻو ٿو رهين اي پرين مگر،
فرصت ملئي ته ياد انهيءَ شام کي ڪجانءِ!

## سنپنڊ

جنءَ
سگريٽ مان
سگريٽ ڌُڪي
تنءَ
تومان آءٌ دکيو آهيان!

## پريت ڪهاڻي

تنهنجي منهنجي
منهنجي تنهنجي
پنهنجي پريت ڪهاڻي
نئين نڪور ٻہ ايڏي آهي
جيڏي آهہ پراڻي!

تون ۽ آنءُ اُهي ئي ساڳيا، ساڳيو سمنڊ ڪنارو
اڄ ٻہ اُهوئي نيري نِڀ تي، چمڪي شام جو تارو
سِڪَ وندن لئہ ساڳي آهي
اڄ ۽ ڪالهہ سياڻي
نئين نڪور ٻہ ايڏي آهي
جيڏي آهہ پراڻي!

جوڻي جڳ ۾ سچي سِڪ جي، ريت تہ رهڻي آهي
پاڻ هجون نہ هجون دنيا ۾، پريت تہ رهڻي آهي
دنيا رهي يا نہ رهي
پريت جي ناهہ پُڄاڻي
نئين نڪور ٻہ ايڏي آهي
جيڏي آهہ پراڻي!

# سمنڊ ڪناري

سمنڊ ڪناري
واريءَ جو گهر ناهيوسي
توکي چاهيوسي!

تنهنجو پيار بہ تيز هوا ۾ ڏِيئي ٻارڻ جي ڪوشش هئي
وهندي پاڻيءَ ۾ ڪاغذ جي ٻيڙيءَ تارڻ جي ڪوشش هئي
توکي چاهيوسي
سمنڊ ڪناري
واريءَ جو گهر ناهيوسي!

اوجاڳيل اوجاڳيل اکڙين جاڳيل جاڳيل خواب ڏنا ها
ويرانن ۾ دل جي صورت ڳاڙها گُلَ گلاب ڏنا ها
توکي چاهيوسي
سمنڊ ڪناري
واريءَ جو گهر ناهيوسي!

رمندي بادل پويان ڊوڙڻ مان هڙ حاصل ڇا ٿيڻو هو
ٿيڻو ئي جي ڪجهہ هو تنها ٿيڻو هو رسوا جيڻو هو
توکي چاهيوسي
سمنڊ ڪناري
واريءَ جو گهر ناهيوسي!

## اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

ڪوئي مون کي ڇَڏُ چوي، اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

شاعر کو مَ سڏي مون کي، ڀانُ چوي ۽ ڀَٽُ چوي
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

چاڙهي عرش نہ پهچائي، مِٽيءَ کنان بہ گهٽُ چوي
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

ڏاهپ جو کو ڏانُ نہ ڏي، چريو ڀهرئين سَٽُ چوي
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

هن مِٽيءَ جي ناتي سان، نکر جو ئي مَٽُ چوي
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

جانب جي تہ جُتي آهيان، متان کڏهن کو ڇَٽُ چوي
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

ڇَٽُ ڇُلنگيءَ کان ڇرڪان، مون کي کوئي پَٽُ چوي
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

ڪوئي مون کي ڇَڏُ چوي،
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

## وري مِلون نہ مِلون

وري مِلون نہ مِلون، زندگي رهي نہ رهي
چپن کي ٿورڙو ويجهو ڪري ڏسي تہ وٺون
اکين ۾ پوءِ اها روشني رهي نہ رهي
وري مِلون نہ مِلون زندگي رهي نہ رهي

الاءِ ڪهڙي خبر دوستي رهي نہ رهي
ڪِلي مِلي تہ وٺون، جِي پري ڏسي تہ وٺون
وري مِلون نہ مِلون، زندگي رهي نہ رهي
چپن کي ٿورڙو ويجهو ڪري ڏسي تہ وٺون

# ڪرت ڪري ڪرڙات

جيري جَرَ جَراتَ، ٻهران آءُ اُجهاٽل!
اندر جهڙو ڪورو ڪامي، مٿان وسي تي ماتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

منهنجي من ۾ مَچَ مچن تا، چٽي وٽن مان چاتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

سُپنا سانوڻ جي سنتوءَ جا، ڪُن ڪُن ۾ ڪڙڪاتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

سوچن جي سنگين چپي تي، لُڇي لوچ جي لاتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

پَرُ ڪري ڪو هٽي ويو آ، لوٽي پَرُ لپاتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

اندر محل ۽ ماڙيون، بنگلا، جڳ مڳ جهاڙ، ڪباتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

اندران اندران ڪامان پڄران، اهڙي اَڄ اُساتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

هٿ تريءَ جون ليڪون ڏانل، سُڄي سموري واتَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

چوڏهينءَ جي چانڊوڪي چِٽ تي، هونئن هرپاسي ٻاٿَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

ميخ مغز ۾، ڪُتل ڪپار ۾ ڪرت ڪري ڪرڙاٽَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

من متوالو، جيءُ جهُڙالو، ور ور وِڄَ وراٽَ،
ٻهران آءُ اُجهاٽل!

# نپائي رکجان!

اَڪِ سان اَڪِ ملائي رکجان،
ديپ مان ديپ جلائي رکجان.

ساز جي تند تپائي رکجان،
وِلهَه ۾ مَچُ مچائي رکجان.

پرت جي پِڙ ۾ متان پير رکين،
جي رکين، ڳاءِ وڄائي رکجان.

زندگيءَ ڪونہ نپايو ڪنهن سان،
بس فقط نينهن نپائي رکجان.

ڪنهن نہ ڪنهن شام تہ موٽي ايندو،
راھ ۾ نيڻ وڇائي رکجان.

ٻيو ڪمائين نہ ڪمائين جڳ ۾،
بس رڳو قرب ڪمائي رکجان.

ٻيو بچائين نہ بچائين "امداد"،
بس ہ ٽي لُڙڪ بچائي رکجان.

# هي جو نِيَرُ نينهَن جو....

هِي جو نِيَرُنينهَن جو، ڳُورو ڳچيءَ ڳٽُ،
پاتو جن سي ٿي پيا، تاجيءَ پيٽي پٽُ،
مُور نہ پانيان سومرا، ماڙيون مِٽيءَ مَٽُ،
ڦوڙائي جو ڦَٽُ، جهڙو گُلُ گلاب جو!

هُتي هُوند هُئان، سرتين سين ساٿيھ ۾،
پانڌيءَ ڪي تہ پنهوار جي، پيرين آءٌ پُئان،
هِت هُت ماروءَ ڄام ڄِي، ڇُئان جي نہ ڇُئان،
ڏويو روز ڏُئان، ريٿيون ريٽي رَتَ سين!

وَرُ سو نِيَرُ- نِينهَن، ساھ سلهاڙي جنهن نِيو،
سُڏڪي اُسَهَيُون سانجهِيون، ڏُسڪي لنگهيا ڏِينهَن،
اُنا اوَهيرا ڪري، منجهان اکڙين مِينهَن،
اڄ، سياڻ، پرينهَن، ويندِيس، رهنديس ڪينڪي!

وَرُ سو نِيَرُ-نينهَن، ساھ سلهاڙي جنهن نِيو،
هيڪل وسورو هينئڙو، ٿانئيڪو تہ ٿِيو،
جُسو ريءَ جنجير جي، جڳ ۾ جار جِيو،
چمڪيو ڏُکَ ڏيو، اوندھ وئي، ٿيو سوجهرو!

جهنجهيل جنجيرن ۾، نُنهن چوٽيءَ آئون،
ڏني مارو ڄام ڪي، چنڊ ڏنو ڪائون؟
ڇَمر ڇَپر ڇائون، هجن شال ملير تي!

سنگهرون سنگهارن جُون، ويڙهي ويون وجود کي،
ڦَٽَ ڦُٽي ڦاٽي پيا، لِڱُ لِڱُ آھ لِڦُون،
آهيان عُمرڪوٽ ۾، ڏِينهَن مِڙوئي ڏُون،
مارُو مجيو مُون، سو ٻئي ڪنهن کي ڪنءَ مڃيان!

هِي جو نِيرُ نينهن جو، چنگن جي چُونگارَ،
جهُونجهڪڙي جي جيءَ ۾، جهيٽي جنهن جُهٽڪارَ،
ڪاري رات ڪراڙ تي، ڪُونجن ڪِي ڪُٽڪارَ،
لُوئا لُوئا ٿي لُڇي، لونءَ لونءَ منجهه لغارَ،
ٻاٻاڻن تي ٻولِيو، ٻاٻيهي ٻيهارَ،
ايڊو اوري ٿي ٻُڌان، ٿلين جي ٽِٽڪارَ،
بوندون برسيون ٻُٺَ تي، ڇڻ ڇِڻ ڇڻ ڇٽڪارَ،
ڏاهي وئي ديوار ڪي، تاڙي جي تہ تنوارَ،
اڇي عمرڪوٽ ۾، ٻيري ڪِي ٻُٽڪارَ،
نِڱيا هڪل هُونگَ سان، ڪاهي ڏَڻَ ڏٽارَ،
منهنجي ملڪ ملير تي، اُٺا ميگهه ملهارَ،
واڄا ٽاڄا وِڄڙِيون، ڪنوٽين جا ڪِلڪارَ،
گوڙيون ۽ گَجگوڙِيون، ڍُهلن جا ڏڏڪارَ،
سارنگيون سارنگ جون، ٻُرن پارَ اَپارَ،
ڪيانتل آندي ڪير جي، ڪاسي ڪبر چارَ،
واڄو وڄي وجود ۾، جيئن چڙي جي لارَ،
هِيرَ ڪري وئي هيج مان، پيج پنيءَ پُٽڪارَ،
سُرت سَري ساڻيهه ڪي، لٿا عمر آزارَ،
ڏاڏاڻن جي ڏيهه تان، ٽرئا ڏرت ڏڪارَ،
پِٺَ ڏٽيءَ چيڙي چِڏي، تنبوري جي تارَ:
"سائين سدائين، ڪرين مٿي سِنڌ سُڪارَ،
دوست مٺا دلدارَ، عالم، سڀ آباد ڪرين!"

# اَپيل

## (قبيلائي جنگين جي موضوع تي لکيل)

[1]

اي خداي عظيم، قادرِ ڪُل!
تو چيو "تي پئو"، تہ تي پيئُن،
ڪائناتون، نہ جن جو آر نہ پار،
ڪوبہ چاهي ڪري سگهي نہ شمار.

سرءُ، سيارو، بهار، اونهارو
ڪِنءَ نہ هڪبئي پنيان پيا ڊوڙن،
رات ڪان پوءِ ڏينهن ٿو جاڳي،
جيئن ٻيلي ۾ شينهن ٿو جاڳي.

سِجَ ۽ چنڊَ ۽ ستارا هي،
ڪئن نہ سهڻي سٽاءَ سان ناهيءِ!
هيءُ ٻي انت ڪير ڏارائون،
ڪئن نہ جهرمر جڙاءَ سان جوڙيءِ!

هيءَ ڌرتي بہ دانَ منجهہ ڏنءِ،
۽ انهيءَ تي انيڪ ڪنڊ اُپڪنڊ،
سمنڊ، جيڪي ڪڏهن سُمهن بہ نہ ٿا،
وقت جيڪو ڪڏهن ٻِهي بہ نہ ٿو،
جوڙَ تو آهہ سڀ اِها جوڙي!

اربَها ڪربَها ورهيہ گذريا،
اربَها ڪربَها ڄميا انسانَ،
مختلف شڪليون مگر تن جون،
مختلف سوچ ۽ سياءَ جدا،

ڪابہ ڪنهن سان نہ ٿِي ملي صورت،
ڪابہ ڪنهن سان نہ ٿي ملي سيرت،
نہ ڪو آواز سان ملي آواز،
نازَ انداز سان نہ نازُ انداز،
هٿ لڪيرون بہ ساڳيون ناهن،
نرڙ جا گهنج ساڳيا ناهن،
هيءُ انسان اشرف المخلوقُ،
تو تہ آزاد ئي ڪيو پيدا،
ڪاٿ ۾ پوءِ ٿو پوي مولا!
ڳٽَ ڳچيءَ منجهہ، پير منجهہ ڪڙيون،
گئس چيمبرَ ۽ ڦاسِيون، ڦٽڪا،
هيءُ ڌاڙا، ڦرون ۽ ريپ، اغوا،
سي بہ انسان جي هٿان مولا!

هيءُ جي ڪنڊَ اڪنڊَ ڌرتيءَ تي،
۽ اُنهن منجهہ ڏيهہ اي ڏاتار!
پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ شال هجن!
سنڌ ساڻيهہ پڻ انهن مان ئي۔
سنڌ ساڻيهہ جو سڳورو آ،
سنڌ ساڻيهہ جو سدورو آ!

امن ۽ آشتيءَ جو ديس اهو،
رنگ ۽ روشنيءَ جو ديس اهو
حسن ۽ عاشقيءَ جو ديس اهو
هر بکئي لاءِ آهہ مانِي جو،
هر اگهاڙي جي لاءِ ويس اهو!

اي خداي عظيم، قادرِ ڪُل!
مَرڪندو مُرڪندو رکين اُن کي،
شال اُن تي بہ ڪو سُڪار ڪرين،

ڏُرت اُن تان ڏڪار ڪي لاهين!

هرڪو پنهنجي وطن ڪي ناهي ٿو،
اُن ڪي پوڄي ٿو، اُن ڪي چاهي ٿو،
جانِ قربان ٿو ڪري اُن تان،
اُن جي لئہ ٿو جِئي، مري اُن تان،

هِنديِن لاءِ هند جي ساراهہ!
سنڌِيُن لاءِ سنڌ جي ساراهہ(1)!
هر بشر جي خمير ۾ آهي،
پنهنجي پنهنجي وطن جو چاهہ اَٿاهہ،
سنڌ ساٿيهہ تي بہ مهر ڪرين،
سنڌين کي بہ شل ڏيين ساڃاهہ،
واهرو آهين، شال وهرَ ڪرين!

[2]

هي جتوئي، اُجڻ ۽ ناريجا،
سامٽيا ۽ سچار ساريجا،
آمڙا، جامڙا ۽ جاڙيجا،
جوکِيا، جاکرا ۽ جوٽيجا،
چند ۽ چانگ، سومرا، سورا،
هيءُ لاسي، مَلڪ، پنگرَ، لورا،
هي ڪليري، ملاح ۽ ڪوسا.
هي سمات ۽ بروچ ۽ سيّد،
چانڊِيا، تارڙا ۽ نوحاڻي،
رند، چوهاڻ، شيخ، شاهاڻي،
راڄ راڻا، وساڻ، ڏاهاڻي،
ڪيرِيا ۽ ڪَلال، قنبراڻي،
هيءُ جهوُنجهار جُنگ جکراڻي.

جَڳرا جَس ڪرا ۽ جلباڻي،
هيءُ ڪُوپا ڪنڌارَ ڪالاڻي،
هي ٻَبَر، هي ڪُٻر ۽ تنگواڻي،
نُومڙيا، پُرڳڙي، نظاماڻي،
ڏوڙڏويا، ڏچر، ڏماچاڻي،
هيءُ رانوڙ، رَڄَ راڄاڻي،
جهرڪ ۽ ڪاتِيار، ڀهراڻي،
هي ٻُليدي ۽ هي ٻجاراڻي،
هي مري، ڊومبڪي ۽ ملڪاڻي،
هي گياني گيانچنداڻي،
مُکَ تي مُرڪ، اِڪ ۾ پاڻي۔
هي چُنا، چلڳري، چَچر ۽ چُڳير،
هي ڪرل، ڀهڻ، ميتلا ۽ جَهٻير۔
هيءُ دودا دلير مڙس مٿيرَ.

گندرا، منڌرا، مسر، ٻانيڻ،
هيءُ ڪُهڙا، ڪٿياڻ، ڪُهنباٽي،
هي سِرائي، سهاڳ ۽ ساٽي۔
ڊول سِر- چَٽَ، ڊِٽَ جا ڊاٽي.
گهانگهرا، گاڏهِي، وڳڻ، ارباب۔
هيءُ نيهي نواب نينهن نصاب.
ڪانڌڙا، پيل، ميگهواڙ، پَيا،
ڪارِيا، سارِيا پَلائِي، پُرٽ،
هي مٿيءَ ڪوڏ اوڏ اڏجن شال!
شال تن تي پلا پلائين پال!

هي پليجا، پنهوار، پيچارا،
هيءُ سوچِي سُچيت سونهارا،
هي نَڪر، نيڪري ۽ ٽاٽارا،
هيءُ "گلشير تيوڻي" وارا،
هيءُ رنگريز، هيءُ سونارا۔
سانورا پُورڙا، اچا ڪارا،

## سنڌڙيءَ ماءُ جا سيئي پيارا!

هي مگڻهار، ٻَند، ٻَٽ ۽ ٻيان،
دائداڻا ۽ درس، ڏَل، ديوانَ
ڇا چوان آءٌ شانَ تن جا مانَ!

هي سنديلا، سَنيار، سيلاٽا،
هي سِريوال، ساندَ، سولنگي
نِج ٻِج ۽ نبار ۽ ننگي!

هي پتافي، پناڻ، پاڙهيڙي،
هي هگورا، پرهياڙ، آهيڙي.
هيءُ ساونت رُوپلا ڪولهي،
راوڙا باگڙي، سنگهار، چمار،
پارسي، ياٽِيا، ٻُٽا، پرمار
سُوَڙا، سَت پُريا، سخي سردار.

هيءُ جويا، أتر، ڪٽي، ڪوڪر،
هي ڪلهوڙا، ٻٽي، ٽڳڙ، وينجهر،
ناهِيان، ڪُوچڙا، ٻڙا، ڪيهر،
هي جمالي ۽ مهر ۽ ڏيپر،
هيءُ ڏهراجَ، ڏاهري، جيسر،
هيءُ وريام وِيرَ هي وِيسر،
هي سهارڻ ۽ ٻُٽَ، آريسر،
هيءُ ٽُنيا، حجام، حُر، حبشي،

هيءُ قاضي، ڪنيار، حاجاڻا،
مگرِيا ۽ لُهار، لوهاڻا،
هيءُ راهو، ٻَرند، قلپوٽا،
هيءُ لاڙڪ ۽ ميرجت، گهوٽا،
هيءُ گوپانگ، هيءُ پاٽولي
جن جي ڪَن ۾ پئي، سُتيءَ سان ڳڌ،

سنڌڙيءَ ماءُ جي مني لولي.

هي سَريلا ۽ ساهتي، لاڙي،
مارواڙي ۽ ڪاٺياواڙي،
هي جِهلورا ۽ جهانورا، جهانگي،
هيءُ سوڍا، سنگهار ۽ سانگي،
هيءُ ولهارَ ويڙهه جا وانگي.

هيءُ اڳڙا ۽ داسڙا، دايا،
هيءُ گولا، گبول، گاروڙي،
ڪامڙيا ۽ ڪماڻ، ڪاهوڙي،
هي چَنڙ، چاوڙا، چنا، چاچڙ،
هيءُ ماڇي ۽ لُنڊ ۽ سهتا،
مُغل، اعواڻ، شير شَر، ڏيتا،
هيءُ بُرفت، سيال ۽ ابڙا
هي کهيري، ڪمارِيا، ڇجڙا،
هيءُ ديڏڙ ۽ بودلا، ٻُڙا،
جانوري، ٽانوري ۽ هي هَڪڙا،
راڄپر، راڄپوت ۽ رڪڙا،
هيءُ ٻاگهل، اِنڊڙ ۽ آرائين،
هيءُ آخوند، خاصخيلي، خُشڪ_
ڪِل ڪتوري ۽ مُشڪ جن جي مُشڪ!

هيءُ لاڪا، للهنگ لاشاري،
هي زنگيجا، زئونر، زرداري،
هي شڪاري، پَريت، پالاري،
هي مهيسر ۽ مگسي مهمِير،
هيءُ جوڳي، ڪنوڻيا، ڪَنچير-
لال لڄپال هي لکي لکمير.

هيءُ ڳنيير، بوزدار، سما،
هي سميجا، سُڪارِيا سَنيا،
هيءُ پانڌي، پَهوڙ ۽ پُسيا.

هي ڪلوئي، ٻلال، ڪورائي،
هي بروهي، ٻدام ۽ ڀنيرا،
هيءُ ميمڻ ۽ بوهري، ڪوجا،

جاڳراڻي، ڍهوٽ ۽ ڏُمرا،
هيءُ ڪوري ۽ هيءُ نوناري،
هيءُ مرزا، مسيح، هي ورما.

هيءُ رضوي ۽ ڪاظمي، نقوي،
هي قريشي ۽ موسوي، علوي،
هي صديقي ۽ هيءُ انصاري،
هيءُ مخدوم، پير، مير، فقيرَ،
سنڌ جي سَنڌَ سَنڌَ سِڪَ اُڪيرَ،
منهن جنين جي مڙهيل مٽيا آهن،
جي مٽيا سيڪنهين وٽيا آهن،
اَڄُ ڪلهه جا نہ، ڏُر ڏٽيا آهن۔
سِجَ ۽ چنڊ ۽ ستارن جان،
عرش تان فرش تي ڇٽيا آهن،
ڳڻ سندن ڪنهن ڀلا ڳڻيا آهن!

اڄ سين ڪي اهو سُٽايان ٿو،
هٿ ادب جا ٻڌي ٻڌايان ٿو،
ٿورڙو ڏيان سان سُڻو سائين!
تہ ڦِٽڻ ڪان سنو نَهڻ آهي،
تہ ٺُٽڻ ڪان سنو جُڙڻ آهي،
"جي مُڙياسي جُڙيا" چيو ڏاهي!
ان سوا ڪوبہ ٻيو نہ غرض آهي،
بس رڳو ايترو ئي عرض آهي:

خونَ سان اُڄ اُڃهامندي ناهي،
خونَ سان پاڻ پڙڪندي آهي،
خون ڪنهن جو؟ اُهو بہ پنهنجن جو!
خونُ، جو گرم هو رڳن ۾ ڪڏهن،
خونُ، جيڪو گلاب رنگ هئو،
سنڌ جي سينڌ جو هئو سندور!
خونُ، سو ڪيترو وهيو آهي،
جو انهيءَ تَڃ مان نهيو آهي،
سنڌڙيءَ ماءُ جا ڏني آهي!

پَرَ منتڙيا، نہ ڪي اياڻا ٿيو،
ٿورڙو سوچيو، سِياڻا ٿيو!
ذاتِيون، ڪُڙم ۽ قبيلا هي،
سَڀُ رب جون نشانِيون آهن،
جنءَ سجاتا وڃو اوهين جڳ ۾ _
گل گلابي جوانِيون آهن،
سڀ سندس مهربانِيون آهن،
هيءُ پاڙا، نگُون ۽ هِي شاڪون،
جڻ نئين سِجَ جون هجن باڪون!
جڻ نئين صبح جون هجن ساکون!
ٿورڙو ڏيان ڏاريو يارو!
يائرو، هي 'پلاند' جي نالي،
جا ڪڏهن ڪانہ ٿي ڪَٿي سگهجي؛
دوستو! اهڙي راند جي نالي،
هيءَ رتوڇاڻ، سا بہ سالن ڪان!

پو بہ ان گپَ ۾ گتل ڇالاءِ؟
امن ۽ آشتيءَ جي ڌرتيءَ تي،
هيءُ مانڌاڻ آ مَتل ڇالاءِ؟
جاهلّيت جو دور گذري ويو،
هو ڏسو ڇهن ئي ڏسائن ۾،
هڪ نئون نُور آهہ نسري ويو!

ٽورڙيءَ دير لاءِ ويچاريو!
هيءُ جو رَتَ ۾ رتل آهي،
ڇَڻَ تان پَٽَ تي پيل آهي،
سو ٻه ڪنهن ڀيڻ جو ڀرا آهي،
سو ٻه ڪنهن ماءُ جو جگر آهي،
سو ٻه ڪنهن پيءُ جون اکيون آهي،
سو ٻه ڪنهن پريمڪا جي دل آهي،
گهوٽ آهي اُهو ونيءَ ڪنهن جو،
هيءُ جو سِرُ لُٽيو پيو آهي،
سو ٻه ڪو سنگ آ ڀنيءَ ڪنهن جو،
ڪلهه جُهليو پئي اُهو هوائن ۾،
مَهڪ اُن جي هئي فضائن ۾،
ڪنوار سان گهوٽ ڇڻ ته لانئن ۾!

پل اَپل لاءِ ٽورڙو سمجهو،
ته وطن راڄ ڀاڳ جي هوندي،
اڄ اوهين بي وطن ٿيل آهيو،
ڪن اَ ڪن لاءِ ٽورڙو پرکيو،
وقت ۽ حالتون تقاضائون،
ڪير ٿو چي اوهين ڪَپُوت آهيو؟
سنڌڙيءَ جا اوهين سَپُوت آهيو!
انڪري ئي اها اپيل آهي،
ٽورڙو صرف ٽورڙو سائين!
عَفوِ ۽ درگذر ڪرڻ ٻه سکو!
جيڪڏهن رات آهه اونداهي،
ته ڏِيي جان اوهين ٻرڻ ٻه سکو،
جو سَڙِي پاڻ ٿو سُهائو ڏي!

سوچيو سنڌ واسِيو تورو:
اُيرنَدي اُلهندي طرف ڪيئي
سِج اُپڙي، لڙي چڪا آهن،
۽ اِنهيءَ بي حصار عرصي ۾،
ڪيتريون عورتون ٿِيون رنڙيون،
۽ اڃي ڪير جهڙيون ڪنواريون،
ڪيتريون هاءِ ٿي چڪيون ڪاريون!

اُهي گِيرو جوان شهزادا،
جن تي پهرين بهار آئي هئي،
۽ اُها آخري بهار هئي!

باک جو مات ۾ پنل هي گل،
پرهه جو ماڪ ۾ پنل هي گل،
صبح جي پهرئين ئي ڪِرٽي تي،
نيڪ ڏانديءَ متان تتل هي گلَ،
اُهي مُک جي چُمڻ جي لاءِ نهيا-
رَتَ جي رَڳَ ۾ رڱيل آهن،
اُهي جي ڏينهن ڪان اڃا اُجرا،
تن ڪي ڪارو ڪيو ويو آهي!

ڪيترا گهر سڙي چڪا آهن.
رَڪَ تن جي هوا اُڏائي تي!
جا کهاٽي اها بڏائي تي،
تہ انهيءَ ڪان اڳي جو سنڌ سجي،
انهيءَ آڙاهه ۾ وجي رڪ تي،
سڀ اڃو پيٽرول جي بدران،
پڙڪندڙ باهه تي وجهون مِٽي!

(1) هِنديان را اصطلاحِ هند مدح، سنديان را اصطلاح سند مدح (رومي)

ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

# ڳهاءُ گيت- زخم نظم

منهنجي لاءِ اها انتهائي فخر جي ڳالهه آهي ته آءٌ امداد حسينيءَ جي جيون ساٿي آهيان- اسان زندگيءَ جي هر ڏک ۽ سُک کي گڏجي شيئر ڪيو آهي. مون لاءِ اهو به انتهائي فخر جو مقام آهي ته، آءٌ امداد حسينيءَ جهڙي ليجنڊ شاعر(Legend Poet) جي شاعريءَ جي پهرين پڙهندڙ به آهيان. سندس مجموعن 'امداد آهي رول'، 'شهر' (شهر آشوب) ۽ 'هوا جي سامهون' جيان ئي نئين مجموعي 'ڪِرٽي جهڙو پَلُ' کي سهيڙڻ جي ذميوار به آءٌ ئي آهيان. آءٌ مجموعي کي ترتيب ڏيندي ڪوشش ڪندي آهيان ته پهرئين نظم کان ويندي آخري نظم تائين ڪتاب جي ترتيب پڙهندڙ تي هڪ ڀرپور Impact ڇڏي. شاعريءَ جي مجموعي جي ترتيب به موتين جي مالها جيئن هوندي آهي. ڪتاب ڪٿان به کولي پڙهجي- پڇاڙيءَ کان پڙهڻ شروع ڪجي ڪين شروع مان يا ڪٿان به ڪتاب جي تاثر ۾ ڪو فرق نه اچي- شاعريءَ جي مهڪ اول تا آخر ساڳي هڪجهڙي هجي- مٺڙ خوشبو جيان!

مون وٽ لکڻ/چوڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي، پر اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ٻئي ڀيري.

بحيثيت شاعر امداد جو فڪري سفر مسلسل جاري آهي- هو ڪنهن ميل- پٿر جيان هڪ هنڌ بيٺل نه آهي- ان ڪري سندس شاعري جمود جو شڪار ناهي ٿي- سندس شاعري سدا چُلندر/ لُڇندڙ اونهي سمونڊ جيان آهي. سدا بيقرار ۽ بيڪران، اٿهئي اٿاهه ۽ اننت. هو شاهه لطيف جو فڪري پوئلڳ آهي ۽ سندس مسيحائي اعجاز کي مڃيندڙ آهي. سندس يقين آهي ته:

"هِتان ڪٽي هُت، جن رکيو سي رسيون!"

۽ "هُت" پهچڻ لاءِ هن جو سفر جاري آهي:

قلم تي ويون آڱريون جي ته چا ٿيو
مُڇيل آڱرين سان به ليکڪ لکن ٿا
(غزل/ ساگر ۾ دريا پون ٿا- ص 257)

۽ ان لاءِ هو "زخم" کي "نظم" ڪري ٿو- ۽ "گهاءُ" کي "گيت" ڪري پنهنجي رچنائن ۾ زندگيءَ جو سمورو زهر اوتي ان کي امرت ڪري، پنهنجي عوام کي آڇي ٿو:

رات جي زهر ٻه آهي ته پيڻ ۾ چاهي!
هيرَ زنجير ٻه آهي ته گُهلڻ ۾ چاهي!
زخم جي نظم ٻه آهي ته لکڻ ۾ چاهي!
گهاءُ جي گيت ٻه آهي ته رچڻ ۾ چاهي!
زندگي جيل ٻه آهي ته ڪٽڻ ۾ چاهي!
(نظم/ زخم جي نظم ٻه آهي ته... ص 123)

"ڪرٽي جهڙو پَلُ" ۾ سندس ڪيترائي بيحد سنجيده ۽ جيءُ جهنجهوڙيندڙ نظم شامل آهن، جهڙوڪ: سندس ٿي طويل نظم "واپسي، قيدي ۽ اپيل."
"اپيل" هڪ اعليٰ پيغام رکندڙ نظم آهي. جيڪو سنڌ جي ٻرندڙ اشو يعني: "قبيلائي جنگ" بابت آهي. اهو نظم سن 2000ع ۾ محمد ابراهيم جويي پاران پمفليٽ جي صورت ۾ ڇپرائي سنڌ ۾ ورهايو ويو هو. اڄ ٻه اهو نظم سنڌ ۾ خاص ڪري "اتر سنڌ" ۾ عام محفلن ۾ نه رڳو پڙهجي/ٻڌجي ۽ ورهائجي. انهن ٽنهي نظمن بابت اڳ پڇاڙيءَ ۾ تفصيل سان ڪجهه لکنديس. في الحال سائين امداد جي ڪجهه اهڙن نظمن جو ذڪر ٿي وڃي جيڪي بظاهر مختصر آهن پر جن جو پيغام وسيع آهي. سنڌ جا انيڪ باشعور نوجوان انهن نظمن بابت فڪري ۽ نظرياتي طور گهڻا اتساهت آهن. هو انهن نظمن کي بار بار پڙهڻ چاهين ٿا ۽ اڪثر انهن جي پُڇا پڻ ڪن ٿا، ته اهي نظم ڪهڙي مجموعي ۾ آهن؟ سو اهي نظم هاڻ هِن مجموعي ۾ آهن:

وقت تلوار ٿي پوي ته پڃوس
(مانار، ص: 328)

رات جي دانگيءَ مٿان
چنڊ جو لولو ٿڦيل
(هڪ راڪشس- ص: 118)

۽ مون جڏهن پنهنجي پسنديده نظمن جي فهرست ناهي ته اها ايڏي طويل ٿي ويئي جو هر نظم تي ڪجهه ٻه لکڻ ڪان سواءِ محض نظم جون ڪجهه سِٽون شيئر ڪرڻ جي خيال کي ٻه ڇڏڻو پيو. پر تڏهن ٻه ڪجهه خاص نظم اوهان سان ضرور شيئر ڪنديس.

سندس نظم "هٿ ڏريل آهي سيني تي" ڳُني سامتاڻيءَ جي هارٽ اٽيڪ تي لکيو ويو هو ۽ ان جو عنوان بہ "هارٽ اٽيڪ" ئي هو، ان جون اوپننگ لائنز آهن:

آڳ- بخاري ۾ روشن هئي جا، نيٽن وانگي سا بہ اجهامي وئي،
رک بچي هئي هوا لڳي سا بہ اجاتن ڏيهن ڏانهن اُڏامي وئي،
جنهن ٽيبل تي ڪتاب رکيل هوندا هئا، سا ٽيبل بہ وڪامي وئي.
(ص: 229)

ان ريت سندس هڪ نظم "شال!" سنڌونديءَ لاءِ هڪ دعائيہ نظم آهي، پر هو سنڌونديءَ سان گڏ ان جي ڪنارن تي ڪوٽڙي شهر ۾ ڪلپنا/موهن ڪلپنا کي پڻ ڏاڍي سِڪ اُڪير سان ياد ڪري ٿو، ۽ موهن ڪلپنا کي ايڏي وڏي شرڌانجلي شايد ئي ڪنهن ڏني هجي:

رات اُماوس هئي جهُڙ جهڙالي هئي
بس رکيو شمع جان پاڻ ٻاري سگهيو
جيترو تي سگهيو ٻات ٽاري سگهيو
۽ سچا سون جهڙا لکيائين اکر
ڪجهہ ڪري جي سگهيو ڪُر اُجاري سگهيو
۽ ڪِريل جي بہ تحت الثريٰ ۾ هئا
سِجَ وانگي انهن کي اُڀاري سگهيو
(شال- ص: 181)

امداد پنهنجي پيارن کي پنهنجن دوستن کي پنهنجي شاعريءَ جو حصو ايتري ئي تخليقي سطح تي بڻايو آهي، جيترو هو: "ٻن اجنبي اداس اکين، کيromanticize ڪري نظمائي ٿو:

هيوج ڪار پنئين سِيٽ تان اُداس بہ نيڻ
بنان نهار جي مون ڏي ڏسي رهيا آهن
(اُداس نيڻن جي نانءُ- ص: 126)

پنهنجي هڪ نظم "يارن جي ياد" ۾ هو رشيد (ڀٽي) تنوير (عباسي) ۽ اياز (شيخ) کي دل جي حضور سان ياد ڪري ٿو ۽ لان ۾ گلابن، هٿ ۾ جهليل جامن سان چاندوڪيءَ جي آبشار ۾ وهنجندي، دوستن سان گڏ ان رات کي ڪيڏيءَ نہ خوبصورتيءَ سان سٽن ۾ سمائي ٿو ۽ دوستن سان ڪيل هزارها سهس- رنگي ڳالهين کي هيئن چٽي ٿو:

۽ ڳالهڙين جا هزارها پرت سهس رنگي سمئہ جي گج تي پري ڇڏياسين
۽ سنڌ جي ڳالهہ جيئن نڪتي
تہ خوف خطرا ڌرم ڪرم سڀ پري ڇڏياسين
اياز محفل منجهان اٿي ويو تہ جام اونڌا ڪري ڇڏياسين
(يارن جي ياد! ص 254)

ان ريت هو پنهنجي هڪ بيحد خوبصورت نظم ۾ پنهنجي دور جي هڪ سيني پارين سهڻي هستي "قبلہ مخدوم طالب الموليٰ" کي ياد ڪندي، پنهنجي ڏاتار کي ياد ڪري ٿو جنهن ڏات ڏنس ۽ چئي ٿو:

تو پرينءَ کي ڏٺو اسان توکي
(ص: 255)

امداد حسينيءَ جي نظمن جا موضوع سهس- رنگي ۽ سهس- روپي آهن، سندس نظمن جي موضوعن ۾ سموري ڪائنات اچي وڃي ٿي. هو بين الاقوامي سطح تي ٿيندڙ هاڃن، ۽ ظلمن کان پاڻ پري نٿو رکي سگهي، هن جو شعور ڪيس ان گئس چيمبر تائين وٺي وڃي ٿو، جتي هڪڙي ٻٽڻ دٻائڻ سان هزارين جانيون ناس ٿي وڃن ٿيون:

حيات آهي يا گئس چيمبر
ٻٽڻ دٻائڻ جي دير آهي
رڳن اندر پيٽرول جو وهڪرو
رڳو لائٽر جلائڻ جي دير آهي
هڏن اندر مِڪَ ناهہ باروت آهہ
تيلي رڳو دُکائڻ جي دير آهي.

امداد پنهنجي هن نظم ۾ سموري انسانذات جي وناش ۽ تباهيءَ تي پنهنجي پيڙا ۽ درد کي بيان ڪرڻ لاءِ سموري دنيا ۾ حيلن بهانن سان تباهي پکيڙيندڙ/ ساڙيندڙ/ ٻاريندڙ ماريندڙ شين: پيٽرول، لائٽر، بارود، ٽائيم بم ۽ ٻاهہ جي اهڃاڻن کي استعمال ڪندي، گڏيل قومن جي ناڪاميءَ تي دنيا ۾ امن تباهيءَ تي گڏيل قومن جي ڊونگي روپ کي ائين چٽي ريٽي ٿو تہ:

نشان يو.اين.او جو ڳيرو نہ آهہ
ڳجهہ آهہ

**نظريا**
**آدرش**
**سمورا ئي ڊونڊ آهن!**

سو بين الاقوامي سطح تي ٽيندڙ پرماريت جا سمورا ڊونگي ٽڪسات شاعر- "ڳجهہ" جي اهڃاڻ ذريعي پڌرا ڪريو ڇڏي، ۽ اهائي شاعريءَ جي طاقت آهي. شاعريءَ جي ان طاقت جو اظهار پاڻ پنهنجي هڪ بيحد اهم نظم "گيت ماري نہ سگهندا" ۾ ڏکڻ آفريڪا جي شاعر "مولائيز" جي حوالي سان پڻ ڪري ٿو. "مولائيز" جنهن کي اتي جي ڏاڍن ڦاهي تي لٽڪائي ڇڏيو هو. اهو نظم شروع ئي لفظ "۽" کان ٿئي ٿو. يعني ان "۽" کان اڳ ۾ جيڪا بہ ماجرا ٿي چڪي، سي ڳالهيون چيون نہ ويون آهن، ۽ انهن اڻ چيل ڳالهين بابت پڙهندڙ پاڻ سوچي تہ "۽" کان پهرين ڇا ڪجھ نہ ٿي چڪو هو!

۽ توهان هن کي ماري ڇڏيو
اهو جنهن جا گيت
هوائن جا لهرا هئا
۽ ساگر کان گهرا هئا

اهو جنهن پرھ جي پکين جيئن لاٽيون لنيون ٿي
انهيءَ تي ئي پهرا هئا

ريک سرجڻ جي جنهن جي هٿن ۾ هئي
انهن ئي هٿن ۾ هيون هٿ ڪڙيون

اهو شاعر جنهن آزاديءَ جا گيت ٿي ڳاتا- جنهن غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان پٽي لاهي اڇلائڻ ٿي چاهيو، ان جي ڳچيءَ ۾ ڦاسيءَ جو ڦندو وڌو ويو:

اهو جنهن غلاميءَ جو ڳٽ
ڳچيءَ مان پٽي لاهي اڇلڻ چڏڻ ٿي گهريو
انهيءَ جي ڳچي ۾ رسو هو

۽ ان شاعر کي تہ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو، پر سندس گيتن کي ڪير بہ ڦاسي تي چاڙهي نہ سگهندو. ڪير بہ انهن کي ماري نہ سگهندو:

۽ توهان هن ڪي ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيو
پر هوائن کي ڦاهي تي چاڙهي نہ سگهندا
سندس گيت ماري نہ سگهندا.

"ٻيرو" ۽ "زيتون جي ٽاري" امن جي علامت آهن نظم "گئس چئمبر" ۾ "ٻيري" (امن جو اهڃاڻ) جي جاءِ تي ڳجهہ - جا ڊونڊ تي لهي تي ۽ موت جي علامت آهي- ڪي آٽي پاڻ يو اين او جي ڊونگي ٻهروپ تي چٽر ڪري ٿو. امداد جي شاعريءَ ۾ اهڃاڻن جو تز استعمال شاعريءَ کي گهرائي عطا ڪري ٿو- ۽ معنائن جا ست رنگا- ڪرڻا ستن کي وڏيڪ نرمل ۽ روشن ڪن ٿا. سندس نظم "مچ مچايون، هليا" ۾ استعارن، اهڃاڻن ۽ figures of speech جي هڪ پوري ڪهڪشان آهي: سرد اونداهہ، هڏن جو بہ ڳگرجڻ، ڪوڙ جي ڏوڙ، اکين تي رکيل هٿ- ڄميل، سوچ ۽ لوچ جو نرڻ ۽ ڄاڻ مرڻ ۽ اکر- نار نريل، ۽ سِٽ ڄمي برف ٿيل- ان سموري پيڙاتمڪ ڪيفيتن ۾ پاڻ درازا جي ڏٽيءَ کي پڪاري ٿو تہ:

سچ جو مَچُ مچايون هليا!

برهہ جي باهہ لڳائڻ ۽ سيخن تي ماهہ پچائڻ لاءِ هو سچل کي سڏي ٿو جو سارو سچو آهي. ان نظم ۾ پاڻ ڪوٽ ڪڙيل مارئيءَ کي سنڌ جي اهڃاڻ طور آٽي ٿو، سنڌ جتي اڄ بہ عشق روهہ رُليل آهي، جتي دلين ۾ دغائن جو اڄا زهر گهُليل آهي، جتي نفرتون چوٽ چڙهيل آهن، جتي پيار بنان ڏوهہ جهليل آهي تہ اهڙي وقت ۽ اهڙي ماحول ۾ هو وقت جي سرمد، منصور، ۽ عنايت صوفي کي "حق اناالحق" الائڻ لاءِ چئي ٿو، سرمدي وٺ ورهائڻ لاءِ چئي ٿو. ان نظم جي وچ ۾ بہ سٿون سنڌ جي سُورن کي وسعت ڏين ٿيون، بين الاقواميت جي رڱ ۾ رڱين ٿيون:

وڻ زيتون جو لبنان ۾ پاڙن کان پٽيل
امن انصاف جي نالي ۾ ڇتي جنگ لڳل
(مچ مچايون هليا، ص 330)

اسان جي ڌرتيءَ جي صورتحال بہ ان کان ڪجهہ مختلف ناهي، ان ڪري هو سنڌين کي "اپيل" ڪري ٿو. پنهنجي طويل نظم "اپيل" ۾ هو سنڌين جي سمورين ذاتين، پاڙن، نکن ۽ ڪُڙم قبيلن کي نانءُ ڪٽي پڪاري ٿو ۽ وينتي ڪري ٿو- هو چئي ٿو تہ:

پَر متڙيا، نہ ڪي اياڻا ٿيو،

ٿورڙو سوچيو، سياڻا ٿيو.
۽ اسان کان سوال ٿو ڪري ته:
امن ۽ آشتيءَ جي ڌرتيءَ تي
هيءُ مانڌاڻ آ متل ڇا لاءِ؟

"سنڌين کي به شل ڏيين ساجاهه" واري دعائيه بند کان پوءِ امداد ڪيڏي نه دردمنديءَ سان اسان کي چئي ٿو:

ته ڏيي جان اوهين ٻرڻ به سکو!
۽ اهو ته:
عفو ۽ درگذر ڪرڻ به سکو!

اڄ اڄو ته اسين سڀ گڏجي انهيءَ نفرت جي باهه تي مٽي وجهون، جيڪا سڀڪجهه ساڙي ٻاري رک ڪري رهي آهي:

ته انهيءَ کان اڳي جو سنڌ سڄي
انهيءَ آڙاهه ۾ وڃي رک تي
سڀ اڄو پيٽرول جي بدران
ڀڙڪندڙ باهه تي وجهون مٽي!

شاعريءَ ۾ ٻولي، لهجي، هيئت، پيشڪش، خيال، فڪر، تصور، احساس، ادراڪ، وجدان، مسلسل محنت ۽ رياضت جي اهميت آهي ۽ اهي ڪُل ۾ جُز وانگي آهن. امداد جو نظم "پناڻي تنهنجو ناءُ" ان جو مثال آهي، جنهن ۾ سسئي پنهنجي پنهونءَ ڏانهن ائين وڃي ٿي:
سنڌوءَ جنءَ ساگر ڏي
سورج جنءَ اوڀر ڏي
۽ اهي ٻه سٽون هر بند کان پوءِ ورجائجن ٿيون، ان نظم جو آخري بند سسئيءَ جي انهيءَ سفر جي هڪ نئين شروعات آهي:
تيز هوا ۾
قاتل ساتل ڪنجري جي
جهنڊي کي جهولائيندي
انءَ تي ڪاهيان ڪيچ شهر ڏي
هنج اُڏري جنءَ سر ڏي

پوڄاري مندر ڏي
سنڌوءَ جنءَ ساگر ڏي
سورج جنءَ اوڀر ڏي
(پَنائي تنهنجو نانءُ- ص: 78)

"قيدي" بہ موجوده دؤر جو هڪ اهم نظم آهي. ڪتاب ۾ ان تي نوٽ شامل آهي، پر آءٌ پڙهندڙن جو ڌيان ان نظم ۾ پيش ڪيل اُن دؤر جي ادبي صورتحال ڏانهن ڇڪايان ٿي، جيڪا اڄ بہ نہ رڳو موجود آهي، پر ويتر ابتر ٿي آهي. ان نظم ۾ ڪردار آهن، رويا آهن، قدر آهن ۽ بيقدري بہ آهي. ادب جي نالي ۾ بي ادبي بہ آهي، ۽ هڪ 'مهاشيہ' آهي:

ٻاهران صاف ۽ اڇو اُجرو
پر اندر ۾ رڏو پيو آهي
جڻ ڪفن پوش لاش آهي ڪو
ڊوندي جي ڏيڀ تي اڇي جنهن مان
(قيدي- ص: 220)

سٺ جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي تحريڪ پنهنجي عروج تي هئي، تڏهن ڪيترائي عام ماڻهو، غريب مسڪين ماڻهو، پورهيت ماڻهو شهيد ڪيا ويا هئا، امداد اهڙن ڪيترن ئي بي نام شهيدن تي پنهنجي شاعريءَ جا گُل نڇاور ڪيا آهن. "بلو شهيد" بہ انهن مان ئي هڪ هو ۽ ان نظم ۾ امداد هن عام ماڻهوءَ کي سلام پيش ڪيو آهي:

هي رَتُ جيڪو ڌوڙ ۾
بہ ٽِڪ ٻِڏي ٻهي رهيو
اهوئي رَتُ صبح آ
اهوئي رَتُ شام آ
(بلو شهيد تي سلام- ص: 85)

امداد لاشڪ تہ مسلسل تجربي جي مرحلن مان گذرندو ٿو رهي. "واپسي" نظم ان جو مثال آهي. جنهن جو موضوع "جنگ" آهي. جنهن ۾ انسان جي هٿان انسان مري ٿو، شهر تباهہ ٿين ٿا ۽ پاڇي ڪجهہ بہ نٿو بچي ۽:

اوچتو اوچتو خاموشيءَ جو سينو چيري
هڪ ٽري ناٿ ٽري گوليءَ جو سڏڪو اُڀري!

ڊاڪٽر الياس عشقي "حملو" نظم کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري دنيا آڏو پيش ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، هي بي قافيا نظم به انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري دنيا آڏو پيش ڪرڻ گهرجي.

ان ريت امداد جا گيت آهن جيڪي ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڳايا ويا ۽ عوام ۾ گهڻا مقبول ٿيا، سي پڻ هن مجموعي ۾ موجود آهن، امداد جا مختصر نظم آهن، غزل آهن، ٽيڙو آهن، وايون آهن، ترائيل آهن، بيت آهن، دوها ۽ بي قافيا دوها آهن، جيڪي تجربي جي ڪوناريءَ ۾ پگهري ڪُندن ٿي چڪا آهن ۽ انهن مان هن جيڪي ڳهه گهڙيا آهن، اهي سنڌي شاعريءَ جي ڪونج ڳچيءَ جو سينگار آهن. انهن مان ڪنهن جو مثال ڏيئي ڪنهن جو مثال ڏجي!

هو انتهائن ۾ هِڪ نئين ابتدا ڪرڻ تي آياري ٿو، هو انتهائي مايوسين، بي وَسين جي اونداهين ۾ سورج اُيرڻ جي ساک ڏي ٿو. ان ڏس ۾ آءٌ امداد جي نظم "ڏارين ۾ هڪ پنهنجو" جو آخري بند ڏيئي پنهنجي ڳالهه ختم نه، پر شروع ڪريان ٿي:

تاڏي تو دنبوق سِڌي ڪئي
جاڏي ڪوئي هنج اُڏاڻو
جڏهن جڏهن به بلاول ڄائو
تڏهن تڏهن تو ڪوڙيو گهاڻو
پوءِ به سچ ته سورج وانگر
ڪونه اُجهاڻو ڪونه اُجهاڻو!

## Mohammad Ibrahim Joyo

### Gems of Poetry

**Tikhur** on the west bank of Sindhu is known for its great poets and prose writers, **Syed Imdad Hussaini** is the rarest gift, this town has given to Sindh in the post-Pakistan period of its history - **Imdad's** contribution in free verse are the gems of his poetry, and his long poems are reflecting the soul of Sindh and the spirit of Sindhi people in their struggle for justice and national rights & his poetry will remain as a model and an ever-shining example, generation after generation, and our poets will follow-him as his contemporaries do. The people of Sindh and the Sindhi Speaking people all around the world read him, sing him & adore him, and keep his couplets in their heart.

## Rasool Bux Palijo

### Sweet Melodies

**Imdad Hussaini's** powerful patriotic poetry has inspired Sindhi nation in its long and arduous struggle for social and spiritual emancipation.

With the passage of time it gain social maturity and deeper insight. Rooted in the Socio-Economic sufferings of struggling humanity inhabiting the global village. Voicing its deep feelings and aspirations, and synthesizing the best elements of the loftiest and noblest social ideas of our epoch. It is free of the out-worn similes, the over-worked poetic cliche's , and the hackneyed metaphor. His fresh, spontaneous and captivating couplets and sweet melodies enchanted a generation of lovers of Sindhi culture and poetry.

## Ghulam Rabbani Agro

### Sindhi will be Proud of Imdad Hussaini

**Imdad Hussaini** was born in a small village of Sindh, called Tikhur which is famous for producing eminent poets and prose writers, who enriched Sindhi literature in the 20th Century What makes **Imdad** distinct and distinguished from this galaxy of writers & poets in Sindhi literature, is his own unique style, diction and creative imagination. **Imdad** is acknowledged to have inspired a full new generation of poets and writers. Shaikh Ayaz, the greatest poet of our times once told me that:

***It is his considered opinion that among his junior contemporaries Imdad is the truly creative poet, with a bright future.***

**Imdad,** Tanveer and myself have worked together for more than three decades to foster the language and literature of Sindh. I can therefore say with some confidence that I never saw any ambiguity in his word and deed. The future generation of Sindh will be proud of**Imdad Hussaini** as a man and as a poet.

# Siraj

## But Sindh Shall Never Die!

It is impossible to categorize a great poet. All one can do is to count the blessings he bestows on the language and its literature. Like Ayaz, **Imdad** is not only a master craftsman, but a true representative of the dreams of ordinary Sindhi people. In a manner of speaking, he is a folk poet - a people's poet, but his poetry's content and idiom is more sophisticated & richer. **Imdad** has given new meanings to numerous ordinary and plain words used in rural Sindh. His command of rural sensibilities has given to his poetry a richness rarely seen in his generation. While other Sindhi poets of his generation depend on themselves and are satisfied with their inner resources. **Imdad** looks to the experiences of life to furnish the material for his inspirations. His eager desire for knowledge, love, experience, suffering and above all his longing to see Sindh and its people to survive and surface from the ugly morass of present day Socio-Economic-Polity of Pakistan has made him a distinctive and remarkably lovable poet of Sindh, that is why in one of his poems "marni naahay Sindh", he says:

***"Life is like unspunned thread***
***We- you and me- may die***
***But Sindh shall never die!"***

